# پروليون ، ڏِٺون ، معمائون ۽ ٻول

لوڪ ادب سلسلي جو ٻارهون ڪتاب

# پروليون، ڏِنون، معمائون ۽ ٻول

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

١٩٨٣ع

چاپو پهريون — آگسٽ ١٩٦٥ع — تعداد ١٠٠٠

چاپو ٻيون — آگسٽ ١٩٨٣ع — تعداد ٢٠٠٠



[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]


[redacted]

Rs 45X.-00


ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

هن ڪتاب جو ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٢ تائين مقدمو ۽ ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٣٢ تائين مواد عارف برقي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ باقي سمورو مواد سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

ٻهريون ته هن تجويز موجب، جملي سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ڏيهه اکريون، ڪافيون وغيره. مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينهٖ 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اجا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي

جن هن تجويز کي سن ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ياٿين ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سچاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو ٻارهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي ڀيٽي، ترتيب ڏيئي، نومبر ١٩٦١ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ مسوده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، ڀيٽڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي<br>
حيدرآباد<br>
١٠- آگسٽ ١٩٦٥ع

خادم العلم<br>
نبي بخش

# بابن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: ساديون پروليون | ... | ٣ |
| باب ٻيون : ساديون منظوم پروليون | ... | ١٨ |
| باب ٽيون : ڳوڙهيون پروليون | ... | ٣١ |
| باب چوٿون: ٻول - پروليون | ... | ٥٦ |
| باب پنجون: دستاب | ... | ٨١ |
| باب ڇهون : هيماريون ۽ ڳوڙها | ... | ٨٩ |
| باب ستون : ڏٺ پروليون | ... | ١٢٦ |
| باب اٺون : روايتي ڏنون | ... | ١٣٨ |
| باب نائون : معمائون | ... | ١٥٥ |
| باب ڏهون : ٻولن واريون روايتي منظوم معمائون | ... | ١٨١ |
| باب يارهون: گرو چيلو | ... | ٣١١ |
| باب ٻارهون: سگهڙ پائي جا ٻول | ... | ٣٤١ |
| باب تيرهون: عاقلاڻا قول | ... | ٣٧٠ |

سنڌ وارن جي ذهانت ۽ ظرافت جو ڪمال ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بياني وسعت جو معجزو آهي، جو سنڌي ۾ خود 'پرولي' جي گوناگون نمونن ڪان سواءِ، ان ۾ هن فن جا ٻيا قسم، مثلاً دستاڳ، ڏٺ، معما، ڳجهارت ۽ عُقدن وارا سوال جواب ۽ قسمين قسمين عاقلاڻا ٻول ۽ گفتا موجود آهن. سنڌ جي ايراضي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آدمشماري جي لحاظ سان، هن فن جو مجموعي سرمايو جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، اوترو دنيا جي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته 'پرولي' هن فن جي مڙني قسمن جو مول آهي. يعني ته پهريون ڏاڪو يا بنيادي باب آهي. پروليءَ جي هيئت ۽ قالب ۾ مختلف جزا سمايل آهن: فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت، ۽ نڪتن ۽ حوالن جي پروڙ پرولي جي پس منظر جا اهم اسباب آهن، تشبيهه ۽ استعارو پرولي جي جان آهن؛ ذهن جي تيزي، ظرافت جي چاشني ۽ بيان جي لطافت ان جي معنوي اثر جا صيقل آهن.

وندر ورونهه ۽ ريجهه رهاڻ خاطر پروليون عام طرح استعمال ٿين ٿيون، مگر ماضيءَ جي روايتن ۽ داستانن جي اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو ته عام توڙي خاص طبقي ۾ پروليون مختلف مرحلن تي مختلف مقصدن خاطر استعمال ڪيون ويون. سنڌ ۾ ڪجهه پيغام موڪلڻ جو هڪ ذريعو جو غالباً گهڻو آڳاٽي وقت کان استعمال ٿيو، سو اهو ئي هو جنهن کي نسبتاً پوئين دور ۾ 'ڳنڍ' يا 'موڙي' سڏيو ويو: يعني ته هڪ طرفان ڪي شيون ڳنڍ ٻڌي موڪليندا هئا، جن کي آڏو ٻيءَ ڌر وارا ڇڙي پروڙي ان موجب عمل ڪندا هئا. سنڌ جي حاڪم مرزا محمد باقي، اڪبر بادشاهه ڏي 'ٻڌ' ٻڌي ڏياري

عنوان سان 'باب ائين' هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي.

معمائون. 'معما' معنيٰ مخفي راز يا رمز. سنڌ ۾ اهو لفظ، 'مام' جي عام اچار سان، ڳجهي اشاري يا ڳجهارت جي معنيٰ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج آهي. ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ شيخ لطف الله قادري جي چيل هڪ بيت جي سٽ آهي ته:

"پرين پاڻهي ڏني پانهجي، ڪا لوڪان ڳجهي مام".

'معما' يا 'مام' ڳوڙهي پروليءَ جو اعليٰ نمونو آهي. سٽاء جي لحاظ سان 'ڏٽ پرولي' ۽ معما ۾ هيءُ فرق آهي جو 'ڏٽ پرولي' اڪثر ڪنهن ڏنل شيءِ يا واقعي بابت هوندي آهي، پر 'معما' ڏنل ڪان سواء ڪنهن ٻہ اڻ ڏنل شيءِ يا سمل ٻڌل ڳالهہ يا مذڪور بابت بہ ٿي سگهي ٿي. ڏٽ پرولي ۾ اڪثر هڪ شيءِ جو بيان هوندو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ کان زياده شيون هونديون تہ بہ بيان جي سٽاء سادي ۽ سولي هوندي. ان جي برعڪس 'معما' ڪنهن هڪ شيءِ بابت بہ زياده تفصيل ۽ وڌيڪ مبهم اشارن سان سٽيل هوندي. انهيءَ لحاظ سان سولي 'معما' ڏٽ جهڙي، تہ 'ڳوڙهي ڏٽ'، معما جهڙي لڳندي. ان جا مثال 'چڪيءَ' تي چيل سگهڙ پٽيهي جي ڏٽ (ص ١٢٨) ۽ ساڳي 'چڪيءَ' تي چيل سگهڙ لاڙڪ جي معما (ص ١٦١)، يا رپٽي تي چيل چتري سوُنپار جي ڏٽ (ص ١٣٠) ۽ رپٽي تي چيل سگهڙ طاهر جي 'معما' (ص ١٦٧) مان ظاهر آهن. 'ڏٽ' ۽ 'معما' ۾ ٻيو خاص فرق هي آهي تہ 'ڏٽ' ۾ اڪثر ڪنهن هڪ شيءِ جي ٿورن آهڃاڻن جو بيان هوندو، پر معما ۾ يا تہ هڪ شيءِ جي گهڻن اهڃاڻن جو تفصيلي بيان هوندو يا اڪثر هڪ کان وڌيڪ شين جو مذڪور هوندو. ڪي 'معمائون' پنهنجي انوکيءَ سٽاء سان چوُ 'ڏور' واري حيثيت رکن ٿيون، مثلاً:

جن کان متاثر ٿي سنڌ جي سگهڙن پنهنجي رس رهاڻ خاطر گرو چيلي جا سوال جواب جوڙيا. گرو چيلي جي سوالن جوابن جو اصل موضوع غالباً 'جوڳ گيان' هو، پر سنڌ جي سگهڙن پنهنجي طرفان انهيءَ نوع تي جوڙيل سوالن جوابن کي ذهانت ۽ ظرافت خاطر استعمال ڪيو، ۽ انهيءَ رس رهاڻ کي 'گرو چيلو' سڏياٺون. اها ڪچهري سگهڙن وٽ اڃا تائين هلندڙ آهي ۽ رمضان وادي، چاڪر خان ۽ لعلڻ خان لغاري (جو هن وقت زنده آهي) جا انهيءَ نهج ۽ نموني تي چيل بند (ص ص ٢٢٩ – ٢٤٠) ان تي شاهد آهن.

سگهڙپائي جا ٻول ۽ عاقلاڻا قول. 'سنڌي ٻوليءَ' ۾ سهڻن ٻولن ۽ قولن جو ڪاٿو ئي ڪونهي، پر هن جلد جي موضوع جو تعلق اهڙن ٻولن ۽ قولن سان آهي جن ۾ پرولي واري رمز سمايل هجي. اهڙيءَ رمز وارا ٻول ۽ قول به انيڪ آهن، پر هن جلد جي لحاظ سان خصوصاً اهي چونڊيا ويا آهن جي سگهڙن جي رس رهاڻ ۾ عام مروج آهن ۽ انهيءَ ڪري لوڪ ادب جي دائري ۾ شامل آهن. 'باب ٻارهين' هيٺ سگهڙپائي جا اهي ٻول ڏنا ويا آهن جي سوال جواب واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن. ماڻهن جا اچڻ ۽ ارڪان يا شين جون خوبيون ۽ خاميون انهن ٻولن جو خاص موضوع آهن، جن ۾ سنڌي معاشري ۽ تهذيب جي معيار جا ٿانا ۽ آهڃاڻ نمايان طور نظر اچن ٿا.

'باب تيرهين' هيٺ 'عاقلاڻا قول' ڏنا ويا آهن جن ۾ سالڪن ۽ سگهڙن پنهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ مطابق نصيحت آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي ڀوڙي ظرافت سمايل آهي. هن جلد جي موضوع جي لحاظ سان خاص اهڙا قول چونڊيا ويا آهن جن ۾ 'پرولي' واري سٽاءَ سمايل آهي. مثلاً، پِٽن جا ڀار ڪهڙا؟ ڇا تي ڀروسو نہ ڪجي؟ ڪهڙو ڪهڙي گڻن سان سونهي؟

## مواد ۽ ان جي ترتيب

سواءِ 'ڪڇ ڄهارت' جي، ٻروليءَ جون ٻيون مڙيئي مکيه صنفون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ۽ انهن جي انفرادي خصوصيت ۽ موضوع جي لحاظ سان انهن کي تيرهن بابن هيٺ سلسليوار مرتب ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب جي اڳ ۾ مهاڳ طور هر صنف بابت مختصر سمجهاڻي ڏني وئي آهي، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ کي ان صنف جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن جلد جو مواد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪافي ڪشالي سان گڏ ڪيو ويو ۽ مختلف صنفن جون اندازاً ڇهه هزار کن روايتون مليون، جن کي پيٽي زياده عام مقبول ۽ معياري روايتون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون، جن جو عدد ۱۳۰۵ آهي. ٻروليءَ جي مختلف قسمن جي ايڏي ذخيري کي سهڻي نموني سان سموهي سلسليوار مرتب ڪرڻ هڪ مشڪل مسئلو هو جنهن کي ڪافي محنت سان موجوده ترتيب ذريعي قدري حل ڪيو ويو آهي. ضخامت ۾ نسبتاً هن ننڍي جلد کي مرتب ڪرڻ ۾ لوڪ ادب سلسلي جي ٻين گهڻن ڪتابن کان وڌيڪ وقت لڳو، پر هيءَ محنت اميد ته آئينده تحقيق لاءِ راهه روشن ڪري سجائي ثابت ٿيندي.

ن. ب.

# مـتـن

# باب ٻهريون

## ساديون ٻروليون

[ هن باب ھيٺ اهي ساديون ٻاراڻيون ٻروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيٺي' اڪثر ننڍن جملن يا ننڍن موزون فقرن تي مبني آهي ۽ 'ٻجھڻي' ۾ اهي شيون آهن، جي گهرو ماحول يا روز مره جي زندگي سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن جي ٻارڙن کي گهڻو ڪري پوري پروڙ آهي.]

**آرِ (جيت)**

١. هيڏڙي تير جيڏڙي، وڻن ۾ ٿي واڪا ڪري.[1]

**آسمان ۽ تارا**

٢. باغ ٽڙيو پيو آهي، پر ميڙڻي ڪونه.

**آڱريون**

٣. ويهن جو سر لٿو، نڪي مٺا، نڪي رت وهيو.

**آڳٺو**

٤. اونڌو نه هڪ، سنئون نه ٻه.

٥. هو منهنجي هٿ ۾، آءُ اُن جي پيٽ ۾.

٦. تون ڏس مون ڏي، نه مان ڏسان توڏي.

**آٽ جو پيڙ**

٧. ٻرپٽ ۾ لولو پيو آهي.

**اخبار**

٨. گهر ويٺي گهوٽ، خبرون ڏئي پرديس جون.

---

١. ٻي روايت: هيڏڙي پيٽيءَ جيڏڙي، جهنگل ۾ ٿي ريهون ڪري.

### آرٽي

۹. سُڪو ڏينگهر آنا لاهي.

### اڪ

۱۰. پيئي پاڻي، ڏئي کير.

### اڪ جا ٻج

۱۱. رڻ پٽ ۾ ٻگڙ ٻوڙ.

### اڳڻ

۱۲. سوڙهي گهٽيءَ ۾ نانگ.
۱۳. ٻن ٻيرن ۾ هڪڙو نانگ.

### انب

۱۴. هيڏڙو پڻاڻ، جنهن کي پيٽ ۾ ڏاڙهي.
۱۵. پيلو ويس، ڪاري ٽوپي، تنهن کي ٿو چُمين!

### باهه

۱۶. گهرگهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار.
۱۷. ڳاڙهي ڳاڙهي ڳئون، ڳات واريو ٿي ڪاٺ چري.

### باهه ۽ دونهون

۱۸. ڳاڙهي ماءُ، ڪارو پٽ.
۱۹. ماءُ کان پٽ وڏو.
۲۰. ماءُ ڄائي ناهي، پٽ ڪوٺا ٿو ٽپي.

### ٻصر

۲۱. مٽ جيڏو مڙس، گوڏي جيڏي ڏاڙهي.
۲۲. هيڏڙو پڻاڻ، سڄي گهر کي روئاڙي.
۲۳. وڍين به پاڻ، روئين به پاڻ.

### بندوق

۲۴. ڪاري ڪتي، ڏورانهون ڏاڙهي.

### بندوق ۽ ڇرو

٢٥. ڏِڪي ڳئون، پڇي ڳابو.

٢٦. رنگي آٺِ ماري گونرو.

### بيضو، آنو

٢٧. اڇو اڇو ڪير جهڙو، جنهن کي دري نه دروازو.

٢٨. آڇو ڦو ٻير جو، جنهن کي دري نه دروازو.

٢٩. اڇو ڪوٽ عمر جو، جنهن کي دري نه دروازو.

٣٠. هڪ رنگي شيشي، ٻه رنگو پاڻي.

٣١. ٻاهران سڪو، اندران آلو.

### ٻهارو

٣٢. گهر گهر ۾ لڏڙو ليٽي.

٣٣. گهر گهر ۾ اچي وڃي.

٣٤. در در تي ڏُنبو ليٽي.

٣٥. مٿ جيڏو مڙس، ڇڄ جيڏي ڏاڙهي.

### ٻير (وڻ)

٣٦. چٽي ٻه ماهُ، مارچي ٻه ماهُ.

٣٧. ٻچن ساماڻي ، ماهُ مار ڪاڻهي.

٣٨. ماهُ ڪُٽجي، پُٽ بازار ڳيهز.

### ٻير ۽ ڪنڊو

٣٩. هٿ لايان لال کي ته ڏِنگو پيو ڏِنگ ماري.

### ٻيڙي يا ڏاڏنگ

٤٠. هلي هلي، پير نه ليهي.

### ٻيڙي

٤١. جيئن چڪ، تيئن چوٽي.

---

٣١. ٻي روايت: منجهه سائو، ٻاهر سُڪو.

٣٩. ٻي روايت: هٿ لايان لال کي ته ڏِڀو پيو ڏنگ هڻي.

### پنيوري

۴۲. ڇولٽي، قرموٽي، پر نہ لڳيس پيٽ ھان،

### ٺماڪ

۴۳. ٺڙ ٺڪون جهلي، پن پٽسا ڪري.

### ٺڳو

۴۴. ڪارو ڳڏھہ، اڇا آٽر لاھي.

### ٽر ڪنڀيو

۴۵. ڏونرو ڏڪو ڏوڙ ۾، متي ٽنپارو.

### ٽوڏي

۴۶. ڏوڙ ڏبا سٽيهڙ ۾ ڪڻ.

### ٽيڻهر

۴۷. ٺنڊ قتل نينگري، رڻ ۾ رات وھي

### ٺڦڙي

۴۸. ڳهرڳهر ۾ ٻوليي سائيي.

### ٽوپي

۴۹. اونڌي وتيي انگهہ ۾.

۵۰. سنٿين تہ سڪٿي، اونڌي تہ پريل.

### ڏوھہ جي ول

۵۱. رڻ پٽ ۾ روجهہ وياڻي.

### ڏهڪڻ (ڏار جي)

۵۲. چور نہ مونڪي، نہ ڪٽيان نہ ٽوڪي.

۵۳. هڪ ٽنگو همراه، چوڏهن ڪي چماٽون هڻي.

---

۴۵. ٽر جو ڪنب (جو ڪنيءَ ڏن وڏو ٿئي).

۴۶. يعني ڏوڙ ۾ ڏبيل آهي ۽ سهي وانگر پہ ڪن اٿس.

## پاڇو

٥٤. سيڪنهن ساڻ.
٥٥. هڻ هڻ نه ويجي ٿي نه.
٥٦. نه پُورجي، نه ويجي.
٥٧. ڪٽان نه ڪجي نه، توريان نه تولو ٿي نه تئي.
٥٨. ڏينهن چڙهي نه نميو، ڏينهن لهي نه وڌو.
٥٩. هل نه هلي، ٻيهه نه ٻيهي رهي.
٦٠. گُهمي هڪ، لڳن ٻه.

## پٽن جي تاس

٦١. هڪ محلي ۾ چار گهر، گهر گهر ۾ تيرهن پاتي.

## پڪو

٦٢. گهر گهر ۾ آندن ويڙهي.

## پڇ

٦٣. پاڙ مٿي، سنگ هيٺ.

## پکال، ساندارو

٦٤. مٿو جانور پٽن پويان.

## پرٽ

٦٥. ڪائي ٻه، ڏڪي ٻه، ڪلي ٻه.

## پکو (ڪرڙ جو)

٦٦. رتو ڏيو رنگ پريو، ٻيٺو لوڏا ڪائي.
٦٧. گڙ ڪائيي، گوتري قئي ڪر.

## پيٽ

٦٨. گرانٽ جيڏو گنڊڙو، خرار ڪپاڻي.

---

٦١. ٻي روايت: چار رنگ، هر رنگ ۾ ١٣ پتا.

### پېرون

٦٩. ماس میٹو، پر هڏي ڪوڙي.

### پېڱهه، پېڱهو

٧٠. ڏڪو ڏيان ته وري وري اچي.

٧١. مان ڏڪ ڏڪ، تون وَر وَر.

### جُتي

٧٢. انڌي ڪُتي لوڙها لتاڙي.

٧٣. هلي ته ڏُکي، وهي ته ڦتڪي.

### جنب

٧٤. گهر گهر ۾ ريڏ رڙي.

٧٥. گهر گهر ۾ گهُر ڪٺو.

٧٦. اوڳاري ٻه، ڏُڪي ٻه.

٧٧. ڪائي وات ڪان، اوڳاري چيلهه ڪان.

٧٨. هڪ سڱي ٻڪري، اوڳاري واڙ پري.

٧٩. ٻري ٻڪري بادشاهه جي، اوڳاري پاٹو پري.

### جيون

٨٠. هيڏڙي، تيِر ڇيڏڙي، وٺن جا پتڪا لاهي.

### چاڏور

٨١. گهر گهر ۾ نوڙها نچن.

### چاڏٺت

٨٢. گهر گهر اگهيان مٺو مُردو.

### چلم يا حقو

٨٣. هيٺان دُنگ درياء، مٿان پوک سڙي.

---

٨٠: ٻي روايت: در ڏي ته نوڙها نچن.

٨٤. درياءَ ۾ ڍُهل وڄن، ماڙيءَ ۾ مڇ پري.

٨٥. ٻاهر لڳي مٽي کي، ڏونهون کن پير.

چلهه ۽ مارنگ

٨٦. گهر گهر ٽِڙ-ٽِڙي

چنڊ ۽ تارا

٨٧. اڌ مانيءَ جو پيا سڀ ڏونرا.

٨٨. ڪِنُ مانيءَ جو، پاڻ ڳِترن جي.

چوپڙ

٨٩. هڪ وڻ ۾ چار ٽاريون، ٽاري ٽاري ۾ چار ميوا.

چانهين، هنڌاڻو

٩٠. وڻ پٽ ۾ مِٺو مٽ.

٩١. سائي پاٽ، ڳاڙهو پٽ.

دروازو

٩٢. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهه جو لغام.

٩٣. هڪ جوان، ٻه پٽ.

درياءَ

٩٤. هنڌ وڇايو پيو آهي، سمهڻ وارو ڪونهي.

ڏونهون

٩٥. هٿ نڪو پير، مٿان ماڙيءَ چڙهيو.

ڏاڏو

٩٦. گهر گهر ۾ ڪُٻڙو (ڍُونڊو) چور.

٩٧. گهر گهر ۾ ڏِنگو ڪانيو.

ڏاڙهون

٩٨. هڪڙي مُٺ ۾ هزار داڻا.

---

٨٤. ٻي روايت: هيٺان ڍهل وڄن، مٿان ماڙي سڙي.

### ڏند

٩٩. آڇا ڇيڙ آڏ ۾ هاريل.

١٠٠. اڇا گهيٽا ٽنڊ ۾ ٻڌا پيا آهن.

١٠١. اڇن ٻه سئورن سان، وچن ٻه سئورن سان.

### ڏند ۽ زبان

١٠٢. ٻٽيهن ماڻڪن تي بلبل نچي.

### ڏندن ڀڳل وات

١٠٣. ٽوٽيون ٽپ نڪري ويا، متن سلامت رهجي ويو.

### ڏوئي

١٠٤. ڪاٺي ٻوڙ ٻلاءِ، پر سدائين ڏبري.

### ڏيڏري

١٠٥. ٻيل ويائي ڊوريءَ ۾، جنهن کي ٻاهٺ ٻچا.

### ڏيو

١٠٦. ڏڙ مٽيءَ جو، سيسي کپهه جي.

١٠٧. ڏيندي سڪي، ڏيتو مٺو.

### رات

١٠٨. شام جو اچي، صبح سان غائب.

### رات، ڏينهن ۽ تارا

١٠٩. ماءُ ميڙي گڏ ڪري، پيءُ اچي ته هڪ نه بچي.

### رنبيو

١١٠. اڇو اڇو، نٽنٽين تي نچي.

١١١. اڇو اڇو ريوڙو، ديسئون ديس گهمي.

١١٢. اڇو اڇو کير جان، پوچانس پير جان، ٻڌانس چورجان.

---

١٠٠. گڏا = گهيٽا.

### رنبو يا ڏوئي

١١٣. ڪائي ڪاٺي پر نہ ڏاڻي.

### ريل گاڏي

١١٤. هڪڙي ماءُ، سوين ٻار، ڪَڇ تي ڪنيو ٿي وڃي.

١١٥. ڪالي ڪالي، ٻچان والي، ڪُوڪان ڪندي وتي.

١١٦. ڪاري بلا ڪيٽ جهڙي، جيڪا ڏٺي نہ ڪُسي.

١١٧. ڪاري مينهن قندار جي نہ ڍهڻ جي نہ ڪُهڻ جي.

### زبان

١١٨. واڙي ۾ ٿي ٻؤر ڪُڏي.

١١٩. وچ درياء ۾ وهڙي ڪُڏي.

١٢٠. ڪَچ ڪوڏين جي مسيت ۾، بلبل بيٺي نچي.

### سال

١٢١. ٻَڪر هڪڙو، ڪُرَ ٻارهن.

### ساهمي

١٢٢. هڪ ڪاٺ، ٻہ لوهہ، ٽَوَ نوڙيون.

### سج ۽ تارا

١٢٣. ڏڻ آهي تہ ڏنار ڪونهي—ڏنار آهي تہ ڏڻ ڪونهي.

١٢٤. هتا هزارين هزار، پر هڪڙي آئي هَپڇي ويا.

١٢٥. ٻون پيءُ ڏٺو تہ سڀ مري ويا.

### سج ۽ چنڊ

١٢٦. هليا آهن تہ بيٺا نہ آهن.

### سُرهيڻاڏي

١٢٧. ٽيڇ ۾ ٽُنگ، چيلهہ ۾ چار ٽنگون.

١٢٨. چار پير زمين تي، هڪڙي اک آسمان ۾.

### سنوڻ

١٢٩. گهر گهر ۾ ماسي ميٺڙي.

### سوڙ يا واڙ

١٣٠. رات جو ڏکي، ڏينهن جو ڦندي.

### سنوڳو

١٣١. هنڌڙو پاڻ، جنهن کي پٺ ۾ لغام.

### سئي ۽ ڌاڳو

١٣٢. پاڻ ٿي آڳر، پُڇ ٿي پُرهه.

١٣٣. پاڻ ننڍڙي پڇ ڊگهو.

### قطب تارو

١٣٤. آيريو آهي ته لٿو ڪونهي.

١٣٥. ٿيو آهي ته چُريو ناهي.

### ڪٽر جي مشين

١٣٦. پويان ڪاٽي، اڳيان ڪاڍي.

### ڪپهه پڃڻ

١٣٧. نر نڪري ويو، ماديءَ تي پٺي مار.

### ڪڙ جي پُسي

١٣٨. رڻ پٽ ۾ ريٽو ٽنگيو پيو آهي.

### ڪڙو

١٣٩. در در تي ڏينگ نچي.

### ڪڪڙ

١٤٠. اول ڪُٺي پاسا، پوءِ ڪري ٻرڙات.

---

١٣٠. سوڙ (هنڌ جي) ۽ واڙ (مال جي).

١٤٠. ٻي روايت: اڳ ۾ ڪري ٿڦڙاٽ، پوءِ ڪري ٻرڙات.

ڪڪڙ ۽ بيضو

١٤١. ماءُ ڦندي، پٽ ڏڪو.

ڪلف

١٤٢. گهر گهر ۾ ننڍڙو سپاهي.

ڪلف ۽ ڪنجي

١٤٣. مڙس ٽنگيو پيو آهي، زال پٺي گهمي.

١٤٤. پٽ ٽنگيو پيو آهي، ماءُ وئي شهر گهمڻ.

ڪنجي

١٤٥. مڙس ڦاسائي، پاڻ هلي.

ڪوڏر

١٤٦. زمين تي وهڙي نچي.

ڪوئرو

١٤٧. گهر گهر ۾ ڪالُو ڪٻو.

ڪهاڙي

١٤٨. هيڏڙي، هٿ جيڏڙي، وڻن ۾ واڪا ڪري.

ڪڻ

١٤٩. جيڻن ڪليڻس، تيڻن وڏي.

ڪڙ ڪٻيٽو

١٥٠. هيڏڙو پناڻ، جنهن جي پنيان باهه.

ڪڏر

١٥١. سُتي ته ڪُتي، جاڳي ته جِنُ.

ڪنڀي

١٥٢. برپٽ ۾ آچو قبو.

١٥٣. جوان ته متو اچو، ڪُراڙي ته متو ڪارو.

**ڪوهہ ۾ رسو**

۱۵۴. پُڇ مڙس جي وات ۾، تاڻ وارو ٽُوڻ .

**ڪڻڪ ڀُوڻ**

۱۵۵. هٺان هيٺ، وچي مٿي .

**گاهہ**

۱۵۶. رڻ پٽ ۾ سائي چادر .

**گدڙي**

۱۵۷. گهر گهر ۾ مِٺِڙِ مائِي .

**گوگڙو**

۱۵۸. ڪِاڙهي گِدِڙِي، سائي ٽوپي .

**گهوڙي (سيُڻوين ڏاهپ جي)**

۱۵۹. هڪ ٽَئي ٻڪري، اوڪاري تڏا پري .

۱۶۰. هيڏانهن ڪئي، هوڏانهن ڪئي .

**لٽ**

۱۶۱. پاڻ اندي، ٻين کي وات ڏيکاري .

**لوڻيون (نار يا هرلي ۾)**

۱۶۲. اچن کلنديون، وڃن رئنديون .

۱۶۳. هڪ جيڏيون هڪ سرتيون، گهمن هڪ بازار .

**ماچيس جي ٽيلي**

۱۶۴. هڪڙو مگ ڏريان، سارو گهر پريان .

**ماڪوڙيون**

۱۶۵. رڻ پٽ ۾ رڻيون هار لُ .

---

۱۵۷. ٿلهي مائي .

۱۵۸. گدي = گدلي .

### ماڪي

١٦٦. رُتي ٻڪري رڻ ۾ وياڻي.
١٦٧. جبل ۾ جتري، موتين سان متڙهي.
١٦٨. گهيٽي، ۾ ٻيٺي، جتي ويٺي اتي وياڻي.
١٦٩. مال ڀُهري ويو، واڙ پئي ڏُيي.
١٧٠. ڪاري ڳئون ڪالهه ڪٽي، اڄ اهڙي جا اهڙي.

### مانيءَ پچڻ

١٧١. گهر گهر ۾ ناڙيون وڄن.

### ماءُ جا ٿڃ

١٧٢. ڪيرُ حلال، مانٺ مُردار.

### مڏو

١٧٣. اڇي زمين، ڪاري پوک.

### مرچ

١٧٤. ڳاڙهي گُندي: ڦِڪو ان.
١٧٥. هيڏو هيڏو پاڻ، جيڪو رانا ٿو رُڳاڙي.
١٧٦. نجمل جي ڳوٺري، ماءُ ماءُ جو ٻج.

### مڪائيءَ جو سنگ

١٧٧. ٻروچ ڪي ٻنيءَ ۾، منهن تي موهڙا.

### مک

١٧٨. هيڏڙي تر جيڏڙي، ميرن سان ٿي ماني کائي.

### مکڻ

١٧٩. اڇو ٻڪي ڏيند جو، جنهن کي هڏ نه گوڏ.

### منڊي، مانڊائي

١٨٠. گهر گهر ۾ ناچو نچي.

---

١٦٠. مال ڀهري ويو، وٿاڻ پيو وهي.
١٧٦. ٻي روايت: شيشم جي ڏبلي هاٿو هاٿو جا ٻج.

### منهن رکڻ

١٨١. نه ٽنگي ٻڪري، نه ڏيڙا ٻار ڏيکي.

### مڙ

١٨٢. بانڪو هلي بازار ۾، جنهن کي چاليهه چيلا ساڻ.

### موت

١٨٣. پيا مرن، پاڻ نه مري.

### مور

١٨٤. ٻن ٿونين تي باغ ٻترسيل.

### مورتون

١٨٥. جاءِ ۾ ويٺل حاڪمزادا، نڪي کائين نڪي پيئن.

### موري

١٨٦. پٽ ۾ مائي پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

### مينهن وسائڻ

١٨٧. رڻ پٽ ۾ رت ڦڙو.

### مڻ بتي

١٨٨. روئي نه ڏسي، ماٺ ڪري نه اندي.

### وات

١٨٩. هيڏي هيڏي دٻلي، جنهن ۾ ٻٽيهه ٻاوا.

١٩٠. متنهن هڪڙو، ٿوڻيون ٻٽيهه.

١٩١. هڪ کوٺي، لپ کوڏين جي.

١٩٢. دري کوڏين ڀري، اندر نانگڻ نچي.

١٩٣. هڏڙن جي مسجد، جنهن ۾ دلدل پيمي نچي.

### وات، پيچرو

١٩٤. رڻ پٽ ۾ رسو وڇايل.

**وڻو**

١٩٥. ڌڪ هڻ ته دانهن ڪري - هٿ لاءِ ته ماڪ ڪري.

**وڻ**

١٩٦. پاڻي ڏي ته پي وڃي - ماني ڏي ته رکي هجي.

**وهاڏو**

١٩٧. جنهن کي هڏ نه گوڏ - سڀ ۾ سيڪنهن سان.

**هفتي جا ڏينهن**

١٩٨. خلقيل خاوند جا - پنج نر ۾ ماديون.

# باب ٻيو

## سادڙيون منظوم ڏرٽيون

[ هن باب هيٺ ساديون منظوم ڀروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيڍي' ننڍن موزون يا منظوم فقرن تي مبني آهي. هي ڀروليون اڪثر ٻن يا چئن ننڍين هم قافيه مصراعن تي مشتمل آهن. ٻجھڻ جي لحاظ سان هي ڀروليون پهرئين باب ۾ ڏنل ڀرولين کان البت ڏکيريون آهن، مگر ٻجھڻ ۾ اهي ڏي شيون اچن ٿيون، جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن کان ٻارڙا گهڻو ڪري پوريءَ طرح واقف آهن.]

### آسمان ۽ تارا

١٩٩. سائي ول، اڇا ٻيتا—اڪين ڏٺا، وات نه چکيا.

٢٠٠. نيري آگڙي چانور ٻڌم—ڏينهن جو وڃايم رات جو لڌم.

### اُکيون

٢٠١. چار نر، سورهن ناريون—سڀن لئي سڀ سينگاريون.

### اڌوڙ

٢٠٢. جنهن کي ساهه نڪا سيسي—سا مون ڪاٺ ڇپيندي ڏٺي.

٢٠٣. هيڏانهن ٿوٽي، هوڏانهن ٿوٽي—
جيڪو نه ٻجھي، ان جي ناني سوٽي.

### آرٽي

٢٠٤. ڪاري ڪڪڙ ڏنبدار—آنا لاهي لک هزار.

٢٠٥. هميون پُٽ ڪاٺ جو، مٿيون پٽ لوهه جو—
جيڪو نه ٻجھي، سو پُٽ گوهه جو.

**آڪ**

٢٠٦. ڏَنڊَڪَ ڏَنڊي، لپڙ ڪڇي - اٺم ڏني، نہ اٺم چڪي.

**اڪر**

٢٠٧. اڇي وِل، ڪارا پتا - اڪين ڏنا، وات نہ چکيا.

**اڪيون**

٢٠٨. شيش گل، شيش گل، توڙي ڏين هزار گل -
تہ بہ نہ ڏيان هڪڙو ڳُل.

**اوبرو (ڪوڙڪي ڪم جو اوزار)**

٢٠٩. هيڏو هيڏو چوڪرو - ٻڌي ٻيٺو پوتڙو.

**ايٽ**

٢١٠. ڳاڙهو مٽيو رنگا رنگ - ٻارهن مٿا تيرهون سنگ.

**ٻاھم**

٢١١. ناناٺا لڏي ويا - ڳاڙهي ڪنوار ڇڏي ويا.

٢١٢. اوڙي وڃان پاڙي وڃان - گهر ۾ شيشو پوري وڃان.

**ٻصر**

٢١٣. اڇو ٻلو، سائو پڇ - توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پڇ.

٢١٤. هيترو هيترو پٽاڻ - جيڪو اڇين مڇن ساڻ.

**بندوق**

٢١٥. ڪاري ڪتي، ڏَر ۾ سُتي - جيتي رَڙ آئي دَڙڪي.

٢١٦. ڪاري ڪڪڙ ڏنبدار - جاڻي ٻچي، تاڻي مار.

٢١٧. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهہ جو لغام -
پيچ ڙي گهوڙا سنئون ميدان.

---

٢١٠. رنگيل ايٽ جي چڪر جون ٻارهن ڇهنبڙيون يا ڏيونيون ۽ تيرهون هيو.

٢١٧. ٻي روايت: هل ڙي گهوڙا، اڇڙو ميدان.

٢١٨. اڌ ڪاني، اڌ لوهه-ساهي آهيس سڄو ڪوهه.

٢١٩. ڪاري ڳئون، ڳاڙهو ڳابو-رنگي ڳئون، ماري ڳابو.

**ٻيضو، آنو**

٢٢٠. اڇي اڇي ماڙي-جنهن کي در نه تاڙي.

٢٢١. گول ڪول ڦٻو-جنهن جي پيٽ ۾ آ ڏٻو.

٢٢٢. ٻنان در جي هڪ مڪان-آن ۾ حلوائي جو دڪان.

**ٻٻُر**

٢٢٣. مٿان سائو، هيٺان ڳرو-جيڪو نه ٻجي ان کي چڙهي ٻرو.

**ٻهارو**

٢٢٤. ڪاري ٻلي، جهانئرو پُڇ-توکي نه اچي ته ٻئي کان پُڇ.

**ٻيت جو ڪنڊو**

٢٢٥. خان چڙهيو سڀ ڪيڙ ڳيوسڀ-خان لٿو سڀ ميڙ ڳيوسڀ.

**ٻنڀوري**

٢٢٦. ڳاڙهي ڳاڙهي ڪنوار-جيڪو نه ٻجي آن کي مار.

**ڀنڊ**

٢٢٧. سائي چادر، ٻاهتر ٻيڙا-هڪ هڪ ۾ سؤ سؤ ڪيڙا.

**ٽڙ**

٢٢٨. اٺ آنينگر، سورهن سينگر-چار چٽينگر، ٻه ٻُونگر.

٢٢٩. اٺ آنيلا، سورهن سيلا-چار چڱيلا، ٻه الٻيلا.

**ٽوم، ٿوم، ٿوري**

٢٣٠. اڇي ڇهر ڪي سائو پڇ-توکي نه اچي ته ٻئي کان پُڇ.

---

٢٢٧. ٻي روايت: سڏيون ڪامون، سنوان ٻيڙا.

٢٢٨ ۽ ٢٢٩. اٺ ٽڙ ڪيٽيءَ جا، سورهن ٽڙ ڀُونڊڻ (سادي سوئر) جا، چار ٽڙ ڳئون، مينهن وغيره جا ۽ ٻه ٽڙ ٻڪريءَ جا.

ڏاندبو
٢٣١. گهر گهر ۾ ڳاڙهو گهوٽ ــ وٺي زور نه چڙهي چوٽ.
پاچو
٢٣٢. آس ڏسيو آسريو وڃي ــ ڇانوَ ڏسيو ڇڄيو وڃي.
پڙ رُڻ
٢٣٣. هيڏو هيڏو پاڻ ــ جنهن کي سؤ سوراخن ساڻ.
پست جي ڏوڏي
٢٣٤. هڪ پکي جهنڊولي دار ــ جنهن کي ٻچا نَوَ هزار.
پڳهر
٢٣٥. آس ڏسيو آسريو وڃي، ڇانوَ ڏسيو ڇڄيو وڃي ــ
واءُ کان پيو وڻءُ وڃي.

ٻيهر
٢٣٦. ٻه ڀائر حصيدار ــ سڀهن گڏ هلن ڏار.
ٻيهسل
٢٣٧. هلندي هلندي بيهي رهي ــ سر ڪپي سان وري هلي.
ٻيڻگهو
٢٣٨. پاڻ هلي، مونکي هلائي ــ ان جو هلڻ مونکي سيبائي.
٢٣٩. آٺ آٺيلي، ٻارهن ٻيلي ــ چار ڪبوتر، پنجين ڇيلي.
جنڊ
٢٤٠. ور وڪڙ ڏئي نانگ جان ــ گهمي پاي ڏاند جان.
جاهو
٢٤١. هيڏو هيڏو پاڻ ــ جنهن کي سؤ سڱن جو ساڻ.

٢٣٩. اٺ پاوا (چارسنجي جا، چار گهوڙين جا)، ٻارهن سٽل، چار بونڊ، پنجين واٺيل سنجي.

**چاڏي، ماڻڊاڻي ۽ نيڻو**

٢٤٢. هيٺئون ڪنياري، مٿان ٻ ڪياڻي - چڪ ته چڪيون موچاڻي.

**چيڙ ۽ ول**

٢٤٣. ٻٽينگڻ رن، ٻٽينگڻ چورا - مري وڃي رن، رُلي ويا چورا.

**چاچڙ**

٢٤٤. آٺ ٽنگون ناڻيڻ ڪوڙي -
جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آکه ٽوڙهي.

**چٽرهي يا ڪوسُ**

٢٤٥. ڪاري ڪُتي، پل ۾ ستي - سئو ڳئون ڏسي ڪُڪڪي آئي.

٢٤٦. ڪاري ڪُتي ڪُهر - ٻه مٿا ڏهه پير.

٢٤٧. ايندي روئي، ويندي روئي - پاڻي ڏسي مُنهن ڌوئي.

**چنڊ ۽ تارا**

٢٤٨. ٻڪريون لک هزار - جن جو هڪ ڌنار.

**چوونڙ**

٢٤٩. هڪڙي رَن، چار ڪن - سورهن سهيليون، ست چيليون.

**چيونٽي (هر جي)**

٢٥٠. هيڏي رني، پئون ۽ ۾ ڳتي - سون چاڪي وٽي رتي.

**چانهين، هندائو**

٢٥١. سائي سيڪ ميڻو ٻيٽ - ڪائو ڙي جيڏيون هٿو هٿ.

٢٥٢. سائي ٻيتي، خانا ڳلابي - تن ۾ ويٺا ڪارا شيدي.

**حقو يا چلم**

٢٥٣. هيٺان ڍنڍ، مٿان ڪورو - جيڏانهن چڪ تيڏانهن پورو.

٢٥٤. هيٺان واهه، مٿان باهه - ميان جي! پُڇ وني پيو ڏاهه.

---

٢٤٥. چم جو رَڇ، جنهن سان کوهه مان پاڻي ڪڍجي.
٢٤٦. ٻه ڪيڙانا (ڪانيون) ۽ ڏهه آڪا.

۲۵۵. مٿي ٻاهه، هيٺ واهه – ڏڙ ڏڙڪي، وچ ڪڙڪي.
۲۵۶. هيٺ ٿڌي وير، مٿي ڪوسي ٻاهه – ڪاڪو ڀائٽيي کي ڏاءِ.

## خط

۲۵۷. اڇو پيٽ ڪارا پير – ساري دنيا جو ڪري سير.
۲۵۸. اڇي چُنِي، اڇو پيٽ – هلي چُنِي، ننگر نيٺ.
۲۵۹. اڇو پاڻ، ڪارو ويس – گهمڻ وڃي ديس پرديس.
۲۶۰. در وڃي، دربار وڃي – پاڙي ڏيک مر وڃي.

## ڏاٿو يا رنبو

۲۶۱. اڌ ڪاٺ جو، اڌ لوهه جو – جيڪو نهچي سو پُٺ ڳوهجو.

## ڏاڙهون

۲۶۲. هيٺرو هيٺرو پاڻ – جنهن کي سؤ موتين جو ساڻ.

## ڏنڊڻ

۲۶۳. غريب لڏي ويو – جهنبولو پُٺ ڇڏي ويو.

## ڏونگهو

۲۶۴. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ – ڏن ڏُنگن ساڻ.

## ڏيڏري يا ڦولهڙي

۲۶۵. ڳجهارت ڳجهڙي – جنهن کي ڪتن ناهي پُڇڙي.

## ڏينهو

۲۶۶. ڳاڙهو ڪُڪڙ، ڳمڻ گوهي – پُڇ سار پچ ڳيهو هئي.

## ڏيو

۲۶۷. ماه مٿيءَ جو – ماهم سرنهن جو –
لڳيس واءُ – وڃيس ساهه.

---

۲۶۴. ناريل جو ڪوپو جنهن ۾ ٽي اکين وارا ٽنگ.
۲۶۶. ٻي روايت: اس گوهي، چمن گوهي، چاٽ مريندا نڪال گوهي.
۲۶۷. ٻي روايت: (۱) ساس سرنهن جو، ماس مٽيءَ جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.
(۲) ڪنڌ ڪپهه جو، ساس سرنهن جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.

۲٦٨. مڙس مٺڙو جو، ڪنڌ ڪپھہ جو - لڳيس واءُ، وڃيس ساه.
۲٦٩. دڙي تي ڏڙو، جنھن تي لعل ڪڙو - لڳيس واءُ، وڃيس ساه.

## رات، تارا ۽ سج

۲٧٠. ڪالي ماءُ، اڇي ٻچي - آوي پيءُ ته هڪ نه بچي.

## رمضان جو روزو

۲٧١. رات جو ڪونهي، ڏينهن جو آهي - ٻارهين مهيني اچي ڪاهي.

## رندو

۲٧٢. هيڪ چيمائي هڏو منگي - هيٺان کائي، مٿان هنگي.

## ريل گاڏي

۲٧٣. هيٺ باھ، مٿي پاڻي - ڪري جهٽ وڃي ڪاڻي.
۲٧۴. ڊِگھہ ڊِگھوڙي، پاسن سوڙهي -
اِئين وڃي جيئن تاجل گھوڙي.

## سارڙي (ڏيھہ چڙهيل چانور)

۲٧٥. هيڏڙي ننڍهن جيڏڙي - پُٺ پيٽ ۾ اچا اُميدڙي.

## سال، ورهيہ

۲٧٦. هڪ صندوق، ٻارهن خانا - خاني خاني ۾ ٽيھہ داڻا.

## ساهمي

۲٧٧. اٺ ٽنگون، ٻہ پير - پُڇ پٺيءَ تي آهي ڪير؟
۲٧٨. آٺ ٽوڙيون، نائين ڪام - نہ اچئي تہ ڪر سلام.

## سٽڻ، سلوار

۲٧٩. ٻہ چنگھان، چار ناسان - ٻارهين مهيني ول آسان.
۲٨٠. ڏون ٽنگان، چار جهرڪيان -
جيڪو نہ پيچهسي، آنڌي ڪٺون ڪاسان.

---

۲٧۴. ٻي روايت: هرڪو چوي سنهنجي گھوڙي.
۲٧٩. يعني ٻارهين مهيني وري ٺئين ولبي.
۲٨٠. ٻہ پانچا، چار چٺيون آنڊائي جون.

**سج ۽ چنڊ**

٢٨١. ٻہ ٽيوٽ پکي، گھڻ ساري پٽي—
نہ موت مارين، نہ ڪاتي ڪُھين.

**سُئي**

٢٨٢. ننڍڙو غلام— جنهن جي مٿي ۾ لغام.
٢٨٣. اچي ٻلي، اچو پُڇ— تو کي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.
٢٨٤. هيڏڙي هيڏڙي پاڻ— پڇ آسمان ساڻ.

**سيڻاهہ**

٢٨٥. ڪاري ڪڪڙ ڏنبدار — هڻ هٿ هڻن پار.

**شرناء**

٢٨٦. ڪِهہ پائي تہ ڪُوٽ کي ٻڌائي — ڪِهہ لاهي تہ گونگي آهي.

**ڦڻي (گوگڙي مان نڪتل)**

٢٨٧. اچي اچي پيٺي— مٿو پنهنجو ڦاڙي ٻيٺي.

**قرآن شريف**

٢٨٨. هڪ ٿڙ، ٽيهہ ڏار — پن تہ جنهن جا لک هزار.

**قرآن شريف (رحل تي)**

٢٨٩. مٿان درياءُ هيٺان موري— جيتر نہ ڏسان، جيءُ ۾ جهوري.
٢٩٠. هيٺان ٻيڙي، مٿان درياهہ— ڪاهڻ وارو هڪ ملاح.
٢٩١. ڪاٺ جو گهوڙو، ٽيهہ سوار— جيڪو پهچي سو برخوردار.

**ڪانڊيرو**

٢٩٢. گل گلاب جو، پن مينديءَ جو—
جيڪو نہ پڇي، پٽ مگينديءَ جو.

---

٢٨٦. شرناء وڄائڻ جو ڪَکَ.
٢٩٠. ٻي روايت: هيٺان ڪاٺ، مٿان درياءُ، هلائڻ وارو هڪڙو

### ڪڇون يا ڪُنڀي

٢٩٣. هيٺان ٿالهي، مٿان ٿالهي - وچ ۾ سيڙ سوالي.

### ڪريلو

٢٩٤. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ - سؤ ڏنڊين ساڻ.

### ڪڪر يا ڪرڙ

٢٩٥. ڦٽي، چيٽ ۾ وٽيي - پتن ناهي، ڇانئو گهٽي.

### ڪلف

٢٩٦. لڏيندڙ لڏي ويا - ڪارو ڪتو ڇڏي ويا.
٢٩٧. ننڍڙو ننڍڙو چوڪيدار - رهي در تي خبردار.
٢٩٨. اوڙي وڃان پاڙي وڃان - ننڍڙو سپاهي ويهاري وڃان.
٢٩٩. اوڙي وڃان، پاڙي وڃان - چلڪ سوپاري چاڙهي وڃان.

### ڪلف ۽ ڪنجي

٣٠٠. ٽيچڪ ٽيچڪ ٽي لڙائي - ناني آئي، ٽنهن ڇڏائي.

### ڪنجري جو پرت

٣٠١. ڳاڙهو وٽيي، چيٽ ۾ گهٽي - ساهه ڪونهي سونهن گهٽي.

### ڪُنو

٣٠٢. ٽيچڪ ٽيچڪ ٽن ٽنگن تي - ڪاٺ ڪلهي تي، ٽوپ مٿي تي.
٣٠٣. ٽي گهوڙا، هڪڙو سوار -
ڪاٺ ڪلهي تي، هُڙ هُڙ جي ڪار.

### ڪوريئڙو

٣٠٤. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ - ڌاڳن جو خزانو ساڻ.

### ڪوئرو

٣٠٥. ۾ ٽنگ ٽيو ڪڙو - جهڪو نه بچي، ٽنهنجي آڪهه ڏڙو.

### ڪُنگو

٣٠٦. لڏيندڙ لڏي ويا - ٻه ڏندو ڏاند ڇڏي ويا.

## ڪُوٽي يا پُوٽي

٣٠٧. نيري ندي، چَٽل چَٽل پاڻي - خوب تري ٿي سُندر راڻي.

## ڪيلو

٣٠٨. اندران ماڻو، ٻاهران ساڻو، ڪڏو ڙي ڪاڻو.

ڪٽ

٣٠٩. اٺ ڪاٺ ناڻين نوڙي - جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آڪهه ٿوڙهي.

٣١٠. اٺ ڪاٺ ناڻين چاڙي - جيڪو نه سلي تنهن جي ناني ٻجاري.

ڪُنبي

٣١١. آڏي، ڏوڙ ۾ ڳڏي - ڏوڙ ٻراڻي، آٽي هاڻي.

ڪوهه

٣١٢. ٻاهران ڳول، وچ ۾ پاڻي -
جيڪو نه ٻجهي تنهن جي آڪهه ڪاڻي.

٣١٣. لڏيندڙ لڏي ويا - ٻريل ڳنڍي ڇڏي ويا.

## ڳُجهي (ٻڪيءَ جي)

٣١٤. ڏس قادر جي ڪَل - ٻاهران گوشت اندران ڪل.

## ڳُنڍي

٣١٥. لڏيندڙ لڏي ويا - ڏنبي ڪني ڇڏي ويا.

گوگڙو

٣١٦. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي ڳاڙهي ڳيڏي ساڻ.

٣١٧. ڳاڙهو ڪُنو، ساڻو پُڇ - تو کي نه اچي ته ٻئي کان پڇ.

گهُگهي

٣١٨. پيٽ ٿلهو، منهن سنهون - پاڻي پئي ٿي گهٽو گهٽو.

---

٣٠٧. ڪوٽيءَ جي ول ۾ گل، جي پاڻيءَ جي سطح تي ترن.
٣١٥. ٻي روايت: لڏيندڙ لڏي ويا، پيٽ وڏيون ڇڏي ويا.

لغز

۳۱۹. ڪاغذ جو ڪڪڙ، ڏاڍي جو لغام.
چڙ ڏاڍو نہ ڪري سلام.

۳۲۰. جيستائين وَل، تيستائين راند ـ ٽٽي ول تہ پوري ٿي راند.

لوڙهہ

۳۲۱. ڪارو ڪارو جُوجرن وارو ـ
جنڪو نہ سلہي تنهنجو پيءُ پجارو.

لونگ

۳۲۲. هڪ جنگهہ، چار ڪن ـ جنهن کي سياڻا ڪي سمجهن.

۳۲۳. چار سڱ، رنگ ڪارو ـ هڻ چڪ تہ لڳي کارو.

لوڻ

۳۲۴. آڇي آڇي ٻار ـ جتي جهرڪي ناهي جهار.

ماچيس

۳۲۵. هيڏو هيڏو پاڻ ـ جنهن کي سؤ لٺين جو ساڻ.

مارنگ

۳۲۶. لٽڏينڊڙ لڏي ويا ـ ٿي ڪبوتر چڙهي ويا.

ماڪ

۳۲۷. رات سمي ۾ موتي آيا ـ ڏوپ جي آئي، واپس جاياه

ماڪي

۳۲۸. هيڏو هيڏو ڏڙهو، موتين مڙهيو ـ
ڏونگر جو پاڻي ٻيي متي چڙهيو.

۳۲۹. جهنگ جي ڏاچي، جهنگ ۾ وياڻي ـ
توڏو چڙهي وڙهڻ آئي.

۳۲۱. پاڻيءَ ۾ سڻال جي ول جو تنڙ.
۳۲۴. جنهن تي سڪ ڪانہ وهي.
۳۲۹. ٻيون روايتون:
(۱) انڌي ڏاچي بر ۾ وياڻي ـ پڻهي جي هٺي جا تو وراڻي.
(۲) ٻري ڏاچي بر ۾ وياڻي ـ گونرو چڙهي وڙهڻ آئي
(۳) ڪاري ڏاچي بر ۾ وياڻي ـ توڏو چڙهي وڙهڻ آئي.

٣٣٠. ڪاري ڪڇني هڏ هلائي ـ هندو مسلمان هرڪو ڪائي.

### ماڪاڏي

٣٣١. جيان ته جتر پيان ـ صبح سان سڀئي ڏيان.

٣٣٢. مواڙ رن، چار ڪن ـ چيلهه ۾ نوڙي، پاڻي ڀري.

### ماٽ پيءُ

٣٣٣. ڳلن جي ڪاري ـ ڪنهن کي اڏ ڪنهن کي ساري.

### مڇر

٣٣٤. مڙس ڙرو ـ لنگهي ڪوٽ مان هٽي چرو.

### مرچ

٣٣٥. ڳاڙهو ڳاڙهو پناڻ ـ ساڻي ٽوپيءَ ساڻ.

٣٣٦. ساڻي ٽوپي ڳاڙهو رنگ ـ پلي آيو پرديسي سنگ.

### مڪائي جو سنگ

٣٣٧. پٽ پٽيو پناڻ ـ ستن ولين ساڻ.

٣٣٨. هٿ جيڏو پناڻ ـ جنهن کي ست ڪپڙا ساڻ.

٣٣٩. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ ـ جنهن کي سؤ رلين جو ساڻ.

### مکڻ

٣٤٠. هيڏو هيڏو هر ـ جنهن کي هڏو ناهي چم.

### موري

٣٤١. آچي ڪڪڙ، سائو پڇ ـ توکي نه اچي ته مٽي ڪان پڇ.

٣٤٢. اچي پلي سائو پڇ ـ توکي نه اچي ته مٽي ڪان پڇ.

### ڪنگريون (ڏار يا هرلي جون)

٣٤٣. هڪ جيڏيون، هڪ سرتيون ـ
هڪ گهاڙوءَ گهڙيون ـ سي ڪيئن آڙيون.

### ناريل

٣٤٤. ڪٽوري ۾ ڪٽورو ـ پٽ پيءُ ڪان گورو.

**نٿ، ويندو**

٣٤٥. ڏِنگ به ڏنگي تارڙي ـ موتين جڙيل سارڙي.

**نماز**

٣٤٦. چئن پهرن ۾ پنج پيرا پريد ـ پوڻان پلتڻ اگهيان هيڊ.

**نماز ۽ روزا**

٣٤٧. پنج پتنا، تيهه گتنا ـ دل نه چوي هڪڙو پچان.

**ڏِنگهه (چاڏورن چڙڻ جي)**

٣٤٨. لڏيندڙ لڏي ويا ـ ڪُنڊو وتو چڏي ويا.

**وات**

٣٤٩. هڪڙي دري موتين جڙي ـ سپ سوناراچون اسان نه گهڙي.

**واڳڻ**

٣٥٠. پارڻون آيو ٽڙس ملنگ ـ سائي ٽوپي ڪارو رنگ.

٣٥١. پهريدائين سائو، پوءِ ڪارو ـ
جيڪو نه پچي تنهن جو عقل آڏارو.

**وڃ، ڪٺوڻ**

٣٥٢. هُل ڪري، هيٺ ڪيري ـ ڪنهن سان نتي هيري مري.

**وڇون پٽٺون**

٣٥٣. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ ـ جنهن کي تِکيي تلوار ساڻ.

٣٥٤. مين تيل جيڏا، تون تنب جيڏا ـ
مين کيل ڏتا، تين رو ڏِتا.

**هر**

٣٥٥. آڏو لتڪڙ لگ پگ ـ تي چٺاڏهه پگ.

٣٥٦. هاهتڙ هُوهتڙ هي ـ ڏهه چنگهون، مُنڍيون تي.

**هوائي جهاز**

٣٥٧. پکي آڏي پيٺ ـ جنهن کي کنپ ناهي پيٺ.

---

٣٥٥. لتڪڙ= هر. تي چٺا= تڪ ماري ۽ به ڏگا، ۾ انهن جا پير ڏهه.

# باب ٽيون

## ڳُوڙهيون پروليون

[هن باب ۾ ڏنل پروليون ڏيڍي ۽ پڄڻي جي لحاظ سان البت ڳُوڙهيون آهن، مگر پهرين ٻن بابن ۾ ڏنل پروليون وانگر ٻارائي ماحول ۾ مقبول آهن. ڏيڍيءَ جي لحاظ سان هن باب واريون پروليون ٽن قسمن جون آهن: هڪ آهي جي ننڍين جملن يا موزون فقرن ۾ سمايل آهن. جيئن ته:

”ٻه سايون، گڏ سامايون، پر ٻار چٽيائون هڪڙو“ (سپ)

ٻيون آهي جي ٻن هم قافيه مصراعن تي مبني آهن. مثلاً:

”جر ۾ ڄائي، جر ۾ نپني، جر ۾ ڪيائين وهانءُ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو ٿئي سانهه“ (جونءِ)

ٽئي قسم جون پروليون وري ٻن مصراعن واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن، جيئن ته:

”ڏڙ جن جو ڏوڙ ۾، ٻادر جيڏا ڪن
اهڙا کهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾“. (ٽوئي)

جيتوڻيڪ هنن پروليين ۾ پڄڻيءَ واريون شيون يا وٿون روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، مگر ڏيڍيءَ ۾ شامل اهڃاڻ اهڙيءَ ته رمز سان رکيل آهن جو آسانيءَ سان انهن شين ڏانهن ڌيان نه ويندو ۽ انهن کي پروڙڻ لاءِ قدري غور فڪر جي ضرورت ٿيندي.]

**آڏيري (ول)**

۳۵۸. سائي سائي رن، جنهن جا ڪنڌن وارا ڪن،
ٻرپٽ ۾ پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

## آڱريون ۽ آڱوٺا

٣٥٩. سورهن آهن سلڇڻيون، چار آهن چريا-
ٻه ته آهن ٻاوَن جهڙا، ٻه ته آهن ڪريا-
جي ڏيکار ٻين کي، ته پريان ٿي وريا.

## آنَ، واهي

٣٦٠. ديگهه ڊگهي، وچي سڌي- موتي جي واٽي نه ڪري.

## آرتي

٣٦١. اڌ پاسياري ٻهڙي، فر فر لڳي واءُ-
آهيرُ ويٺو ستو ڪٽي، پٺتَ چڙهي ماءُ.

## اِسرافيل

٣٦٢. ٻيٺو آهي ته ويٺو ناهي.

## آڪ

٣٦٣. جان وڃان وات ونيو نه گل بڪاولي ٻيٺو آ-
آسي ٻار جڻيا اٿس، اڃا ماريو ڏڪو آ.

## اکري مُهري ۽ آنَ

٣٦٤. هيٺان نڪر، مٿان ڪاٺ- وچ ۾ ممڙو مار ڪائي.

## اکيون

٣٦٥. ٻه ٻيڙون وچ ۾ پٽ- چون ڪڏهن ملنديونسين؟
٣٦٦. ٻه ڪبوتر ٻن ڪنڌڙين ۾- ذري آسمان تي، ذري زمين تي.
٣٦٧. ٻه دريون ٻه دروازا، جن ۾ ويٺل صاحبزادا-
نڪي ڪائين نڪي پيئن، ته ٻه تازي جا تازا.

## اگٽ وجهڻي

٣٦٨. ننٽ مٽي ۾ نار کي، پٺتِ اڳي منهن پوءِ-
ڪَپڙي هٿي تي سڪ ۾. پاٽي هوءِ نه هوءِ،

---

٣٦٦. يعني اکين جا تارا هيٺ مٿي ٿين.

ڪنم اچي تي ڪنلنِي ڪي، مڙس هجي ڇا جوء،
”لاڙڪ“ بيت سندوء، ساڪ لهندا سوچ سان.

### اذب

٣٦٩. اندران ڦڙڪو، ٻاهران ڦڙڪو، ير ميني ذات پاڻين جو سالار.
٣٧٠. حان وجان بازار ۾ عجب ڏٺم يار،
ماس ڪاڏو ماڻهن، ٻجيا هڏي متي وار.

### داهم

٣٧١. ٻري ٻڪري بادشاه جي، ڪک پن چري نہ جيئي،
پاڻي پيئي نہ مري وڃي.

### برش

٣٧٢. پنڌي اٿس ڪان جي، پيٽ تري وار،
ڪم ڪري صفائي جو، نالو ٻڌايو يار!

### بُسري

٣٧٣. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ٻارهين مهيني جو پيٽ،
ڇٽن پهرن جو ڇوڪرو، آئي تنهن جي هيٺ.

### بصر

٣٧٤. ڏڙ جنهن جو ڏوڙ ۾، لامون جنهن جون لس،
اها پرولي پڌري ميرا پڇندا مس.

### بصوِ آنو

٣٧٥. آن ويائي، گوڏرو جائو،
نہ آن کي اوهہ، نہ گوڏري کي پاڻو.
٣٧٦. ماءُ ويائي ڪيڏيائين پُٽ پڪو،
اها خبر نہ هُيس تہ پٽ بہ آهي ڏُڪو.

---

٣٦٩. يعني ميون ۾ مُک.
٣٧٣. ڇهين مهيني جي چاول = ڪٹڪ. ٻارهين مهيني جو چاول = ڪمند
مان نهيل گُڙ. ۽ ڇٽن پهرن جو چاول ڇوڪرو = مکڻ.

٣٧٧. ڳئون ويـائي، ڏنائين ڳابو ڏُکو،
ڳابو اندران آيو تہ ٻاهران سُکو.

## ٻار (نئون چانور)

٣٧٨. گهر آيو مهمان، ڪئوسين حلواڻ،
نہ مهمان کي ڏند، نہ حلواڻ ۾ هڏ.

## ٻاڏهڻ

٣٧٩. ڪَچ مان پڇي سِنڌ ۾ آئي، پنج ٻار ڄڻائين.

## ٻيڙي

٣٨٠. لَمِ تہ لَما لَما، لَمِ تہ لَما لَما،
هيٺئون آبا، مٿون اما،
آما چاڙي ٻال ٻچڙي، آبي چاڙي آما.

## تاڃيءَ جون تندون

٣٨١. سوين هزار هرڻيون، ويهو وَڳ چرن،
تنگ پڇي هڪڙيءَ جي تہ ٻيهو سڀ رهن.

٣٨٢. هِڪ جيڏيون، هڪ سرتيون، هڪڙي چال چلن،
چِکهہ پڇي هڪ جي تہ ٻيئيون ٻيون ڪِلن.

## ترار

٣٨٣. ساري لک هزار، ڏڙ ڪري ٿي ڏار،
سدائين جيئري، ڳاڙهو پاڻي پيئي.

٣٨٤. اڇي آهي، ڪاري ٻِر ۾ رهي،
وڄ جو پاڻي پيئي، مردن مان جهٽا هڻي.

## تنجڻ

٣٨٥. پير پَڌا، فقير پڌا، پَڌا الله جا اولياء،
وڃي پڇو قاضيءَ کان، اسين پاڻ پَڌا.

---

٣٧٨. مهمان = ٻارڙو. = حلواڻ = ناڙو.

٣٧٩. يعني: ڪَچ = جسم جو حصو. سِنڌ > سَنڌ پنج. ٻار = پنج آڱريون

٣٨١. يعني تاڃيءَ جي تندن مان هڪڙي نہ ٽٽي تہ ان جي ٿلهڻ تائين اُٿت نہ ٿئي.

**ٽنڊ (ڪپڙي اُڻاوت جي)**

٣٨٦. ذات جو ڪير، چئي: ٽنڊ والي،
ڪم ڪهڙو ڪرين؟ چئي: اڄوڄ جو.

**ٽڱو، ٻاهر ۽ ماڻهون**

٣٧٧. ڪارو گهوڙو، ڳاڙهو لغام، هڪ لهي ٻيو چڙهي.

**ٽڙ (مينهن يا ٻڪريءَ جا)**

٣٨٨. چار گهڙا قدرت ڀريا، ريءَ ڍڪڻي اونڌا ته به نه هارجن.
٣٨٩. چار نارَ، وهن ڏار، آڏ مڙني جي هڪڙي.

**ٽوڏي**

٣٩٠. ٽڙ جنهن جو ٽوڙ ۾، پادر جيڏا ڪن،
اها ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾؟

**ڏوهه**

٣٩١. شڪل جو سهڻو، اندر جو ڪارو.
وجهه ذرو پيٽ ۾، ته ڏيکاري ڏينهن سارو.

**ٽيليفون**

٣٩٢. هڪڙوهٿ ڪن تي، ٻيوهٿ وات تي، سڏ ڪيو ولايت تي.

**ٽاڇو**

٣٩٣. وڏيان ته وڏجي نه، ٽوڙيان ته ٽُري نه، چيان ته ڇجي نه.
٣٩٤. وڍيان ته وڍجي نه، ڪٽان ته ڪٽجي نه.
اڇلايان ته اڇلجي نه، جهليان ته جهلجي نه.
٣٩٥. الله جي آس ڪري، آيربو سانيهه مٿان سڄ،
ٻارهن هٿ گدرو، تيرهن هٿ ٻج.

**ٽڪال، ساڌاري**

٣٩٦. ٽنگون چار، سيسي وڏيل، سهڪندي وڃي.
٣٩٧. سسي وڏيل، ٽنگون وڏيل، ڪاري ڪاري صورت،
جيڪري مٿي مُردو چڙهيو، ڏس مڻيءَ جي مورت.

پلهٽي، هڏو، قبر ۽ ڪوڙ

٣٩٨. ناهي پاڻي ۾، ناهي زبان ۾، ناهي آسمان ۾، ناهي قرآن ۾.

پنو ۽ پڙهندڙ

٣٩٩. اڇي زمين، ڪارو ٻج، ڇپن سان پيا چونڊين.

پور (ڪپڙي ڇُرڻ جو)

٤٠٠. ٻڍڙي ٽيهه ورهيه، سڪڙي ٽيهه سال،
ڏس پلڙي جا پال، جو آڻ ڦٽڙي ٿو ڦرڪري.

٤٠١. چاپٽڪ چُوپڪ چا ڪري، آپڪ ٽُپڪ ٽيڻنگ چلي،
ٻڍڙ جنهن ڪي پيٽ ۾، مٿئون مڪ جهلي.

ٻهرون

٤٠٢. رڻ پٽ ۾ ووڌهه وياڻي، جنهن ٻاهتر ٻچن جي جائي،
ڪي ڪارا، ڪي ڳاڙها ته ڪي آڇا.

پيلگهو

٤٠٣. آهي گهوڙي، چرِ نه چوُڙي.
هيٺان سوار، مٿان گهوڙي.

ڄُرن ٤

٤٠٤. ڪارو پکي، ڪاري وڻ تي وهي، ڳڙهو پاڻي پيئي.

٤٠٥. ڪاري آهي، ڪمري آهي، ڪاري وڻ ۾ ويٺي آهي،
لال پاڻي پيئندي آهي.

٤٠٦. ڪالي ڪالي شيءِ، ڪالي وڻ وچ ڦهندي،
ليندي ڏاڪڙي نال، مرندي نُهن نال.

٣٩٨. يعني پاڻيءَ ۾ پلهٽي ناهي، زبان ۾ هڏو ناهي، آسمان ۾ قبر ناهي ۽ قرآن ۾ ڪوڙ ناهي.

٤٠٠. ٻي روايت: وڏڙي ٽيا ورهيه، سڪي ٽيا سال،
اچان ڏسان ڪالهه ته ڪانيءَ پئي ڳل جهليا.

٤٠٧. ڪاري آهي ڪمري، نُـــور خان ڏني،
چِـٽِـڪ خان جهـلي، نـهري خان ساري.
٤٠٨. ڪاري آهي ڪمري، ديدي خان ڏنــي،
چِپِـڙي خـان ورتـي، نـهـي خان ڪُٺي.
٤٠٩. جهنگل پوو ۾ شينهن ساماڻو، اڪڙپور ۾ ڏٺو،
چپٽپور ۾ چاٽ ڪيائون، ناهرپور ۾ ڪُٺو.
٤١٠. جَـر ۾ جائي، جَـر ۾ نپـني، جَـر ۾ ڪيائين وِهانءُ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو ٿئي مانڊهه.

## ڇاهو

٤١١. وڻيو وچان وانڙي ته ڏنم ڪمدن جو ڊير،
هٿ لايان ته هٿ ڦٽجي، پير لايان ته ڦٽجي پير.

## چيِڙ

٤١٢. ڪارڙا ڪپڙا، ڳيـدي پڌا ڳيـرڙا، ڀاڙ مڙني جي هڪڙي.

## چيِڙ ۽ ول

٤١٣. ماءُ مري ويئي، پيءُ پرديسي، پُٽ پينگهي ۾ لُڏي.
٤١٤. جان وچان وات وڻيو تـه گلبدن ويئي آهـ،
آسي پُٽ چٽيائين، اچا ديولـڦ ڏِڪـي آهـ.
٤١٥. ماءُ چاڙهيو هو پُٽ کي ڏاهي ۽ ڦاهي،
مٺي ماءُ سان پُٽ اوسيڙو نـه لاهي.

## چُـغل (چلم جي ٽوپيءَ ۾ پوي)

٤١٦. شهر سچو ڏُنگ ڏُنگ، چوري ڏُنگ نه ڪو،
تنهن جا ڪم ڏسو، جو ٽپيو پئي ٿو ڏُنگ ۾.

---

٤٠٧. يعني اکين ڏني، چهنيءَ سان جهلي ڏندن سان ڀني
٤١٥. يعني مـاءُ= ول. پُٽ= چيڙ. ڦاهي =ول وڻ تـي چڙهي.
مٺي ماءُ= سڪل ول.
٤١٦: چلم ۽ ان جي سيني عضون ۾ سوراخ ٿين.

**چڙڪ (ڪنڀار جو)**

٤١٧. هٿ جيڏي ڪاني، ڦيڙهي جيڏو ڳُل،
سؤ پيتا چئي، هر ڪنهن پنهنجو مُلهه.

**چلم**

٤١٨. هيٺان دُم درياءَ جي، مٿان ٻري باهه،
اهڙي رَن آڇاڻري، ادي! ڪا اِتي آهه؟

٤١٩. درياهه ۾ ٻڙ ٻڙ، ماڙيءَ لڳي باهه،
نڪيءَ ڪي چڏي، ويهي وڏي چڪي ڏاهه.

٤٢٠. هڪ ڪوٺ ۾ باهه لڳي، ٻئي ڪوٺ ۾ دُونهين،
ٽئين ڪوٺ ۾ شور ٿئي، چوٿين ڪوٺ ۾ ڪيُوهين.

٤٢١. در تي ٿا دهل وڄن، ٻنگلي مٿان باهه ٻري،
اهڙي رن طلاقڻ، جا پوڪ پئي چري.

٤٢٢. هيٺان دولي، مٿان درياءُ،
درياءَ ۾ درخت، درخت تي جاڪي،
جاڪي جلي ٿي، من جي آسا پلي ٿي.

**چنڊ**

٤٢٣. چٽي نه سڱ جوان نه ٻوڙهو.

٤٢٤. ري مٽيءَ جائو، ري پاڻيءَ پيدا ٿيو،
لامن ۾ ''الڏو'' چئي، ڏس قدرتي ڪئو.

٤٢٥. سڱن سان جائو، وهيءَ منجهه وياس،
پوريءَ ۾ پيدا ٿيا، ساڳيا سڱ سنداس.

**چوپڙ**

٤٢٦. ٽي پٽ، سورهن ڏيون، ٻاٽ، پيئون ڏري ماريو ڏري جهرپون.

٤٢٧. ڪاله، ويس اوطاق ۾، ڏٺم توبهه زاري،
سورهن پٽ، ٽي ڏيون، پاڻ اچا ڪنواري.

**چيچڙو**

٤٢٨. ميان سندي ملڪ ۾، مون مٺي مٺندي ڏٺي،
نه ساهه نه سير، مون ڳاهه چرندي ڏٺي.

چانڊوڻ

٤٢٩. ننڍڙي ننڍڙي گهڙي، بنان درياهه جي پاڻيءَ ڀري.

٤٣٠. ڪوري ڪوري دلي - نه چٽڪ چڙهي، نه ڪنڀار گهڙي.
ڀڃي آهي ڀٽ تي، پاڻيءَ سان ڀري.

حضرت عيسيٰ

٤٣١. ڄائو آهي، پر مُئو ڪونهي.

حُقو

٤٣٢. حوض هيٺ، حوض مٿي، حوض هوائي.

٤٣٣. گهر مٿي گهر ڌري - ڀِت پچي، نار ٻَري.

٤٣٤. سانوڻ سلطان آيو، ڪاريگر ڪاٺ سلي،
باهه ڏنائينس برهه جي، چپن سان پيو چلي.

٤٣٥. آيو ڏورو ڏيندي ڀر، ٽينگ نچي ٽنگ ڀر،
ادا ڙي ٻٽينگ! ڪو ٽينگ ڏٺي ٽنگ ڀر.

خط

٤٣٦. اڇو اڇو ٻگلو، ڪاري مٿس ريهه،
ڀير نه اٿس ٻڳڙو، گهمي گهڻو ڏيهه.

دهل

٤٣٧. هيٺ ڪڇانس آڳ، مٿ ڪڇنيس ابو،
پروليءَ ڀير ڏمڻ جي، سنجي ٽئي ڏبو.

ڏُڪڙ، طبلو

٤٣٨. نه ماريوس ته مري وڃي، ماريوس ته ڳالهائي،
عجب انهي ڳالهه جو ته مُردو ٿو آتو ڪاڙي.

ڏڏي تعاليٰ

٤٣٩. هرهنڌ حاضر، ڏسڻان ڏور.

---

٤٣٥. ٻي روايت: سچ ڙي ٻٽينگ! تو ڪو ٽينگ ڏٺو ٽنگ ڀر

ڏندڻ

۴۴۰. پنجن ڪنيس پـاڻ سان، ٽيهن تـي سوار،
وائڙن سان واپار، جن ويندي چڏيس واٽ تي.

وٽي

۴۴۱. ايـچ خاتون، ميچ خاتون، جهنگل سندي جوء،
تول ڪائي، مال ڪائي، سا ڪيئن ڏيـري هوء.

ڏيڏر

۴۴۲. هيڏڙو هيڏڙو مُچو، جيڪو نچي ٽپي لچو،
تـڪـڙ ڏيـنـهـڪـ ڏيـنـدو اچـي.

۴۴۳. آٽ جـيهي جـهوڪ، هـرڻ جيها چـال،
اهو مرون ڏيکار، جنهن ڪئون پُڇ نه وال.

ڏينهو

۴۴۴. اڳئون به ٽلها، پڇئون به ٽلها، وچ سڳي جيها،
هلي اڳـون، ڪاوڙي پڇون، هي تماشا ڪيها.

۴۴۵. ڪاٺ ڪيُو شهر اوندو، تنهن ۾ هٽ نڪو بازار،
جنهن کي ڪڍن مار، تنهن جو منهن ڏهو ٿئي.

۴۴۶. پکين پوکي پـوک، پکي پاڻ ئي پير،
لڳي اتر هـير، پکي پٽين پوک کي.

ڏيئو

۴۴۷. تـلاءُ ۾ پـاڻي، پاڻيءَ ۾ نـانگ، نانگ تي مور،
تلاءُ سڪي ويو، نانگ مري ويو، مور آڏامي ويو.

---

۴۴۰. ٻي روايت: اهڙو ڪيائين واپار، جو وائڙي چڏيس واٽ تي.
۴۴۳ ٻي روايت: پينا ته آٽ پينا، هلي ته هرڻ واري چال.
۴۴۶. ٻي روايت: پکين پـوکـ پوکي، پوک مان ٿيا پير،
ڪا جا لڳي هير، جو ويا پٽيندا پوک کي.
يعني اتر جو واءُ لڳندو ته ڏينهو سانارا چڏيندا.

**ڊاڪ**

۴۴۸. پـرولي پير ڏمڻ جي، وچي لڳي نار،
**گل ڪندي هڪڙو، چڱا ڪندي چار.**

**ڊيپ، ڪيپ**

۴۴۹. پاڙون جنهن جون پاتال ۾، لامون جنهن جون لس،
اها پـرولي پڌري، جـا مـير بـ، پڇـنـدا مـس.

ريڊيو

۴۵۰. ٻه پٽ، اٺ پيٽون، سورهن پائي سچا،
هلن چلن بـازار ۾، ٻڌيهه آن جا ٻچا.

**ريل گاڏي**

۴۵۱. صاحبلوڪ لاٿس روڪ، چوري چمڪندي وئي.

**زال ۽ مڙس**

۴۵۲. اڳي هئاسين ٻه ڄڻا، هاڻي وڏي ٿياسين گهڻا،
سڄو گـڏيا سڄڻ سان، اسين آهيون ٻـ ڄڻا.

**ساري (ٽنهي چڙهيل چانور)**

۴۵۳. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ڏيکيل ته ضائعفان، اگهاڙو ته مرده

**سال**

۴۵۴. هڪ ٻڪري، ٻارهن ٻچڙا، ٽي سؤ سٺ سڱ،
سـڱـ سـڱـ ته ٻي پـنـج ڏونـر.

۴۵۵. ايڪ حويلي، ٻارهن ٿنڀي، تنهن جا ٽيٽاليهه طاق،
انهيءَ جي اوطاق، ٽي سؤ سٺ ڪڙڪيون.

---

۴۴۸. ٻي روايت: پرولي پير ڏمن جي وچي لڳي آنگاس،
گل ڪياڻين هڪڙو، چڱا ڪياڻين چار.

۴۵۱. ريل گاڏيءَ جي اوائلي زماني ۾ ڊرائيور انگريز هوندا هئا.

۴۵۴. يعني سال جا ٻارهن مهينا، ٽي سئو سٺ ڏينهن، ۽ ڏينهن ۾ پنج وقت نماز جا.

۴۵۵. 'براد' شاعر جي ڏاهيل پرولي.

### سال ۽ صدي

۴۵۶. ٻارهن ڏيلا، هڪ سڪڻن ـ سؤ سڪرا، هڪ ٽنهن.

### سانڀو يا ڪيڇڙو (ڪيڪڙون)

۴۵۷. آءُ منهنجو آهيان تنهنجي ڪاڻ، تون نه مر منهنجي ڪاڻ،
جو يار بيٺا آهن تنهنجي ڪاڻ.

### سانگر يا سهڻو

۴۵۸. ٻه جٽا ٻيڙي چڙهيا، چڪڻ وارا چار.

### ساهه

۴۵۹. پنهل ته پيارو آهه، پر پرديسي ٿي پيو.
۴۶۰. گهر ۾ ويٺو ته خوش، ٻاهر نڪتو وري نه موٽيو.

### سپ

۴۶۱. ٻه مايون، گڏ سامايون پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو.
۴۶۲. ٻه ڀينرون ڀـاڻ ۾، ٻنهي وڏا ٻڪ.
هڪڙيءَ جايو هڪڙو، ٻيءَ جايو لک.

### سج ۽ چنڊ

۴۶۳. ٻه ٻگا ڏاند، وهن ڌارو ڌار، پر پيڙ ٻنهي جو هڪڙو.
۴۶۴. ٻـه ڀـائـر واٽ هـڪـڙي،
هڪڙو هلي ڏينهن جو ته ٻيو هلي رات جو.
۴۶۵. ٻه شهزادا، مٽن ٻه روز، چمن ٻه روز.
۴۶۶. ٻاهرئون آيا ٻه جٽا، ٻاهه ۾ پائيوار،
آڏ ٻنهي جي هڪڙي، وهن ڌارو ڌار.

### سرميداڻي

۴۶۷. چؤ چنگهي چوغان ۾، آئـي لاٿـائـون،
نر هٿس پيٽ ۾، مٿان مـادي وڌائـون.

---

۴۵۷. سچي مارڻ جي ڪنڊيءَ ۾ ٻڌل سانپو، سچيءَ کي خبردار ٿو ڪري

٤٦٧. جار ٻيڙ چوغان ۾، ڦري ٿي ميدان ۾،
پُٽ اٿس پيٽ ۾، ڏيءُ ٻيٺي گهُري.

٤٦٩. چار ٿنگون چيلهه ۾، مٿي ۾ ڪُڇي،
اهڙي سڪر جوءِ، سيڪنهن جي گهر هُئي.

### سنگهڙ

٤٧٠. ڏرڪ ڏرڪ ڊلوڙي، پچ پچ پاڻي،
پنج ڄڻا ٻوڙي آيا، ٻين جهلي ٽاڻي.

## سواري (گهوڙي ڪم جو اوزار)

٤٧١. سٿو ڪاٺ جو، چيلهه چم جي، ٻيڙ ڪڪن جا.

### سَٽوڙ

٤٧٢. هڪڙي رَن، چار ڪَن، ٻچڙا ٻار لڪائي.
٤٧٣. هڪ رن، چار ڪن، جيترا ماڻهو ڏسي.

### سيڙاهه

٤٧٤. جيتري هُٿي جوءِ، مُٺي ڪيائين مڙس،
اها ڳالهه درس، ٻٺي ٻوءِ ٻار ۾.

٤٧٥. ننڍي ننڍي نينگري، ڏاڍي جيڏو پيٽ،
وڃي پٺي پرديس ۾، سواريءَ سميت.

### ننڍهنو

٤٧٦. ٽيپڙ ۾ ٽُنگ ڳچيءَ ۾ رسو، هلي ٿو بازار ۾ ڏسو ڙي ڏسو.

### طاق (دروازي جا)

٤٧٧. ٻه ڀائر، ڏينهن جو جدا ٿين، رات جو گڏجن.

### عزرائيل

٤٧٨. آيو آهي نه خالي نه ويو آهي.

٤٧٩. چوري آءُ نه ڪريان، شيءِ ڪنهن جي نه ڇڏيان،
مات آڻن جا سڀئي نيان.

## عورت

٤٨٠. آنءَ لنگهي اوهه لاهي، لڳي تہ ويا،
ماس جنهن جو مڪروه، ڪير سڃڪوئي ڪاه.

## ڦار ڦر جو

٤٨١. هو جو مڪني قبر سان، گهاري نڌو گهر سان،
پاڻ تہ ڪريو پر پيا ٻہ ڪاري.

## قلمي

٤٨٢. جان وڃان تہ ٻيٺو ڏي، ڏئي تہ سو ڪو نہ ڏينديو
نہ ڏئي ها تہ ڏئي ها.

## قبر

٤٨٣. جيڪي ناهين تا انهن ڪي ڪم نٿي اچي،
جن لاءِ ناهين ٿا، آهي ڏسن بہ نٿا.

## قرآن شريف

٤٨٤. ڏڍ ڏلهو، ڏار گهڻا، هڪڙا واسيا وڃن، ٻيا واسجن پيا.

## قرآن شريف، رحل ۽ پڙهڻ وارو

٤٨٥. سمنڊ ڪاٺ تي، ويٺي وارو هيٺ.

## قرآن شريف، اسرافيل، حضرت عيسيٰ ۽ بهشت

٤٨٦. آيو آهي تہ ويو ناهي، ٻيٺو آهي تہ ويٺو ناهي،
چاڙو آهي تہ مٺو ناهي، پاڪ جاءِ تي نماز ناهي.

## ققنس پکي

٤٨٧. نڪي پڪو نڪي ڪچو، نڪي ڪوري ۾ ڪاڙيو،
جڏهن ساڙيو، تڏهن ڪار ڪري پيو پيءُ جي.

## ڪاغذ، مس قلم

٤٨٨. اڇي ٻني، ڪارو ٻج، ڪاني جو هر وهي.

---

٤٨٧. يعني تہ ققنس پکي ٽانڊا پيو چڳي.

### ڪانڊِ

٤٨٩. استري کي اوڏِي نہ وڃي، نر کي سُونهي نار،
خاص پرولي "ڪِتي" چئي، تون نيڪتمي وٺ نهار.

### ڪانڊيرا

٤٩٠. گهٽا ۽ گهاٽا، وِہ جني جي وات ۾،
گل تني ڇانا، ڪهني ورن "ڪئي" چوي.

### ڪاوڙ

٤٩١. آهي حرام، پر ڪاهُ تہ حلال.

٤٩٢. اَپري تہ اونده، لهي تہ سوجهرو.

### ڪتي (نڪٽ)

٤٩٣. آمر ساٺ آٺين تيي، آها ناز پري نينگر،
گهمي ٿي گهٽن سان، آها ناز پري نينگر،
والي ءَ ڪيس ور، انهيءَ جاءِ "جمعو" چوي.

### ڪوٽ

٤٩٤. چار ڪاٺ چڙهڪ، پنجون پڊرو لوهہ،
پير اٺس پوشيدا، سٺر کي سڄو،
سالڪ اوهين سمجهو، ڳوليو انهي ڳالهہ کي.

### ڪرڙ

٤٩٥. قتر بہ ڪري، گل بہ ڪري، ڪري ڪين پن.

### ڪڙهي (مڇي مارڻ جي)

٤٩٦. ڇهہ جنگهون ڇهل باز کي، مٿي ۾ ڪُهي،
ڪالهہ ڏٺيسين مڙس کي ڪلهي تي هئي.

٤٩٧. آٺي تہ چم چم، وهي تہ ڪم پاٺار،
ماري لک هزار، پر ڪائي ڪُجهہ بہ نہ.

---

٤٩٧، ٻي روايت: هلي تہ چم چم، ٻيهي تہ سؤ خون ڪري.

## ڪفن

٤٩٨. جنهن کي گهرج هئي، تنهن ورتو ڪونه،
جنهن ورتو، تنهن پاتو ڪو نه،
جنهن پاتو، تنهن ڏنو ڪو نه.

## ڪڪڙ جو مور (چوٽي)

٤٩٩. نڪي ڪوريءَ اُڻيو، نڪي ڪتيءَ رڱيو،
اچي ڏسو ماڻهئا! هيءُ ڪهڙو رنگ رتو.

## ڪڪڙو ۽ ڦلي

٥٠٠. پوکيم نر ته جائي مادي،
ماديءَ جو متو ڪوڙ ته ساڳيو نر.

## ڪلف ۽ ڪنجي

٥٠١. پاتي ۾ پاتو، تنهن ۾ وري پاتو،
ماڻس وٺي نڪري، پٺس اچي ڦاٽو.

## ڪم

٥٠٢. سپ ۾ پوي.

## ڪنڊو

٥٠٣. پهتو پهتو، گهر ڪري ويٺو، هٿ لاءِ ته هاءِ.

## ڪنڊي (مڇي مارڻ جي)

٥٠٤. آءُ آهيان ڏنگي، تون ٿي ڪرين خوشي،
جي ڪائين ٿي مون ته مرين ٿي تون.

## ڪينگر (مالهه ۾ پٽڙ)

٥٠٥. منهن ڦاٽل موالي، چڪر ٿي چڙهيا،
دانهون ڪري درد جون وچي ڪڏ ڪريا.

### ڪِڻگري (ماڻهءَ ۾ پڌل)

٥٠٦. اڇي ۾ سرتين سان، وڃي ۾ سرتين سان،
تنهنجو منهنجو سڏ آجايو.

### ڪَڻو

٥٠٧. ڏن تي چڙهيو ٽِنج ڳُلو، ٽوپ پائي ٽِنج ڳُلو،
پُڇ ٽورو ٽِنج ڳُلو.

### ڪڇي پڌي ۽ ڪڇي ٿانءُ

٥٠٨. هڪڙي ساهه سرير ۾، ٻئي ڪي ساهه نه ماهه،
پر نالو ٻنهي جو هڪڙو.

### ڄوڙڪي (پکين ڦاسائڻ جي)

٥٠٩. آءٌ آيس تو لاءِ، تون آئين مون لاءِ،
جي ڪائيندين مونکي ته ڪُٺيندا توکي.

٥١٠. ڏِنگڙي جوانڙي، جنهن کي مٿي تي مانڙي،
چور ڪري چوري ته ڪري وٺ پڪڙ.

### ڪاري هيٺان ڪَڪڙ جا ٻچا

٥١١. ڏس ڪاريگر جا ڪم، ڪائين ۾ تو ڪيچ واڙي.

### ڪانياڏي

٥١٢. نر چڙهيو نر تي، نر جي هٿ ۾ نار،
گهوٽ ويونڪري، دانهن ڪئي ڪنوار.

### ڪنولو

٥١٣. چار چٽا چوڳان ۾، آٺ پڻ اوءِ،
هڪڙا نيرا پيا اٿن نيهن جا، ٻيون پنڌ پڇاڙيون پوءِ،
آهن گهر هر ڪنهين، توڙي هندو مسلمان هوءِ،
سو ڪو سگهڙ هوءِ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

---

٥١٢. پهري تي چڙهيل هاري جي هٿ ۾ ڪانياٺي، ۽ ان ڳوڙهو.

### ڪاڄي (وڻ)

۵۱۴. ايڏي ايڏي لنبي اي، ماڙي ڪنون وڏي اي،
شمڪي جيڏا وال اي، سونِي ٽوپي نال اي.

۵۱۵. هڪ مائي، سدا سائي، پٽ ڄڻيندي ريهان ڪيهان،
الله جي مهر پيئي، ته مرڳو ڏِيان ٿي ڏِيان.

### ڪُڻڪَ

۵۱۶. ٻج به الله جو، زمين به الله جي،
تو جا پٽيِ، سا ڪنهن نه پوکي.

۵۱۷. پهرئين ڏينهن صغير، ٻئي ڏينهن ڪبير،
ٽئين ڏينهن ڪُراڙي، چوٿين ڏينهن ڪنهن نه قبولي.

### ڪپر ڏهڻ

۵۱۸. ڇَمُ وَرُ، ڇيچ وَرُ، هيٺان گهنگهُ جو گهر،
مٿان کهُو گهُو.

### ڪينهون

۵۱۹. مٿي وڃي، هيٺ وڃي، هڏ گسائي پير نه ڪٿي،
هيڏانهن ڏڪيو، هوڏانهن ڏڪي.

### گِراهه

۵۲۰. پنجن ڄڻن پنوڙو ڪيو، ڏي ڏڙنگ منجهه،
مٿان هيٺان رينگ رينگان، ڏي گڙنگ منجهه.

### گراهه ڇڄڻ

۵۲۱. پنج ڄڻا پٽن تي، ٻڌو ٽٽيهن گاهه،
حليما مائي هڪڙي، ٻئي ڪري پاهه،
سالڪ سنجهه صُباح، ڳُوڙها ڳولج ڳالهه ڪي.

### گِراهه کائڻ

۵۲۲. پنج وڻ وڻبا اچن، ٽيهه ڪُنڻ ڪُٽبا اچن،
زُهرا گنجي نچندي اچي، خبر مٿو وڃندو اچي.

---

۵۱۴. ڪجيءَ جا ڏگها پن ۽ پيلا ٻُهارا.

## گوگڙو (ڪپهہ جو)

۵۲۳. لڏي لڏي لڏن چاڙهو، تنهن سان چاڙهي ماڙس،
ماڙس مٿو ڪوڙايو تہ پيدا ٿيو پٽس.

۵۲۴. پهرين چاڙهو چورو، پوءِ چاڙهي ماڙس،
ماڙس منڊيا ڇوڙيا، پوءِ چاڙهو پٽس.

۵۲۵. آوڙ ڳيا، ڏوڙ ڳيا، مٿا تنهن دا ڦاڙ ڳيا،
مال خزانا ڪس ڳيا، ٺلهي ٺڪر ڇوڙ ڳيا.

## ڳَـڙو

۵۲۶. اڇو موتي جهرڪٽو، هٽ نہ بازار، ڪٿان آئيان؟

## ڳِـڱون يا مينهن

۵۲۷. چار مڪڙيون، ٻہ سيڪڙيون، هڪ نوريٽڙو.

۵۲۸. چار هيٺ، چار ٻيٺ، چار چاڙهيڪي چڙهيا،
عجب آهي الله جو، جنهن اهڙا گهاٽ گهڙيا.

۵۲۹. چار چنيسر هلن چلن، چار چنيسر مٿي ماکي،
ٻہ چنيسر لڏن ڪڏن، ٻہ چنيسر سُڪي ڪاٺي.

## گهاڏو

۵۳۰. ڏڪ لڳن هڪڙن کي، رڙيون ڪن ٻيا، رَت ڏين ٽيا.

۵۳۱. پاڻهي مٿي پُون، ٻج پيٽڙي جي وات ۾، تاڻين ويٺو نون.

## گهڙا مڇي، ساڻي ۽ ٻيڙيءَ

۵۳۲. نار مٿان جا نار ڏنيسون، تنهن جي مٿان نر،
ڪامل ڪنيو ڪر، ڪري عرض الله کي.

---

۵۲۵ ٻي روايت: اوڙ ڳيا، ڏوڙ ڳيا، مٿا تنهن دا ڦاڙ ڳيا، خزانا تيڏا کس ڳيا.

۵۲۷. يعني چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ هڪ پڇ.

۵۲۸. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ ٻہ ڪن.

۵۲۹. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ ڪن ۽ ٻہ سڱ.

**گھڙيال**

٥٣٣. اندر ۾ اوزار، ٻاهران اٺ ٻار، سارو ڏينهن ٿو سيرُ ڪاٽي.

**گھونگو (جيت)**

٥٣٤. جھوڪ آٿ جي، پيرانگ ٽمٽهن جي؛
ٽپڪي ڏيڏر جي، سڱ هرڻ جا.

**ننڍو ڏاڙو ۽ ننڍڙو جانور**

٥٣٥. ٻهڳڻ ٻُڌم ٻـه چـٺـا، ٻيـهـچ ٻـنـيءَ وات،
هِڪ جو جانُ جر سان، ٻئي جو ڏوڻ رات،
آهن ٻئي ٿون واٽي ذات، پر نانءُ ٻنهي جو هڪڙو.

**لغڙ**

٥٣٦. نه کائي، نه پيئي، نه ڀي چـڙهي وڃي آنگاس،
ڏنوسين رنگ راس، ته پير پکيءَ جو هڪڙو.

**لوڻ**

٥٣٧. جـتَرَ ۾ جـالارو، ٻـر ۾ بيشمار،
جڏهن پئي طعام ۾، تڏهن ٿئي تيار.

٥٣٨. سيرجهي سـڏو نه ٿئي، ڀوڪٽي ڪري نه ٻن،
تـنهين سـنـدو انّ، وڪامـي وچ بـازار ۾.

٥٣٩. نڪو هُيو ٻج ٻنيءَ ۾، نڪو هـاري آڙهو هر،
نڪي لٽيس لاهيارو، نڪي هـاري ڪتريس هلر،
انهيءَ ڀـوڪ سندو قدر، وڪامـي وچ بازار ۾.

**ماڪ**

٥٤٠. آٿ وهنجي نـڪتا، گھڙا ڪين ٻُڏن،
پـرديسي ڀـکـيـئڙا، وڃـڻـا آچ مـرن.

---

٥٣٦. ٻي روايت: نـه کائي نـه پئي، نه ورهي پاٿي پاس،
ڏنوسين رنگ راس ته چڙهي ويو آنگاس.

ماڻهو (هرلي ۽ نار جي)

۵۴۱. سڀو ڏيءُ سسئي جي، پنجاهي پٽن،
کريو آس الله جي، پهريو پُون پُٽن.

ماڻارو (ڏينهن جو)

۵۴۲. ماڻي جيڏي ماڳ ۾، کڏن جا هزار،
کي دربارن درن تي، کي چڙن چوکيدار،
اهڙي نامدار سرڪار، ڪٿي ڏٺيسون ڪانه ڪا.

ماڻاڏي، منڌي

۵۴۳. پوڙهي رَن چار ڪَن، چيلهه ڀَڏيو پٺي نچي.

۵۴۴. انڌي رن، چار ڪَن، چيلهه ڀڏيو پٺي چڪر هٽي.

ماءُ جو ٻُڀو

۵۴۵. هيڙو هيڙو، ليڙ ٻه ليڙو،
هٿ سان ڪري، پيٽ ۾ پهرو،
پيٽ ٻه پريو، اندر ٻه نريو.

ماءُ پيءُ

۵۴۶. هو جي آيا ٻه چٽا، ماکيءَ کان مٺا،
تو ڏٺا، مون ڏٺا، خدا ڪين ڏٺا.

۵۴۷. رهبر وبٺو راهه، آيا ٻه چٽا،
سيڪنهن ڏٺا، الله سائينءَ نه ڏٺا.

ماڇر

۵۴۸. سج لهي سانجهي ٿي، آيو هرجائين،
هر ڪو منهن متو پٽهي؛ ڊور ڊگهي تائين.

۵۴۹. منهن جنهن جو مرونءَ جهڙو، ٽنگون جنهن جون سڳا،
کايو ڊور ڊگها، ليکيو وجهي لئين ۾.

۵۴۱. سؤ ڏيون = اِرڙيون. پنجاهه پُٽ = لوٽا، ڪنگر.

٥٥٠. مُنهن مروُنءَ جهڙو، پَر پکيءَ جهڙا،
هـٿ نـہ هڏو ئـي نـہ لـپـي.

٥٥١. نکي ڇهنب قرار جيئن، چنگهون جنهن کـي چار،
ڏکهي کنهن کان ڪينڪي، ڪري شوق شڪار.

## مرچ

٥٥٢. چِپ ڪتتِ ڪتتِ، ها پٽتِ، هاءِ هاءِ.

## مڪائي (سنگ)

٥٥٣. آڙي آ، پڙي آ، موتين سان جڙي آ،
ليلا جي باغ ۾ ڇلهہ ٻڌيو ڪڙي آ.

٥٥٤. آنر کان آپني، نالي چڱي نار،
پاڻ ويٺي گڏ ۾، مڇون تنهن ٻهار.

٥٥٥. پالڪيءَ ۾ ڏکي ساڻي چولي،
پيريءَ ۾ پائي موتين جو هار.

## مڪڙ

٥٥٦. چريو چانجو سي نہ ڏي، ڪُر ڌرتيءَ تي نہ ڏي،
متئون پيو چڙي قري.

٥٥٧. ڇهہ ڄنگهون ڇتلباز ڪي، نتو وڇون نٺُهتن،
ڪاچ جنهن جو ڪڙڪڻو، پائي مُور نہ پيٽن،
دعا ڪريو ڙي جيڏيون، ڇپر شال وڃن.

## مکڻ

٥٥٨. ٺڪرين دامين ڪوٽ ٻڌايا، لاڪڙ ٻدم ڳاهہ،
حاضري ميوا پڪ ڪتا، نلهي رهہ ڳيا درياهہ.

## مڱ (ٻوڙو)

٥٥٩. پٽن تہ جنهن جا پير جهڏا، ٻيلي ۾ ٻهڪن،
وچي ٻُچ ڏيهہ دارن کان، تہ آن کهڙو ڪتن؟

مرڪ

٥٦٠. جان وڃان بازار ۾، تہ نانگو ڏٺم نر،
چاليهہ چيلا چيلهہ سان، سؤسٽ نو ڪر.

مٿوو (جنهن اندر گهڻا ٻج هجن)

٥٦١. گُنديءَ ۾ داڻا، پاڻي ۾ پُرڪار ٿيا،
نڪرن جي نڪونجهہ مان، تہ سَلا ساماڻا،
محب نہ ڪر ماڻا، سمجهہ تہ پوءِ سرهو ٿئين.

ڏار يا هرلو

٥٦٢. ڪاٺ مٿان ڪاٺ گهڙيو، تنهن تي گل بيگ چڙهيو،
واهہ ڙي واڌا وهہ، تـو ڪيئن ڪاٺ گهڙيو.

٥٦٣. ڪاٺ چڙهيو ڪاٺ تي، ڪاٺ ڪري ريهان،
چئي: دوزخ مـان نڪري، بهشت ۾ بيهان.

٥٦٤. هڪ ڏڪ جيئرن ڪي، تہ مُئا پيا دانهون ڪن،
اونهي ڏيهہ الله جي ۾، اڻ مَيا پـيا مَڻين.

٥٦٥. ڏڪ لڳا جيئرن ڪي، دانهون ڪن مُئا،
سي ويچارا روئندي بهشت ۾ ويا.

٥٦٦. ڏڪ لڳن هڪڙن ڪي، رانيٽ ڪن پيا،
آئيا جي تيا، سي لُڙڪ هاريندا ويا.

ناريل

٥٦٧. ٻرپٽ ۾ ٻڙيو ڏانگو، ريءَ ڪنيار گهڙيو پاندو،
ريءَ ستهاٿيءَ کير جُڙيو.

٥٦٨. ٻہ ڪوٽ قابو آهن، جن کي دري نڪو در،
نڪو پيو پڌرو پاڻي، نڪو وٺو سجهس ڪڪر،
جوان تنهن ۾ جر، کهو ڪامل ڪٿان آئيو.

---

٥٦١. مولوي احمد سيمڻ جي ڏاهيل پرولي.
٥٦٤. جيئرا = ڏاند. مئا = ذرجو ڪاٺ. اڻ ميا = ڪينگر.
٥٦٥. ٻي روايت: پاڻي پرن اهي، جيڪي دوزخ ۾ هئا.

نماز

٥٦٩. هڪڙي پوڻي ۽ پنج گُل، تي چانو ۽، ڀ آس ٪

نڪ

٥٧٠ آئي سميلا، وئي سميلا، سميلا ڪنهن نہ ڏٺي.

نير (پوڪ)

٥٧١. پوڪين پوڪ پريت سان، سا سڪي ٿئي سوڪ،
ماڻهو مرون ڪائمس ڪون، تہ ڀ پئسا ڪري روڪ.

وات

٥٧٢. ڏکهي ڏکهي چادر، هندائجي تہ نئين، پيئي آهي تہ پراڻي.

واچوڙو

٥٧٣. پرولي پير ڏمن جي، وچي لڳي آپ،
حيڪو نہ پڇي، تنهن جا ٽوڙها ٽيندا سپ.

واڳڻ ۽ بصر

٥٧٤. ٽنگيو چوي پوريل ڪي ڪڏهن ملنداسين.

وڄڙو

٥٨٥. سياري ۾ لڪي رچي، اونهاري ۾ جام،
اهڙا حڪيم عام، وڪجن پيا بازار ۾.

وچون، ڀڻون

٥٧٦. بندرو بروهي، هٿي بندوق، ڪري گوهي.

٥٧٧. رهي زمين تي، آيري آسمان ۾،
نالو اٿس نعوذ بالله، پُڇ مان تو ڪاڻهي.

وڻ ويڙهي

٥٧٨. نر پرائي نار کي پيٺو پاڪر پائي،
نار آگهي ڏڪي، نر پيو آنا لاهي.

---

٥٥٥. ٻي روايت: هٿ نہ آهي، هٿي ڀ آهي.

۵۸۱. سڳي تان نہ هيروين، رڌو تان نہ کاهہ،
ري منڊائتي مارئي تي وڪي وڪڙ پاهہ.

## هاٿي

۵۸۰. چار ٿنڀا، ٻہ ڏيا، ٻہ وڃڻا، هڪ ترار.

۵۸۱. ڏوهيون پٽڪري جهلدي آوَن، ڏيئي مٿي ٻلدي آوَن،
ڪالا نانگ ليٽندا آوي، لوڪ تماشا ڏيکندا آوي.

## هوائي جهاز

۵۸۲. پُورو سانُ پنيور جو، اچي ٻہ رڙندو، وڃي ٻہ رڙندو.

---

---

۵۸۱. پٽڪ = ڪپَن. ڏيئا = اکيون. ڪارو نانگ = سُونڊ.

الف

۵۸۳. آپ ّ راڳائي ڏيو.
هڪ ڊڪي ٻه ڊوڪريون- آپ راڳين، چوڪريون.

۵۸۴. آپ مان ترڪاري ڪڍائي ڏيو.
هي مهينو سرڪاري- ڪڍان آپ مان ترڪاري.

۵۸۵. ٻڪر ڪُهائي ڏيو.
'نازو' ويو رُسي- ٻڪر ويو ڪُسي.

۵۸۶. ٻليءَ کي ٻنڊڙا پارائي ڏيو.
اپيٽ پيٽ گُنڊڙا-ٻليءَ پاتا ٻنڊڙا.

۵۸۷. ٻليءَ کي ٻنيو پهرائي ڏيو.
چُلهه متي مُنيو- ٻليءَ ٻهريو ٻنيو.

۵۸۸. ٻليءَ کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.
ٻلي ويئي لنگهڻ- پاتي آئي ڪنگڻ.

۵۸۹. ٻليءَ کي گهنڊڻي ٻڌي ڏيو.
ڪانئو ن ڪنئي ڏنڊڻي- ٻليءَ ٻڌي گهنڊڻي.

۵۹۰. ٻيڙي ٻاتَ ٻرائي ڏيو.
ڪُرڙي هنئي چاتِ- ٻيڙي ٻري ٻاتَ.

۵۹۱. ٻولڙيءَ کان پاپڙ ٻچارائي ڏيو.
پاپڙي ويئي ٻاهه مچائي- ٻولڙي ويئي پاپڙ ٻچائي.

۵۹۲. ٻوليءَ کي برقعو پارائي ڏيو.
سر ۾ ٽيو سُرڪو- ٻوليءَ پاتو برقعو.

---

۵۸۳. ٻي روايت: آپ لِٽائي ڏيو. ڊوڪري = ڏلهي ماني.
۵۸۶. ٻي روايت: شينهن کي ٻنڊڙا پارائي ڏيو.
۵۸۷. ٻنيو = انگرکو.
۵۸۸. ٻي روايت: شينهن کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.

٥٩٣. ٻوليءَ کي ٻَٽُ ڪارائي ڏيو.
روهيءَ مٿان رت — ٻوليءَ ڪاڙو ٻَٽُ.

٥٩٤. ٻوليءَ کي ٻَڙي پارائي ڏيو.
ٻيڙين منهنجي ڪَڙي — ٻوليءَ پاتي ٻَڙي.

٥٩٥. ٻوليءَ کي ڳَجُ پارائي ڏيو.
حاجيءَ سنهريا حج — ٻوليءَ پاتو ڳج.

٥٩٦. ڄُونءِ کي ڄُتي پارائي ڏيو.
ڪُور ڪُتي — ڄُونءِ پاتي ڄُتي.

٥٩٧. چار جهمائي ڏيو.
ڪوڏار، ڪَتپ ڏار — هڪ ڏڪ، جهمي چار.

٥٩٨. چنڊ کي چولو پارائي ڏيو.
١. دانگيءَ ۾ لولو — چنڊ پاتو چولو.
٢. اڱڻ تي اولو — چنڊ پاتو چولو.

٥٩٩. ڏيڏريءَ کي ٻوٽي پارائي ڏيو.
ڏڪڻيءَ ۾ موٽي — ڏيڏريءَ پاتي ٻوٽي.

٦٠٠. ڏيڏريءَ کي ڇير پارائي ڏيو.
سوناري پريا ٻير — ڏيڏريءَ پاتي ڇير.

٦٠١. رِڍَ روئاڙي ڏيو.
آکريءَ ۾ چَڻو — رِڍ ويٺي رُنو.

٦٠٢. رِڍ کي راڳ ڳارائي ڏيو.
آکريءَ ۾ ساڳ — رِڍ ڳايو راڳ.

---

٥٩٣. ٻيون روايتون: ١. شينهن کي ٻَٽُ ڪارائي ڏيو.
٢. هاٿي کي ٻَٽُ ڪارائي ڏيو.

٦٠٢. ٻيون روايتون: ١. شينهن کان راڳ ڳارائي ڏيو.
٢. ڪيول کي راڳ ڳارائي ڏيو.

٦٠٣. رڍ ميڙي ڏيو.

١. سائو سڳو سيريان — رڍ ويهي ميڙيان.

٢. ڍيري وڻي ويڙهيان — رڍ ويهي ميڙيان.

٦٠٤. ستن شينهن جا ڪتيلا لهرائي ڏيو.

فتح پور جا گهوڙا ٽيٽا — ستن شينهن جا ڪتيلا لٿا.

٦٠٥. سٿر مان نانگ اٿاري ڏيو.

هٿر مٿان هٿر — چڏ ڙي نانگ سٿر.

٦٠٦. سيرڻ کي پٽڙو پارائي ڏيو.

ڪئوهي ۾ ڪٽڙو — سيرڻ پاتو پٽڙو.

٦٠٧. سيرڻ کي سهرا ڳارائي ڏيو.

لنگهو بيٺو دهل وڄائي — سيرڻ ويٺي سهرا ڳائي.

٦٠٨. سٽهي کي ٻڪو ٻڌائي ڏيو.

ڌهل ڪيو ڏڏڪو — سهي ٻڌو ٻڪو.

٦٠٩. سهي کي سٿڻ پارائي ڏيو.

١. ٻڪريءَ جا ٻه ٿڻ — سهي وڌي سٿڻ.

٢. چُپ چُپاتي — سهڙ سٿڻ پاتي.

٦١٠. سٽهي کي سنگهري پارائي ڏيو.

واڙ کي ڍنگهري — سهي پاتي سنگهري.

٦١١. سهي کي سوڙ اوڍائي ڏيو.

١. حڪيم پيٺا چوڙ — سهي اوڍي سوڙ.

٢. آتران ٽي ڳوڙ — سهي اوڍي سوڙ.

٦١٢. سهي کي کهاڙي ڪڍائي ڏيو.

پکيي ته آڙي — سهي کنئي ڪهاڙي.

---

٦٠٣. ٻي روايت: هرڻي ميڙي ڏيو.

٦٠٦. ٻي روايت: شينهن کي پٽڙو پارائي ڏيو.

٦١١. ٻي روايت: شينهن کي سوڙ اوڍائي ڏيو.

٦١٣. شيطان جو منهن ڪارو ڪرائي ڏيو.
ڪاريءَ ڪُڪڙ ڪيو آرو - شيطان جو مُنهن ڪارو.

٦١٤. شينهن کي پاڻي پياري ڏيو.
رات آئي راڻي - شينهن پيتو پاڻي.

٦١٥. شينهن کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
ٻير مٿي مٽڪو - شينهن ٻڌو پٽڪو.

٦١٦. شينهن کي جامو پارائي ڏيو.
آڪريءَ ۾ آمو - شينهن پاتو جامو.

٦١٧. شينهن کي روٽڙي ڏيو.
پٽ ۾ ڏوٽي - شينهن ڏنو روٽي.

٦١٨. شينهن کي ڪيلائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪيلي - شينهن ڏنو ڪيلي.

٦١٩. شينهن کي ماني ڪارائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪاني - شينهن ڪاڌي ماني.

٦٢٠. فقيرن کان ٻولڙي چڙائي ڏيو.
فقير کي چڙيو آڏي - ته ٻولڙي ڏني چڙي.

٦٢١. ڦوڙيءَ کان ڦرُ چڙائي ڏيو.
١. نانگ کنيو ڪر - ڦوڙيءَ چڙيو ڦر.
٢. وات ڪاڏو وو - ڦوڙيءَ چڙيو ڦر.

٦٢٢. ڦوسڻيءَ کي ڦيري پارائي ڏيو.
ڏ هڪڻيءَ ۾ ڏيري - ڦوسڻيءَ پاتي ڦيري.

٦٢٣. ڪانءُ جو مٿو ڪوڙائي ڏيو.
ڏکيءَ ۾ ڏوڙ - ڪانءُ جو مٿو ڪوڙ.

٦٢٤. ڪٻر کي ڪانچ پارائي ڏيو.
اتر لڳي وانچ - ڪٻر پاتي ڪانچ.

---

٦١٨. ٻي روايت: هرڻي کي ڪيلائي ڏيو

٦٢٥. ڪڇ مان پٽ آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي رت ــ ڪڇ مان آيو پٽ.

٦٢٦. ڪڇ مان ٿاندو آڻائي ڏيو.
ٻيلو ٿيو ٻانڊو ــ ڪڇ مان آيو ٿاندو.

٦٢٧. ڪڇ مان وهڙو آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي وهڙو ــ ڪڇ مان آيو وهڙو.

٦٢٨. ڪرو پرڻائي ڏيو.
'سڄڻ' کي آيو ٻرو ــ ڪالهه پرڻيو ڪرو.

٦٢٩. ڪڪڙ کي وٽ لهرائي ڏيو.
گدڙ ڏني ٻٽ ــ ڪڪڙ لاٿي وٽ.

٦٣٠. ڪنهي جي ڏاڙهي ڪوڙائي ڏيو.
غريب ٻوڪي واڙي ــ ڪوڙ ڪنهي جي ڏاڙهي.

٦٣١. ڪودو، ڪوهه ٽپائي ڏيو.
لغڙ ڏني لوهه ــ ڪودو ٽپيو ڪوهه.

٦٣٢. ڪوهه تان ڪٽ ٽپائي ڏيو.
ٻه ٻانيڻ، ٻه پٽ ــ ڪوهه تان ٽپي ڪٽ.

٦٣٣. ڪوهه مان ٻيرا ڪڍائي ڏيو.
ماڙي ڪاڏا ڦيرا ــ ڪوهه مان نڪتا ٻيرا.

٦٣٤. ڪوهه مان ڳيرو ڪڍائي ڏيو.
آئر آيا ٻيرا ــ نڪر ڪوهه مان ڳيرا!

٦٣٥. ڪوهي رت مان ٻرائي ڏيو.
ڏڳيءَ هڻي لت ــ ڪوهي ٻري رت.

٦٣٦. گدڙ ڪان مڇي مارائي ڏيو.
مائي، ڏاڏي جو پاڻي هاري ــ گدڙ ٻيٺو مڇي ماري.

٦٣٧. ڳوهه کي جتي پارائي ڏيو.
ڳنڍيءَ ۾ جهاتي ــ ڳوهه جتي پاتي.

٦٣٨. ڳوھہ کي ڪتسي ٽپايو.
لوٽي ۾ لسي- ڳوھہ ٽپي ڪتسي.

٦٣٩. ڳوھہ کي ڳانو پارائي ڏيو.
١. ٻت تي ڪانو- ڳوھہ ڀاتو ڳانو.
٢. آڪريءَ ۾ آنا- ڳوھہ پانا ڳانا.

٦٤٠. موليھي آٽ ميڙائي ڏيو.
ساڪرو ڏورو سيريان- موليھي آٽ ميڙيان.

٦٤١. وچ درياہَ ۾ ماڙي آڏائي ڏيو.
ادي وچائي تاڙي- وچ درياہَ ۾ آڏي ماڙي.

٦٤٢. ھالن مان حقا آڏائي ڏيو.
ھنڌيا شڪارين جھنگ ۾ ڏٺا- آيا آڏامي ھالڻون حقا.

ب

٦٤٣. آپ مان سونر ويڙھہ لاھي ڏيو.
ٻابي جو ٻوڙ، آما جو ڏير- آپ مان لاٿم سونو ويڙھہ.

٦٤٤. آپ مان سونھي ٿالھي ڪڍڻ ڏيو.
آما جي پيھہ، بابي جي سالي-
ڪيان آپ مان سوني ٿاليھي.

٦٤٥. آپ مان سوني سرائي لاھي ڏيو.
مامو پنھنجو، مامي پرائي- لاٿم آپ مان سوني سرائي.

٦٤٦. آپ مان سوني متنجي لاھي ڏيو.
ٻڪڻ مٿو، ٻڪائي گنجي- آپ مان لاٿم سوني متنجي.

٦٤٧. آڏ چانور مان ڇڄ ڪارائي ڏيو.
ڇوڇا ميڙيان، ٿئو ٽپايان- آڏ چاور مان ڇڄ ڪارايان.

٦٤٨. آڪ ھيٺان پاڏو اٺاري ڏيو.
ھنيم گڏ، ڇٽيا پٽ- آت ڙي پاڏا! پٽياءِ ڪٽ.

---

٦٤٤. ٻي روايت: کوہ مان سوني ٿالھي ڪڍائي ڏيو.

٦٤٩. ٻَٻُر تي ٻيلو چاڙهي ڏيو.
ميهنَ ڪيا وسڪارا، ڏيکجي ويا تارا —
رَنڍيو ڏيکو ٻيلو، ٻَٻُر چڙهيو ٻيلو

٦٥٠. ٻلي ڏُهي ڏيو.
هيڏانهن بہ ڪِلي — هوڏانهن بہ ڪِلي،
ويٺي ڏُهي ٻلي.

٦٥١. ٻليءَ کي ميڪائي ڏيو.
ڪاٺ پنو ليڪي، چتُون وٺو چيڪي،
مٿان ٻلي ويٺي ميڪي.

٦٥٢. ٻن مُڙسن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.
١. چتُون، ڇهب رَتُون، ڪاٺي ڪٺوري، اوڳي ٻتن
ٻن مُڙسن جا ٻارهن ڪنَ.
٢. آٺ دريون، اٺ دروازا — جن ۾ ويهن راوت راڻا،
ٻيجي سوپاريون ڪاٺن ٻتن — ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪَن.

٦٥٣. ٻولڙيءَ کي تڪو هلائي ڏيو.
فقير هجي ٻيڙو — ماڻهن جو هجي ميڙو،
چيلهي جي ڏيکار ڪل — ٻولڙي! تون تکي هل.

٦٥٤. ٽاريءَ تان ٽنبڻ لاهي ڏيو.
ڪارو ڪتو، ڳاڙهو ڪتو — ٽاريءَ مٿان ٽنبڻ لٿو.

٦٥٥. پاتارئون پاڻي چاڙهي ڏيو.
هرڻي، چار پير چرڻي، پنجو پير چُڙيو،
پاتارئون پاڻي چڙهيو.

٦٥٦. پاڏي ڏهي ڏيو.
آڏي نانڪان، پاڏي نانڪان پاڏي روپڪ وڏي نانڪان
آڏي آچليان، پاڏي آچليان، پاڏيءَ جو پير وڏي [چليان]
توهي پاڏي پيٺي ڏُجهي، تہ بہ پاڏي پيٺي ڏيي.

---

٦٥٢. ٻي روايت: ٻن شينهن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.

٦٥٧. چنڊ کي لاٽي چاري ڏيو.
چنڊ کي لڳو منڊُ ـ پيٽين پاڻي، ڪاڏائون لاٽي.

٦٥٨ چنڊ مان سونو ٿالهه ڪيڻ ڏيو.
ٻارهن مهينا، پورو سال ـ چنڊ مان نڪتو سونو ٿالهه.

٦٥٩. رڍ کي رُسائي ڏيو.
آکري پُسي، مُهري مُسي، آنَ ڪُسي، رڍ رُسي

٦٦٠. سٽن شينهن جا مٿا ڦاڙي ڏيو.
١. ڪيرڙ ڪو ڪو، آڪ ڳهاٽا ـ سٽن شينهن جا مٿا ڦاٽا.
٢. نيڪراٽو، وڻ ڳهاٽو ـ سٽن شينهن جو مٿو ڦاٽو.

٦٦١. سٽن شينهن جو هڪڙو ڳاٽو ڪرائي ڏيو.
١. پهڻ ڦاٽو، پڪڙيو ڇاٽو ـ سٽن شينهن جو هڪڙو ڳاٽو.
١. جهنگ ڳهاٽو، ڦڳڻ ڦاٽو ـ سٽن شينهن جو هڪڙو ڳاٽو.

٦٦٢. سٽن شينهن کي ڊؤ ڪرائي ڏيو.
سنهون پيهان، سوڪ پڇايان ـ سٽن شينهن کي ڊؤ ڪرايان.

٦٦٣. سرڻ کي ورندو پارائي ڏيو.
نيڪر ۾ نينديو، ڪٺي اچ پيينديو،
ڏپ ڪان سرڻ پانو ويندو.

٦٦٤ سڱ ڏُهي ڏيو.
ڳڻون ڪاڙي، ڳاٻو ڏڳ ـ آئيو سيلهي ته ڏُهي سڱ.

٦٦٥. سوپاري ڏُهي ڏيو.
١. لونگن ڏاري، نوڪن چاري، ڏُڏي سوپاري.
٢. عدن ڪٽوري، مدن **ڪٽوري**،
پيُون ۾ ٽاري ڏُهي سوپاري.

---

٦٥٩. ٻي روايت: آکريءَ ۾ پُسي رڍ ويٺي رُسي.
٦٦٥. ٻي روايت: انگل ڪٽوري، سنگل ڪٽوري،
ڪڻ پاري، ڏيي سوپاري.

٦٦٦. سونو پکي پرڻائي ڏيو.
هٽ ڪپڙ جو، ڏونري دکي- رات پرڻيو سونو پکي.

٦٦٧. سٿڻي کان سون گهڙائي ڏيو.
آڪ نہ ٻري، ڏيو ٻري- سٿو ويٺو سون گهڙي.

٦٦٨. سهي کي سٿڻ پارائي ڏيو.
ميڏهان بہ ڪاٽي، هوڏهان بہ ڪاٽي،
سهي سٿڻ پاٽي.

٦٦٩. شينهن کان ڪنڊلا چوڙائي ڏيو.
رڍن رڍن رڪيي ٻيهي ويٺي ڪٿين،
ميان چڙهيو گهوڙي- شينهن ڪنڊلا چوڙي.

٦٧٠. شينهن کي سمهارڻ.
چنگ چور، پتر پور، چمٽو پٽو، شينهن وڃي سٽو.

٦٧١. شينهن کي نماز پڙهائي ڏيو.
ميڏانهن بہ هٿيو، هوڏانهن بہ هٿيو،
شينهن نماز پڙهي آئيو.

٦٧٢. شينهن تي ڪتڙيو رکي ڏيو.
هڏانهن ڪڙيو، هوڏانهن ڪڙيو،
شينهن مٿي رکيو ڪڙيو.

٦٧٣. طوطو تلاءِ تان آٿاري ڏيو.
لوهہ جي ٽنگون، رپي جي تار-
آٿي ڙي طوطا، تلاءِ آهي تار.

٦٧٤. ڪانءُ پياري ڏيو.
گابي ڪيو گهہ، گئون ڪيو بان،
ٻڌي چڙهيو ڪان.

٦٧٥. ڪتو ڪلائي ڏيو.
ڏند ڀيري، چوهو چلائي- ڏونر ٽيلائي، ڪتو ڪيلائي.

٦٧٦. ڪُپڙيءَ ۾ ڪنڪ ميڙي ڏيو.

آٺ مٺو، اوجهه ٿيڙيو- ڪُپڙيءَ ۾ ڪنڪ ميڙيو.

٦٧٧. ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.

هيڏانهن به چانپي، هوڏانهن به چانپي،
ڪُڪڙ پيتو پاڻي.

٦٧٨. ڪلر ۾ ڪوٽ ڪڙڪائي ڏيو.

پاڻي ٻڙڪي، لُڏڙو لڙڪي- ڪلر ۾ ٿو ڪوٽ ڪڙڪي

٣٨٩. ڪوٽُ ڏُهائي ڏيو.

ڳئون ڪُراڙي، ڳابي ڪوٽُ-
ڪٺي آهه ونگ تہ ڏُهون ڪوٽُ.

٦٨٠. ڪيوَل ڪان لتڏ ڪڍائي ڏيو.

هيڏانهن بہ آڏ، هوڏانهن بہ آڏ، ڪنيوَل ڪڍي لتڏ.

٦٨١. کدڙو ڪٽ تا آٽاري ڏيو.

روپي ڪاني، سوني سراڻي- اٿي ڙي کدڙا ڪٽ ڀرائي.

٦٨٢. ڪَنڌي مان آٽ آڏائي ڏيو.

آچو ناڻو، ٻگر ناڻو- ڪَنڌي مان آٽ آڏائو.

٦٨٣. ڪڳو ڪيلائي ڏيو.

مهاڻو بہ ٻيو تيليءِ، مهاڻي بہ ٻئي تيلي، ڪڳو ويٺو ڪيلي.

٦٨٤. ڪودو ڪوهه تپائي ڏيو.

١. هيڏانهن ٿوهه، هوڏانهن ٻوهه، ڪودو تپيو ڪوهه.
٢. هيڏانهن گدرو، هوڏانهن ٿُوهه، ڪودو تپيو ڪوهه.
٣. ڳابا چرن آڙي واڙي ڳئون ويــــــون جُوءِ،
ڪودو تپيو ڪُوهه.
٤. آنيون چرن اوڙي ڏوڙي، مينهون چــرن جُوءِ،
ڪودو تپيو ڪوهه.

٦٨٥. ڪُوهي، نيل مان پرائي ڏيو.

هيڏانهن بہ ريل، هوڏانهن بہ ريل، ڪُوهي پري نيل.

٦٨٦. ڪُوهي ڪنڊ سان پرائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه جنڊ، هوڏانهن ٻه جنڊ، ڪُوهي پري ڪنڊ.

٦٨٧. ڪُوهي ڪير سان پرائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٻه هيِر، هوڏانهن ٻه هيِر ڪُوهي پري ڪير.
٢. واهه ۾ ٽيو ڪتڙڪو - پڪين ڪاڌو پتڙڪو،
ڪُرڙي سنئين سيِر - ڪُوهي پري ڪير.

٦٨٨. ڪيڙيءَ ۾ کوهه ڪٿائي ڏيو.
آلــي ڪــانــي، چوُ پيــڙانــي،
پچي نہ پچي، ڪيڙيءَ ۾ پيو کوهه ڪچي.

٦٨٩. گانگٽ گِڏ تان اتاري ڏيو.
ستر سڪو، پتہڻ سائي، آئي ڙي گانگٽ، گِڏ پرائي.

٦٩٠. گدڙ ٻيڪائي ڏيو.
پــاڻــي ڪــارو، مــکــين جهينگاريو،
مکيون ويون ٻڪي، گدڙ ويٺو ٻيڪي.

٦٩١. گدڙ ڦاهيءَ چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن ٻه واهي، هوڏانهن ٻه واهي، گدڙ چڙهيو ڦاهي.

٦٩٢. گدڙ کان گاهه ڪرائي ڏيو.
ڏُٻا سڪا، پريو واهه - گدڙ ٻيهي ڪيو گاهه.

٦٩٣. گڏهه وات تان اڏاري ڏيو.
هڪ مڻ آٽو، ٻه مڻ ٻات - اٿي ڙي گڏهه هيءَ پرائي وات.

٦٩٤. گنڊڻ گنديءَ ۾ نچائيو.
واڻيو پيو اچي، باهه پيئي مچي - گنڊڻ گنديءَ ۾ بيٺو نچي.

٦٩٥. گُوهو هٿائي ڏيو.
ڪُئون پوڙهي، گابو چُوهو - وجهي نُوچڻ هٿان گُوهو.

٦٩٦. گوهه کي هٽس پارائي ڏيو.
هيتان ٻه گِٽس، هُتان ٻه گِٽس، گوهه پاتو هٽس.

٦٩٧. گهوڙو، کوهه مان کڏائي ڏيڻ.
١. راهه اٿڙکي، اوڙا چوڙا - چار چهڪ، نيڪر گهوڙا.
٢. آٿر کيڙا، پيچ ڪٽيڙا - چٽهو چهڪ، نيڪر گهوڙا.
٣. چٽهي چهڪي، وَچ ڪٽورا - اَيڙ ڪلا، نيڪر گهوڙا.
٦٩٨. لومڙيءَ کي لاٿون ڏيارڻو.
ڪانگ ڪيو ڪان ڪان، ٻليءَ ڪيو مياٿون،
لومڙيءَ لڌيون لاٿون.
٦٩٩. لوها لڏون ڳڙائي ڏيو.
چار دريون، چار دروازا - اندر ويٺا صاحبزادا،
صاحبزادا لٿيا - لوها لڏون گهڙيا.
٧٠٠. ماڙي مٿان مرچ اڏائي ڏيو.
١. اکڙيون، ٽِڪڙيون، پوش پُراڻا - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻا.
٢. ايچر گهيچر پڙچ پُراڻو - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻو.
٧٠١. ماڙيءَ تي مينهن ليٽائي ڏيو.
١. آرت تاڙيون آٺ، نائين پهيتي - مينهن ماڙيءَ تي ليٽي.
٢. چار چور، پنجين پهيتي - مينهن ماڙيءَ تان ليٽي.
٧٠٢. مصري مٿي چاڙهي ڏيو.
ڏک لڳو، ٽمڪو سڳو -
ڳالهه ويئي وسري، مٿي چڙهي مصري.
٧٠٣. مَٽَ تي ٻوري چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به ڍوري، هوڏانهن به ڍوري،
مَٽَ تي چڙهي ٻوري.
٧٠٤. منجو ڏُهائي ڏيو.
ڳنڍيون ڪُراڙي، ڳابو ڳنجو -
ڪٿي آهه ڊِنگ ته ڏُهي ڏيانءِ منجو.

٦٩٩. ٻي پڙهڻي: ست دريون، ست دروازا، جنهن ۾ ويٺا خانزاد.

٧٠٥. ميهن کي ڏيڪائي ڏيو.
١. چار چار، پنجين ٽيڪي-پيڇر هيٺان مينهن ڏيڪي.
٢. ڏڪو ٽٽو، ميهن وٽو-
دانگي ۾ ٽيڪي، ميهن آئي ڏيڪي.
٧٠٦. نانگ ڏهي ڏيو.
اڌ ڪپڙو تانگهه ٿي تانگهي- ڪٿي سيلهي ته ڏيي نانگ.
٧٠٧. وچ درياهه ۾ ٻگڙا متهتائي ڏيو.
توم، بصر، لوڻ لهٽيون، وچ درياهه ۾ ٻگڙا مهٽيون.
٧٠٨. وچ درياهه ۾ ٽاني ڪڍائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪاني، هوڏانهن به ڪاني،
وچ درياهه ۾ نڪتي ٽاني.
٧٠٩. وچ درياهه ۾ ٽويو ٽلائي ڏيو.
هتر هتلي، پاٹي چٽلي- وچ درياهه ۾ ٽويو ٽلي.
٧١٠. وچ درياهه ۾ ڏونهون دکائي ڏيو.
هيڏانهن به ڪُونٺهون، هوڏانهن به ڪُونٺهون،
وچ درياهه ۾ دکيو ڏونهون.
٧١١. وچ درياهه ۾ ساڳ پڄائي ڏيو.
وڏي واڙي، لڳهي ياڳ- وچ ڊرياهه ۾ پڄي ساڳ.
٧١٢. وچ درياهه ۾ سوني سڙڪ نهرائي ڏيو.
هوڏانهن به ڪٽڪ، هوڏانهن به ڪٽڪ-
وچ درياهه ۾ نهي سوني سڙڪ.
٧١٣. وچ درياهه ۾ نار چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن به تار، هوڏانهن به تار-وچ درياهه ۾ چڙهيو نار.
٧١٤. وچ درياهه ۾ هٽ آڏائي ڏيو.
هيڏانهن به مٽ، هوڏانهن به مٽ.
وچ درياهه ۾ آڏيو هٽ.

٧١٥. وڻ مٿان واري آڏائي ڏيو.
آبو هاري، ادو ڪوڏاري- وڻ مٿان آڏائي واري.

٧١٦. هالن مان آرٽ آڏائي ڏيو.
١. اِيچر گهيچر، ڀڙچ پراڻا- هالن مان آئي آرٽ آڏاڻا.
٢. آٿر گوندر لٿا پُراڻا- هالن مٿان آرٽ آڏاڻا.

٧١٧. هرڻيءَ تي هنو چاڙهي ڏيو؟
هيڏانهن به ڀنو، هوڏانهن به ڀنو، هرڻيءَ تي چڙهيو هنو.

٧١٨. هرڻيءَ کي سينگار ڪرايو.
ڇم ڇم باجا، ڇم ڇم هار، هرڻي ڪيا سينگار.

٧١٩. هرڻيءَ کي هار پارائي ڏيو؟
مٿن تڏو، مٿن ڪوسو، من مٿي بار، هرڻيءَ پاتو هار.

٧٢٠. هرڻيءَ کي هس پارائي ڏيو.
هيڏانهن به گس، هوڏانهن به گس، هرڻيءَ پاتو هس.

## ج

٧٢١. آپ مان سؤني لاهي ڏيو.

لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ٻيي چڙهيو تار،
تاري ڪٿي هير، ٻيي چڙهيا مير،
ميرن ڪيون گرڙيون، ٻيي چڙهيو ڪرڙيون،
ڪرڙين ڪٿي راڙ، ٻيي چڙهي ترار،
ترار جو مٿو، ٻيي چڙهيو ڪٿو،
ڪٿي جو پلاند، ٻيي چڙهيو ڏهو ڏاند،
ڏهي ڏاند جو ڪُر، ٻيي چڙهيو حُر،
حُر جي چوٽي، آئي آپ مان سؤني.

---

٧١٦. ٻي روايت: ماڙيءَ مٿان ارٽ آڏائي ڏيو.

٧٢٢. آٽ ِ کي ٻاڏي ٻياري ڏيو.

لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ سانڌارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري هٿين مند، ٻي چڙهيو چند،
چند هٿيو پلاند، ٻي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند هٿيو پُڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪٿي راڙ، ٻي چڙهي تراڙ،
تراڙ هٿيو ولو، ٻي چڙهيو گلو،
گلهي هٿين مُٺ، ٻي چڙهي آٽ.

٧٢٣. آٽ ماڙيءَ تي چاڙهي ڏيو.

مينهن موڪون، لٿيون روڪون،
ٻريا ٻاڏا، ٻرتا ٻاڏا،
ٻڪي واڙي، آٽ چڙهيو ماڙي.

٧٢٤. ٻارن کي ٻاڏي ٻياري ڏيو.

ميرن کيون ڪرڙيون، ٻي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين هٿيو پُڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ هٿيو متو، ٻي چڙهيو ڪتو،
ڪتي ۾ ڳانا، ٻي چڙهيا آنا،
آنن ۾ وارَ، ٻي چڙهيا ٻار.

٧٢٥. ٻانڀڻ جوسي ڪڍائي ڏيو.

هڪڙو هو راجا، ان جي سر ۾ ڏاڳو،
تو چڪيو، سون چڪيو، تي ٻيو دروازو،
دروازي سان ست ٻٺون، نڪتي ڳوري ڳٺون،
ڳوري ڳٺون لاٿي ڦوسي، نڪري آيو ٻانڀڻ جوسي.

٧٢٦. ٻلي کي وڻ تي چاڙهي ڏيو.

ڪٺو هو ٻر ۾، ٻلي هٿي ٻر ۾،

---

٧٢٥. جوسي= جوتشي.

ڪنهن نڪتو آئي لاهه، ٻلي آئي چٽي لاهه،
ٻلي ھئي زور، ڪتي ڪئي ڊوڙ،
ڪتو ويو نڪري، لڳي ٻنهي جي چڪري،
ڪتي ڪئي اڙي، ٻلي وڻ تي چڙهي.

٧٢٧. پولڙو پرچائي ڏيو.
پولڙو آيو بازار ۾، ناچ ڪري شهر ۾،
فقير ڏنو سنهن، پولڙي ڦيرايو منهن،
قسم توکي ساليءَ جو، ٻيو ملڪ واليءَ جو،
ساليءَ ڪيو پيار، پولڙي ڏنو آر،
جڏهن نڪ مان ساليءَ ورتو، تڏهن پولڙو پرتو.

٧٢٨. تارو پرڻائي ڏيو.
ڪرڙ ڪاٺ، لئي ڦوڙاٺ،
جهڏو گدام، پر سلام،
هيٺ تراريون، مٿي پالا،
پالن ڪئي پيڙ، پرٽيا وير،
گولا مليا لڪ، گولي پڳو ڪڪ،
ڪڪ تي ويٺي ماکي،
ماکي ڪيو آرو، تڏهن پرڻيو تارو.

٧٢٩. ترار کي پاڻي پياري ڏيو.
لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ منارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، ٻي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي ڪرڙي، ٻي چڙهي ڪرڙي،
ڪرڙي لاتا آنا، ٻي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪئي هير، ٻي چڙهيا مير،
ميرن ڏني پئي، ٻي چڙهي آئي،
آئي ڪئي راڙ، ٻي چڙهي ترار.

۲. لاڪڙ هلي، لاڪڙ چلي،
لاڪڙ ۾ ساندارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري ڏني هنڌي، ٻي چڙهي ڳنڌي،
ڳنڌيءَ جو ٻلاند، ٻي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند جو ٻڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، ٻي چڙهي ترار.

۷۳۰. ٻٽلي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏ لڪڙ، آوي لڪڙ،
لڪڙ ۾ منارو، سامهون آيو تارو،
تاري ڏني ٻٽ، سامهون آيو اَٽ،
اَٽ ڪئي گوڙ، سامهون آيو چور،
چور تي ناڙي، سامهون آئي ماڙي،
ماڙيءَ تي ڪٽلو، پاڻي پيئي ٻٽلو.

۷۳۱. چنڊ پرڻائي ڏيو.
ڪنڊا چام، ڏي سلام،
مٿان ترارين، هيٺان ٻالا،
ٻالن ڪئي پيڙ، ٻرڻيا ٻير،
ٻيرن ڪيو مُنڊ، تڏهن پرڻيو چنڊ.

۷۳۲. خنجر کوهه کٽائي ڏيو.
آنب کٽو، لئنب کٽو، کٽو مٺيرو،
چندن کي چاڪ ڏيئي، اڏائو ڳيرو،
ڳيرا ڙي ڳيرا! ڪاڏي تو وڃين،
وڃان تو نبيءَ جي ديري،
بادشاه جو ٻٽ باغ ۾ هرڻ نچائي،
هرڻ سندا ٻچڙا، چيٽن ۾ چنگهائي،
چار کوڏارين ڪلهن تي، خنجر کوهه کٽائي.

٧٣٣. ڏر مان سيڙهه ڪڍائي ڏيو.
ٻانيڻ جوسي ٻٽي ٻوتي، نڪري آئي ڪاري ڪوتي،
ڪاري ڪوتي لاٿي لڏ، نڪري آئي مائي تڏ،
مائي تڏ ڇڏيو ٻچو، نڪري آيو لوهار ٻچو،
لوهار ٻچڙي ناهي آر، نڪري آيو ڪالو ڪنڀار،
ڪالو ڪنڀار ناهي دانگي، نڪري آيو مراد سانگي،
مراد سانگي وٺيو واڻ، نڪري آيو جوسب دڪاڻ،
جوسب دڪاڻ ناهيون ڪاريون، نڪري آيون ڪاريون ٻليون،
ڪارين ٻلين لاتي ويڙهه، ڏر مان نڪتي ڏاڏي سيڙهه.

٧٣٤. سج ني مانيون پچائي ڏيو.
آڏي لا ڪڙ، پاڏي لا ڪڙ،
پاڏيءَ ۾ ٻاهوڙا، گهاتو چڙهيا گهوڙا،
چڙهي آيا چور، اوناري اتور،
چٽن هنئي جاڙي، لڳي ويئي تاڙي،
تاڙيءَ ڪيو ٺا، چورن ڇيو ها،
'ها' سان ٿيو هل، چوري ٿي ويو گل،
گل ڏنو چنڊ، وڃي ويو گهنڊ،
گهنڊ ڪيو گهان، چورن ڪئي پان،
پان ٻيگا ٻيهلا، آيا آڏي ليلها،
ليلهن لاٿيون آنڙيون، سج ني ڪيون مانڙيون.

٧٣٥. سوني ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.
تج ٻيبي، تاج ٻيبي در لاهه،
ڏيو ٻار، ڪر سينگار،
سوني ڪڪڙ کي پاڻي پيار.

٧٣٦. سوني ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.
ڪيرڙ ڪاٽ، لئي قوڙاٽ، ڪنبو چام، پر سلام،
ٻيبي فاطمه! ڏيو ٻار، سوني ڪڪڙ کي پاڻي پيار.

٧٣٧. سُئي کي پاڻي پياري ڏيو.

آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏي ۾ ساندارو، ٻيي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، ٻيي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنئي اور، ٻيي چڙهيو چور،
چور هنئي تاڙي، ٻيي چڙهي ماڙي،
ماڙيءَ ڏنو ڪنڀ، ٻيي چڙهيو انب،
انب ڏني ٻُٽ، ٻيي چڙهي آٽ،
آٽ وچي مُئي، ٻيي چڙهي سُئي.

٧٣٨. صاحب جو مٿو ڦوڙائي ڏيو.

انتر ڪونا، ٻنتر ڪونا، جيڪي ميں رمئين ننڍا وڏا،
[انتر ڪونو جنتر ڪونو، جنهن ۾ راند ڪن ننڍا وڏا]
ننڍي وڏي هنيو ڪڪرو، ڪڪرو لڳو ٻاوي ري ٻڪري نان،
[ننڍي وڏي هنيو پٿر، پٿر لڳو ٻائي جي ٻڪريءَ کي]
ٻاوي ري ٻڪري ۾ ڏڌ توڙو، صاحب رو مٿو ڦوڙو.
ٻائي جي ٻڪري ۾ کير تورو، صاحب جو مٿو ڦوڙيو.]

٧٣٩. ڪاٺيءَ جي پونگي ڪائي ڏيو.

ڪڪڙ ڪتو، پتن ۾ سُتو، پتن پُراڻي آئي هاٺي،
پيچ ڙي ڪاٺي، پونگي ڪاٺي.

٧٤٠. ڪنگ کي پاڻي پياري ڏيو.

لڪڙ هلي لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ٻيي چڙهيو تارو،
تاري ڪئي هير، ٻيي چڙهيا مير،
مير ڪيون ڳرڙيون، ٻيي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين لاٿا آنا، ٻيي چڙهيا ڪانا،
ڪانن جهليا سنگ، ٻي چڙهيا ڪنگ.

---

٧٣٩. ساڙائي.

۷۴۱. مڪ پرڻائي ڏيو.
ڪرڙ ڪاٺ، لڱي ڦوڙاٺ،
ڪنڌو چام، ڏي سلام،
هيٺان تراڙيون، مٿان ٻالا،
ٻالي لڳي هير، پرڻيو پير،
پير ڄڻي اڪ، پرڻجي وئي مڪ.

۷۴۲. نانگن کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏي ۾ ساندارو، پي چڙهيو تارو،
١. تاري ڏني ٻٽ، پي چڙهيو آٽ،
٢. آٽ هنيو دڙهو، پي چڙهيو مڙهو،
مڙهي ڏني ٻانگ، پي چڙهيو نانگ.

۷۴۳. هاٿي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لڪڻ، پاڏي لڪڻ،
پاڏيءَ ۾ ساندارو، پي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڍ، پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪڍي گوڙ، پي چڙهيو چور،
چور هڻي ڪاتي، پي چڙهيو هاٿي.

ل

۷۴۴. آپ تي آٽ چاري ڏيو.
تيلي اچي، تيلي وڃي، تيلي وئي آنگاس،
آٽ چاريم اپ تي. ابي ڏني شاباس.

---

۷۴۱. ٻي روايت: ميرن ڄڻي اڪ، پرڻجي وئي مڪ.
۷۴۲. ١. تاري ڏني منڍ، پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڏني ٻانگ، پي چڙهيو نانگ.
٢. پي چڙهيو مُرغو.

٧٤٥. اڌ پٽر مان ماڙي جوڙائي ڏيو.
تيلي ڪَچي، تيلي پڪي، تيلي وئي آنڪاس،
آڌ پٽر مان ماڙي جوڙيائون، رازن ڪي شاباس.

٧٤٦. آٺ ڪي ڳاهہ چارائي ڏيو.
ٻٺيهہ ٻُوٽا ٻنيءَ ۾، ٽيٽيهون لاهہ،
هاري هليو هـَر ني، آٺ چـَري ٿو ڳاهہ.

٧٤٧. آڌ ڪٺي مان ڇڇ ڪارائو.
چـُوچا ميڙيان، ٽئو ٽپايان، ٽئي ڏنو تاهُ،
اٿي ڙي ڇڇ، آڌ ڪٺي مان ڪاهُ.

٧٤٨. ٻتهاتو پاڻي پيئاڙو. [وهنڊڙ پاڻي پياريو].
جوسائي سين جـُوسي هليو، نام اوئي رو جيئو.
[جوسائي ڪان برهمڻ هليو، نالو جنهن جو جيئو]
سسي ري تو سانداري لايو، ٻهاتو پاڻي پيئو.
[سهي جي پخال آندائين، ۽ وهنڊڙ پاڻي پيتائين]

٧٤٩. ٻليءَ کي هار پارائي ڏيو.
هيٺ ويٺا ميرمتان پـين ٻار،
سونارا سڀ مڙي ويٺا، ٻليءَ پاتا هار.

٧٥٠. ٽنڊڻيءَ کي ٽوپلو پارائي ڏيو.
ڪيـڻل ڪي ٻمرن ۾ ٻـج سيرو ڪتلو،
ٽنڊڻيءَ پاتو ساڙ مان ٽيهہ سيرو ٽوپلو.

٧٥١. ٻـَٽ ڪي گهاٽي ۾ وهائي ڏيو.
جـُمعي سندي جـُوءِ ۾ آئيـٺون ڏٺم آٺ،
اچان جي اوطاق تي تہ ٻٺي گهاٽي وهي ٻـَٽ.

٧٥٢. ٻپر هيٺان ڪودو آٿاري ڏيو.
ٻـپـر ٻـُراڻي جـو چٺـيو ٻـن،
آٿي ڙي ڪودا، ٻٺيانءَ نہ ڪن.

٧٥٣. جونءِ کي نماز پڙهائي ڏيو.
١. ٽيٽيهتر جي ٽنگ ڀڳي، جهٽي ورتي باز،
ڪيل ڪٽيو ڪؤنرو، جونءِ پڙهي نماز.
٢. ٽتيهاري ٽنگن ڏکهي، ٽنگون چوٽيون باز،
ڪرو ٽنگي ڪرڙ ۾، جُون پڙهي نماز.
٣. ٽي ٽنگون ٽٽيهر ڪي، چوٽين ڀڳي باز،
ڪرو رکي ڪرڙ پٺيان، جون پڙهي نماز.

٧٥٤. چار هيٺان سهو آٿاري ڏيو.
دُنبي دُنبي چار، دُنبا دنبا پن،
آٿي ڙي سها، ڪُتيانءِ نہ ڪن.

٧٥٥. چار ليمُون چوراي ڏيو.
بهادر چڙهيو ڀت تي، آغا ڏنس آر،
ڳُل ڇنائين هڪڙو، ليمُون چورائين چار.

٧٥٦. چار وڻ چوري ڏيو.
ڀرڪڻ ويٺو ڀت تي، ڇڪيائين نار،
ڪُل ڪريو هڪڙو، وڻ چُريا چار.

٧٥٧. پناڻ پڄائي ڏيو.
هُن پر جون موريون ڇڇيون، هن پر جا ڪڳا،
ڪلهوڙن سوپ ڪٽي، پناڻ پٺيءَ ڀڳا.

٧٥٨. دهلي ۾ ڏڻ چاوائي ڏيو.
مولي مينهن وساءِ، ڦٽن ساوا گاهه،
ساٺو گاهه پٽن تي آيريو، دهلي ۾ ڏڻ چَريو.

٧٥٩. ڏيڏري ڏُهائي ڏيو.
سياري جو سيءُ، اونهاري جو سهان،
ڏاڏي ڏي ڪُپڙي تہ ڏيڏري ڏُهان.

---

٧٥٤. ٻيون روايتون: ڪِر ڪِر ڪنديون، ڪِر ڪِر پن،
ڇِدي ڇِدي جار، تورا تورا پن.

٧٦٠. ڏيڍريون ڏهي ڏيو.

آڪ ٽڙ، نم ٽڙ، ٽوٽڙيون وڃن،
ٽپا ٽپيون ڪٽي اچو ته ڏيڍريون ڏين.

٧٦١. راڻيءَ کي روزو ڇوڙائي ڏيو.

ٻنيون ٻه پهٽيون ڏاڍي ڏونگر هيٺ،
راڻيءَ روزو ڇوڙيو، جهنبولي وڻ هيٺ.

٧٦٢. رڇ روڄاڙي ڏيو.

مرچ ٽرياسين ماني لاءِ، ته مٿان آٽي نيڇَ،
سونٺو هنيو سين سڪ کي، ته روئي ڏنو رڇ.

٧٦٣. شينهن کي ٽوپ پارائي ڏيو.

آڌيلي جي ڪڇٽي، آڌيلي جو پوپ،
جان وڃان بازار ۾ ته شينهن پاتو ٽوپ.

٧٦٤. ڪڪڙ کان ڪانهن لٽائي ڏيو.

هالائيءَ ۾ هل، ٻڙهلائيءَ ۾ دانهن،
ڪڪڙ ڏاتو پڇ ۾، لٽي ويٺو ڪانهن.

٧٦٥. گڏهه کان گوهي چڏائي ڏيو.

ڪٽي ويس لوهار ڏي رنبو ۽ روهي،
ڏندو لڳو ڏاگهي کي ته گڏهه چڏي گوهي.

٧٦٦. ٻنديءَ کي لوڏ ٻڌائي ڏيو.

سُپ ٻڌن ڇُهڙا، ميتي ڪٽن اوڏَ،
اچو وڃو ماڙهُوئا، ٻنديءَ ٻڌي لوڏ.

٧٦٧. ماتيءَ مان پلو ڪڍائي ڏيو.

دڙڪو ٻڌي دشمن جو، هنيم ڪتر کي ڪَتلو،
مٿو لڳو ماتيءَ کي ته نڪري آيو پَلو.

٧٦٨. مينهن کي مُنڍي پارائي ڏيو.

هيڏانهن ٻه چڪر، هوڏانهن ٻه چڪر، وچ ۾ لڳي باهه،
سڏي آءُ سوناري کي ته مينهن کي مُنڍي پاءِ.

٧٦٩. وچ درياهه ۾ دونهون دکائي ڏيو.
چار گابا آڙي واڙي، پنجون گابو سونهون،
پاڻي کي جوت لڳي، آڏ درياهه ۾ دونهون.

٧٧٠. وِهندي وات ڪرائي ڏيو.
ڏهه اگرڙا، ڏهه پچرڙا، ڏهه ڪارڙا ڪاٺ،
آچو وِجو چوکرڙا، وهندڙي آئڻون وات.

٧٧١. هاٿي ٽنگائي ڏيو.
ڪيول هٿلي ساهرين مٿي ميندي لائي،
آٺ ٻڌائين چيلهه سان، هاٿي ٿي ٽنگائي.

٧٧٢. هرڻي نچائي ڏيو.
مٽمن پٽ ماريءَ جو، ليمان ٿو چيرائي،
سائو چهبڪ هٿ ۾، هرڻي ٿو نچائي.

٧٧٣. هنجهه هونگاري ڏيو.
ڪرڙن سنديون ڪاٺيون، ويڙهين سندا ونجهه،
ايڏان لهرين وچ ۾، هونگاريا ٿئي هنجهه.

---

# باب پنجون

## ڏسٽاڳ

[هن باب هيٺ ڏنل پروليون ستاء جي لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏکڻ الهندين ڪوهستاني علائقي ۾ ”دستاڳ“ جي نالي سان مشهور آهن. هنن پرولين جي ڏيڻي ڳهٽ ۾ ڳهٽ ٻن سٽن تي مشتمل آهي، ۽ هر هڪ سٽ ۾ ’پڇڻي‘ واري شيء يا وٿ جو ڪونه ڪو اهڃاڻ، ٻيء ڪنهن شيء سان تشبيهه طور ڏنل آهي. اهڙيء طرح ڏيڻيء ۾ جيتريون سٽون، اوترائي اهڃاڻ، مثلاً ”رپئي“ جا اهڃاڻ هن طرح نروار ڪيا ويا آهن:

آنا اٺس پڪيء جان، پر پڪي به ناهي (يعني ١٦ آنا)

چار پير مرونء جان، پر مرون به ناهي (يعني ۴ پائليون)

ڳهمي ٿون ولائتون، پر جوڳي به ناهي (جتي ڪٿي هلي)

سنڌ جي مختلف حصن مان مليل انهي قسم جون پروليون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

آڳ

٧٧۴. نڪ سپائي ٿو ڪنوار وانگر، ڪنوار به ناهي
جبل جهاڳي ٿو شوق سان، جوڳي به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ايٽ (چرخو)

٧٧٥. ڪوٽ وانگر ڪنگرا، ڪوٽ به ناهي
نانگ وانگر وَر وَر، نانگ به ناهي
ڪري ڳالهيون ڪنوار سان، گهوٽ به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### پڌڪ

٧٧٦. اڇي اڇي ڪير جهڙي، ڪير به ناهي
گهمي ٿي پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### بندوق

٧٧٧. تاج اٿس سر تي، بادشاهه به ناهي
اڪ اٿس ھڪڙي، ڪاٺو به ناهي
ڪچي اٿس ڊگهي، پر مور به ناهي
ڦري ماري چورن وانگر، چور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ٻُوٽ

٧٧٨. ڪارو آهي ڪانوَ جهڙو، ڪانوَ به ناهي
پـر گـُـل ٿا لـڙڪـن، پر ٻوٽو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### پولڙو

٧٧٩. نچي ٿو ناچو وانگر، ناچو به ناهي
پڙي پاڻي پار وانگر، پار به ناهي
لٺ ڪٽي ڪلهي تي، ميهار به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### پوڌر

٧٨٠. ڪنب اٿس پٽاپٽي، پوپٽ به ناهي
رنگ جو ڪارو آهي، ڪانگ به ناهي
رهي ٿو ٻرن ۾، نانگ به ناهي
واس وني ٿو باغن ۾، ماڻهو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**پينگهو**

٧٨١. جهُولي تو جِنّ وانگر، پر جِنّ به ناهي
رينگٽ کري نار وانگر، پر نار به ناهي
ماڻهو مٿس سواري ڪري، پر وهٽ به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٨٢. چنگهون اٿس چار، پر جانور به ناهي
جهولي تو نانگ وانگر، نانگ به ناهي
ماڻهو ٿا سواري ڪنس، پر وهٽ به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چوُر**

٧٨٣. چنبڙي تو ٻار وانگر، ٻار به ناهي
رت پئي تو مڇر وانگر، مڇر به ناهي
رهي تو پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چٻرو**

٧٨٤. ڪن اٿس ماڻهو وانگر، ماڻهو به ناهي
اکيون ڦاڙي ڏيکاري، ڏائڻ به ناهي
رهي مقامن ۾، جِنّ به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چٽڪ (ڪنڀار جو)**

٧٨٥. ڦري تو ڀؤنر وانگر، ڀؤنر به ناهي
لٽ ڪٽي تو هڪليانس، ته ڍور به ناهي
ڦٽر به ملوڪ چٽي، پر جانور به ناهي—
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**چلم**

٧٨٦. گوڙيون ڪري شينهن وانگر، شينهن به ناهي
دونهون ڪڍي گاڏي وانگر، گاڏي به ناهي

ڦُوڪُون ڏڻي نانگ وانگر، نانگ به نــاهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ڇهڙو

٧٨٧. آڏامي تـو پکيءَ جان، پر پـکي به ناهي
ڦر ڏڻي جـانور جان، پر جانور به ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٧٨٨. آڏامـــي آسمـــان ۾، پـر پـکي به ناهي
چار پير چوکـا انس ، پر پـکو به ناهي
چارو چري رات جو، پر گهُوگهُو به ناهي
ڏينهن جو سُڄي جاء ۾، پر چور به ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٧٨٩. آڏامـي ڌـــو عـرش تي، پـکي به ناهي
کن ٻــچ کڻي جهڙا، ڪئو به ناهي
ڏينهن جو ويهي حجري ۾، مُلـو به ناهي
رات ســجـي سمهي نـڌو، فقير به ناهي
اونـده ۾ اُلـرون کــري، چور به ناهي
ســيچ ۾ اونـــارو سندس، سامي به ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## چاپاڪو (پکي)

٧٩٠. ڇپي تـو چورن وانگر، چـــور به ناهي
کم اچي ٿو مريضن جي، حڪيم به ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## چنڊي

٧٩١. هـلي چلي ســاڌهو متان، ڪڪر به ناهي
چانڊوڪ ڪري چپر وانگي، چپر به نــاهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

### دونهون

٧٩٢. آڏري ٿو آڪاس ۾، پر پکي به ناهي
رهي ٿو گهر ۾، پر ماڻهو به ناهي
جهلجيس ته جهل نه ڏئي، پر جانور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڏيڏر

٧٩٣. پٽلجي ٿو پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي
هرڻ جيان ٽپ ڏئي، هرڻ به ناهي
لڪي وڃي ٻيرن ۾، ڪتو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڀرپيو

٧٩٤. آنا اُٿس پکيءَ جان، پر پکي به ناهي
چار پير مرونءَ جان، پر مرون به ناهي
گهمي ٿو ولائتون، پر جوڳي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٥. ٻه پر پکيءَ وانگر، پکي به ناهي
چار پاوا کٽ وانگر، کٽ به ناهي
اٺ ڪنگرا مسجد وانگر، مسجد به ناهي
سورهن ساريون چوپڙ وانگر، چوپڙ به ناهي
ٻٽيهه ڏند ماڻهو وانگر، ماڻهو به ناهي
چوهٺ چيلا پاڻ سان، پر گرو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٦. اڇو اڇو کير جهڙو، کير به ناهي
ڇمانس پير جهڙو، پير به ناهي
ٻڌانس چور وانگر، چور به ناهي
گهمي ٿو فقير وانگر، فقير به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ساڻيڪل

٧٩٧. هلي پلي گھوڙي جان، گھڙو به ناهي
پــ پير ماڻهو جان، ماڻهو به ناهي
نڪي ڪائي نڪي پڇي، مثل به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### سؤ رپين جو نوٽ

٧٩٨. نوڪر اٿس ڏهه، پر سيٺ به ناهي
گـاڏا اٿس ويهه، پر ريل به ناهي
هاري اٿس سؤ، پر زميندار به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڪڪر

٧٩٩. ٻوڙي ٿو جهاز وانگر، جهاز به ناهي
ڇانو ڪري وڻ وانگر، وڻ به ناهي
ڪاروڪارو دونهين وانگر، دونهون به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### ڪنلوٽ، وڄ

٨٠٠. ڳاڙهي ڇٽي باهه وانگر، باهه به ناهي
ور وڪڙ نانگ وانگر، نانگ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

### لاڏون

٨٠١. ڦيري ڦري ڦيريون پائي، فقير به ناهي
ڇـھـنب اٿس وات ۾، پکي به ناهي
رسو ٻڌل ڇيلهه سان، چور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

---

٨٠١. ٻي روايت: ڦيري ڦيريءَ دار جيئن، فقير به ناهي.

لغز

٨٠٢. ڪَنَ اٿس ڇـڄ وانـگر، ڇڄ نہ ناهي
ڏاڪو پوڙس سُٽيءَ وانـگر، سُٽي نہ ناهي
آڏامـــي جهاز وانــــگر، جهاز نہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## ماڪوڙو

٨٠٣. ڪارو ڪارو ڪانوَ جيان، پر ڪانءُ نہ ناهي
چـــيـلـهـہ اٿـس سنهڙي، پر مـــنڊم نہ ناهي
رَهـــي ســتـهـي پـرن ۾، پر نانگـــ نہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٨٠٤. ٽـنگون اٿس ڊگهيون، پر اُٺ نہ ناهي
مـــتـــو اٿـــس وڏو، پر پاڏو نہ ناهي
پُـــڇ اٿـــس ٿـلهـو، پر دنبو نہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٨٠٥. مـتو اٿس هاٿيءَ وانـگر، پر هاٿي نہ ناهي
ڪاروآهي ڪانگ جيان، پر ڪانگ نہ ناهي
رهـــي ٿــــو ٻـــــر ۾، پر نانگ نہ ناهي
چـڙهـي ٿـــو وَڻ تي، پر نولو نہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

## مڪڙ

٨٠٦. آڏامي ٿــو پکيءَ وانگر، پکي نہ ناهي
رهـي ٿـــو سنگت سان، ماڻهو نہ ناهي
منهن اٿس گهوڙي جـان، گهوڙو نہ ناهي
اکيون اٿس ڏيڏر جهڙيون، ڏيڏر نہ ناهي
سيڱـــ اٿس هـرڻ وانگر، هرڻ نہ ناهي۔
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

**ھَنڙَ (نور)**

٨٠٧. وڏو آهي آسُ تي، سيٽ ب ناهي
چار اٿس پيرَ، پر جانور ب ناهي
چاڙهي چيلا ساڻ، گُرو ب ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ڏار يا هرلو**

٨٠٨. رنگي تو چوڏيل وانگر، چوڏيل ب ناهي
وسي ٿو ميڻهن وانگر، ميڻهن ب ناهي
ڦري تو ڦيرڪي وانگر، ڦيرڪي ب ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ناريل**

٨٠٩. گول گول ڇاهي جيان، ڇاهو ب ناهي
ڏاڙهي اٿس مرد جيان، مرد ب ناهي
گيڙو اٿس ويس، پر سنياسي ب ناهي
پريل آهي پاڻيءَ سان، ساندارو ب ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**وچون، پڇون**

٨١٠. پالو اٿس ساڻ، پر سپاهي ب ناهي
پُڇ اٿس وڏو، پر ڪُتو ب ناهي
آسڻ اٿس آسمان تي، پر ولي ب ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

**ويڙهه منڊي**

٨١١. اڇو اڇو ڪير جهڙو، پر ڪير ب ناهي
وَر وَر اٿس نانگ جهڙا، پر نانگ ب ناهي
سمهي ٿو ڪنوار سان، پر گهوٽ ب ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

---

# باب ڇهون

## هيماريون ۽ ڳُوڙها

[هن باب هيٺ خصوصاً ٿرپارڪر واري پاڳي ۾ رائج خاص قسم جون پروليون شامل ڪيون ويون آهن، جن کي ٿري-ڍاٽڪي محاوري ۾ 'هيماريون' ۽ 'ڳُوڙها' سڏجي ٿو. هن باب ۾ پهريائين هيماريون ۽ ان بعد ڳوڙها ڏنا ويا آهن.

'هيماري' يعني (هيم= سون) سون واري يا سونهري: اها ڇڻ ته هڪ سوني سوڪڙي آهي، جا سيڻن ڏي موڪلي وڃي ٿي. هيماريون اڪثر زالون شاديءَ جي موقعي تي ڏينديون آهن؛ جڏهن سيڻن جا مرد پين سيڻن وٽ رهاڻ ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، پوءِ انهن سيڻن جون زالون اول مرحبائي ڳيچ ڳائي، ڪين ڳيچن ۾ هيماري ٻڌائينديون آهن. جيڪڏهن هو ان جي پيڄڻي ٻڌائي نه سگهيا ته ڪين ڇرڇن ۾ چونديون ته "پلا، اڄ نه ٻڌائي سگهو ته ٻئي پيري ٻڌائجو، پر تيستائين اوهان سان گڏ آيل عورتن (گهوٽ جي ماٽيياڻين) مان ڪا پوڙهي عورت ضامن طور ڇڏي وڃو. اها رهاڻ نهايت ڏي مزيدار ٿيندي آهي. 'ڳوڙها' ڇڻ ڏکيون پروليون آهن جن ۾ لغت ٿوڙي خيال جي ڳوڙهائي سمايل آهي.

هيمارين ۽ ڳوڙهن جو اڪثر مواد ٿري-ڍاٽڪي محاوري ۾ آهي، تنهنڪري سهولت خاطر هرهڪ هيماري جي هيٺان ڏکين ۾ معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي. البت ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ تعلقن مان ڪي هيماريون صاف سنڌي ٻولي ۾ مليون آهن، جي هوبهو شامل ڪيون ويون آهن.]

اڪ

٨١٧. ڏِگَ مِڳ ڏانڊي ڏالر پان، ڏسان پيٽي پٽ چڪيان نان؟
(ڏانڊي لچڪيدار، پن وڏا، ڏسان پٽي پر چڪيان نه).

٨١٨. ڳانء رو ڏُوڌ، گلاب رو ڦُول، مسور ڪي دال
جوار رو آن، اينهان؟ سِپِيان؟ رو گودُ ايڪ.
(ڳئون جو کير، گلاب جو گل، مُهري جي دال، جوئر جو
اَنّ، انهن سڀني جي پاڙ هڪڙي.)

٨١٩. ٻِڙ جهڙا پــن، ڪمند جهڙي سوٽي
موگري جهڙا ڦل، آنب جهڙي گوٽـِي.

اڪ

٨٢٠. ڪارو گهوڙو ڪـٻرو، نتنڱري؟ ڏِسند و وڃي
سوا لکــ ڏيـو تہ بہ تنهن جو مُلھ نہ ٿئي.

آنب

٨٢١. ھيـنڊ ھيـنڊوڙي ھيـنڊتـِي، مُڪڙي ميـٺـِي لار
سُرتــا ھوئِي تو سوجھ لو، ڇمڙي ٻيـٽر وار.
(نـنڍڙي نـنڍڙي ھـنڊي، جنهن جي منهن مان مٺي لار وهي.
ڏاها هجو تہ ٻوليو، جو اُن جي کل اندران وار ٿين.)

انب ۽ ڳـنڪلـِي (ڪوڏلو)

٨٢٢. ٻاپ ڄـائـِي ٻيـٽـِي، ٻيـٽـِي ڄـائو ٻاپ
ھيء پرولي پرکو تہ ٻيـٽـِي وڌ يا ٻاپ!
(پيءُ کي ڄائي ڌيء ۽ ڌيء کـي ڄائــو پيءُ، اِها پرولي
پڇو تہ ڌيء وڌ يا پيءُ!)

آيٺ (چرخو)

٨٢٣. رَتو مٽيو رِـڻنگو رِـڻنگــ ٻارهن مٽا، تيرهون سيـڻنگ.
(ڳاڙهو مٽو ڇيچاٽ ڪري ٿو، سندس ٻارهن مٽا ۽ تيرهون
سڱ آهي.)

## ايٽ جي ڪوڪڙي

٨٢٤. اڌ پاماڙاي ۾ ڪيجڙيو، پُر پُر لڳي واءُ
آهير بيٺو پينبا ڪٽي، ڏڪري جائي ماءُ.
(پيٽ جي اوٺ ۾ وڻ، ’ڦر ڦر‘ واءُ لڳي، ٻوڙهو بيٺو جوٺون ڪٽي، ۽ پُٽ چائي ماءُ.)

**ٻاهم**

٨٢٥. ٻيرن ٻنا ڏونگر چڙهي، ٻنان مُک ڪائي ڪک
راجا ڇٺي راڻيءَ ڪي، هيءُ گهوڙو يا ٻڙڌ.
(ٻيرن کان سواءِ جبل تي چڙهي، وات کان سواءِ ڪائي، راجا پڇي راڻيءَ کان تہ اهو گهوڙو يا ڍڳو؟)

**ٻنبو**

٨٢٦. پدري پٽ ۾، تيل جيڏي تلائي
هاٿي پيٺين، گهوڙا پيٺين، پيٺي لوڪ لڳائي
هيڪ پيٺي پکيڙو، جڪي ري چونچ ۾ چترائي.
(سنئين ميدان ۾ تر جيڏي تلائي، جنهن مان هاٿي پيئن، گهوڙا پيئن، مرد ۽ عورتون پيئن، ان تلاءُ مان رڳو پکي ڪونہ پيئي.)

**ٻصر (ساڻو)**

٨٢٧. هڪ سؤ آنبا آنبلي، ٻہ سؤ ٻيا جهاڙ
ڪور ٻنان پانڙو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هڪ سؤ انب ۽ انبڙيون، ٻہ سؤ ٻيا وڻ. ٽاريءَ ٻنان پن، ڏاها! ڪريو ويچار.)

**ٻگي (گهوڙي گاڏي)**

٨٢٨. پيتل پٿري پدمڻي، هينڙي سجيا سينگار
يا هجي شادي گهر، يا هجي دربار.
(پتل پاڻي عورت، دل وڻندڙ سينگار ڪري. يا هجي شادي وارن جي گهر يا راجا وٽ.)

**پٽيھر.**

٨٣٩. رنڍو ڏيکاري ھيٺڙو ڳھڻان، ککڙ ٿو کائي
چمڙ جھلي پڇو تاڻان، ڳڙ گٽيھو ٿو جائي.

(ڳاڙھو ڏسي ھٿ وجھان ته ڏنبو ٿو کائي، چمڙ جھلي پوئتي ڇڪيان ته ڪنڊو چنبو وجي.)

**پوئڙو**

٨٤٠. آر ڪارو، مڪ مرليي، رھنٽ ڪيمجھر بن مانھن
ليلاٽ بيچ تلڪ براجي، ڪٿھو ڪرشن به نانھن.

(بدن ڪارو، وات وچٿو، رھي ٿو ڊيڊن وارن ٻين منجھ، نراڙ جي وچ ۾ تلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر ڪرشن به ناھي.)

**پوئڙ جو گھر**

٨٤١. نه وانسلو نه وينجھٽو، نه ڪاريگر نه سوتار
آونڏي مٽي گَڏ چٽي، سرتا ڪرو ويچار.

(نه واھولو نه ونجھٽو، نه لوھار نه واڍو. آونڏي ھند تي گھر آڏي، ڏاھا ڪريو ويچار.)

**ترار**

٨٤٢. ناري پن نيپل نه، ڪاري پن نه ڪوول
وسي ڏر ۾ سا پن نه، آڏر آن جو پول.

(زال پر ڪمزور نه، ڪاري پر ڪوئل نه، رھي ڏر ۾ پر نانگڻ نه، ان جو جواب ڏيو.)

٨٤٣. آڏ پاماڙي سيمن آونيري، ناري نام ڌري
چڱا پھري ڪپڙا، ناگا ڪم ڪري.

(پيٽ جي پر مان لٿي، عورت جو نالو رکائي، چڱا ڪپڙا پائي پر خراب ڪم ڪري.)

## ٽِرن جو پُوڙو

٨٤٤. آٺ سٺ ڪتنپلين، تنو سر نار
درمل ڪتنپلين، ناريو نماڪ.

## ٽٽڙ (ميٺهن يا ڳئُون جا)

٨٤٥. چار گگريا آمرت پريا_ آوندا ڪتريا، ڪنڌهن نہ ڍريا
(چار ننڍڙا دلا آبحيات سان ڀريل، اونڌا ڪجن، تہ بہ نہ هارجن.)

## ٽوهر

٨٤٦. آرهو پرهو ڪيجڙيو، پيو پاسي ٽان
رَتا پدي موڙهيا، اجا جوڌ جوان.

(اوربان پريان وٽڙو، پاسي پر پيو، ڳاڙها هڏي پٽڪا، اجان جوڌو جوان.)

## ٽاجوڳو (ماتا جو ٽڪو)

٨٤٧. ڳوڙهي رنگ روپو مُڇو، تيرنيا وڏو چاس
پهرئي پيڇي آنروي نهين، رهي بارهو ماس.

(گهاٽي رنگ ۽ سهڻي منهن سان، تير کان وڌو، پاڻي کان پوه نہ لهي، بارهن ئي مهينا رهي.)

## ڏيياهہ (ان واڻرٽ جي گهوڙي)

٨٤٨. ڏيہ پيرو توڏڙو، تاپيون ڏيندو وڇي
رائي پڇي راجا ڪان، ڪهڙو جانور پيو اڇي.

## ڏڪر جو ٿانءُ

٨٤٩. ڪانچي چانءُ، ڪنناري چانءُ، سر پتڙي ڇهي متنان[٨]
پرنيا پيڇي ماري ڏيو، تو رنگ وڏاڙان[٨] تتنان.

---

٨٤٤. ڪتنپلين = مُڪڙيون.

(ڪچي آهيان، ڪنٺاري آهيان، مـار پوي ٿي مونکي. پرئي
ڪان پوھ جي مار ڏيئي ڏيکاريو تہ اوھان کـي وڏي آفرين آهي.
يعني جيئن پچڻ ڪان اڳـ ٺانءُ کي ٺپيو آهي، تيئن پچڻ
ڪان پوءِ ڪوبہ ھن کي ڏڪ نـہ هڻيو تہ متان ڀڄي پوي.)

پاجامو

٨٥٠. جـانءِ پيا ڏانان ري ڪوٺـڙي، جانءِ پيانءِ رو ماڻ.
(يا ھن قسمن جي آڻن جي ڳوٺري يا پيانءِ جو ماپو.)

پاچو

٨٥١. هيماري ڪو ٽاري چاڙهان، ڪٺهي ورهي پاري.
(پرولي مٿاهينءَ ٿي چاڙهيان تہ وري اچي ڪُٺهي ٿي ويهي.)

٨٥٢. جتر نہ ڏوبي، آڳن نہ جلهي، ڪاڙهي ٽٽليو نہ جاءِ
ڪتهہ ڳـل ڪتهو نـاڪران، طرف ڏکڻ نا جاءِ.

(پاڻيءَ ۾ نہ ٻڏي، باهہ ۾ جلي، وڍڻ سان نـہ وڍجي سگهي.
اي سردارو! اوهين ھن کـي ڪيترو بہ ڪٽي چڙو تہ بہ ڏکڻ
طرف نہ ويندو.)

پاچوا ي (پاچو)

٨٥٣. جتمتي ڳنج تيهـن ڪي، پتر جـوپتن ۾ ڳج چار
ٻڌاپـي ڳنج ساٺـ ڪـي، مٿي انت نہ پـار.

(چمندي ٽيهن ڳزن جي، پرپور جواني ۾ چار ڳز، ٻڍاپي ۾
سٺ ڳزن جي پر مٿي بعد ڪاٿوئي ڪونهي.)

پٽرنال (نارو، نيسارو)

٨٥٤. هڪ ناري مٿي سٽيي، پيٽ سان پيٺهي وات مان ڪڍي.

پڪو (ڪرڙ جو)

٨٥٥. رتو رتو لانٺو پنو، لهر ۾ تو لڏي
پڇي ڳڊ ڪائي تو، درياهہ ۾ تو ٻڏي.

(ڳاڙهو ڳاڙهو لاٽون، سڙي ۾ پيو لڏي، پڇي آن جو ماس کاء تہ درياهہ ۾ ٽو پئدي.)

## پير ڪڙي

٨٥٦. آنڌي ٽُونڌي لڪڙي، ڏهي جهڙو ويس
اي پروڻي پڇي، آوئي نـان^ اوڊاڙان^ کهيس.

(ڏنگي ڦڏي ڪاٺي، ڏونري جهڙو رنگ، هي پروڻي جو پڇي، ان کي ڪيس ڏيکاريان.)

## ٻُوٽو ٻيرون

٨٥٧. رتيڪي ڇاڙي رڻ ۾ بيهاڻي، چوڀڙي هٿن ٻڙهي چڪاڻي.
(ڳاڙهي ٻڪري رڻ ۾ وياڻي، ويڪرن هٿن سان ٻڙهي چڪاياڻين.)

## جنڊي

٨٥٨. ڪاري رن ڪنڊا ڪاڻي ـ جنل ڏيکي پڇي جاڻي.
(ڪاري زال ڪنڊا ڪڍي پر پاڻي ڏسي تہ پڇي وڃي.)

٨٥٩. رتـي ڏهي رنگ پـري، ڏنـي پيرن هيٺ
آونڇو جُوڻان^ لڄ مران، ڏسن ڏير ۽ جيٺ.

(ڳاڙهي دهلي رنگ پريل، ڏنم پيرن هيٺ، متي ڏسان ڦيڪي ٿيان، ڏسن ڏير ۽ سهرو.)

## جنب

٨٦٠. گهر گهر ۾ تـوڏيو پيو رڙي.
(گهر گهر ۾ ڪنوات پيو رڙي.)

---

٨٥٧. ٻڙهي= تازي وياڻل ڍور جو گهاٽو کير، ٻرهي.
٨٥٩. ڏر ۾ عموماً زالون کو ڏاريون ماڻهو، سهرو يا ڏير وينل ڏسنديون آهن تہ جنڊي هٿ ۾ ڪٽي هلنديون.

۸٦١. آڳـھريءَ ۾ ڳھاڳھريون، ڳھاڳھريءَ ۾ لِيپو
ڪٿھين ڪيتري ٿيندا، اي تماشو ڏيکو.

۸٦٢. ٻـه اوڏڻ ٻـيـوڙا، ڏورو نــڪـو ڏاسـي
اي ھيماري رو ارث نه کھاسي، اوٺي ري آڪاھ رھاسي.

(ٻه ڪـپڙا ڳنڍيا، پر نڪو ڏاڳو نڪا رسي. ھن پرولي جو مطلب جيڪو نه ٻڌائي آن جي آکھ ڏي اٺجاڻ.)

۸٦٣. چـپر ٻـچـو روبـيـو، وَھي تُورا تُور
سَنھندَ لڳين ڪـڪڙين، پڇي لڳي ٻُور.

(ٻٽر جـي ٻيرن وارو رپيو، ھلي تـوڙان توڙ. اول ۾ لڳنس ڪَـڪڙيون پوءِ لڳيس ٻُور.)

**جوڳـيـڙو**

۸٦٤. آڏي ڏوڙ ۾ ڳنڍي، ريشم جـا ڦُونڊا، ڳلاب جي ڏنڊي.

**جـڻُونُو**

۸٦٥. سَوٗ ٻيـر جـو جـنـاور، آيـي بـازار جـائـي
راجا چوي رائيءَ کـي، ڪھڙو جناور جائي.

(سؤ پيرن وارو جـانور، سڏيءَ بـازار پيو وڃي، راجا رائيءَ کان پڇي ته ڪھڙو جانور پيو وڃي.)

**جـھـپـيـو**

۸٦٦. پنج پـريـن پـڇـا چـڏي، ھسٽاپور نـان^ ھلي
چڙھي ڏنڊت ڪس ڳجرات، سيند سان پـرھي ھلي
نـانڊان^ پـڳـين^ نصرپور، پـالن ڪڇ پسار
اڻـي ويـلـڙي را آھين دلـي نـڪـاٺـا.

(پنج پرين پٺان چڏي، دھليءَ ڏي ھلي، ڳجرات کان چڙھي

---

۸٦٤. ڏر ۾ آپرندڙ نھايت خوبصورت ٻوٽو.
۸٦٥. جـڻُونُو = ھڪ قسم جو جيت، جـرو.

سنڌ ڏانهن پٺهرجي هلي، نيٺ نصرپور پهتي، پٽڻ ۽ ڪڇ ڏي آسهيي، هن وقت دهليءَ ۾ سندس ٺڪاڻو آهي.)

## چيچڙ

٨٦٧. آٺ پڳو، نڱون نرو، اوڙانڱو آئي
راجا پُڇي راڻي نان^، ڪهو جانور جائي.

(آٺ پيرو، نَون نَرين وارو اورتي پيو اچي، راجا راڻيءَ کان پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

## چڙهي

٨٦٨. پُڇ پُسائي، پاڻيو منجهه پُون^
ويو پاڻي ۾، تاڻي ڪيڌ تون.

(سندس پڇ پيو ڏسجي، پاڻ زمين ۾ آهي. پاڻي اندر ويو آهي، هاڻي ڪيس تون چڪي ڪڍ.)

٨٦٩. ايڪ وَلڙي، سوهيس ڦَر، سوهيسي ڦَري جدا نام
توڙ ڏي پڇائي پُڇسين، ڪهو بيل ڪو نام.

(هڪ ول سوين ڦر، هرهڪ ڦر جو نالو جدا، توڙ تائين پڇندي، اَن ول جو نالو ڪهڙو.)

## چڻب

٨٧٠. سڱ سميت جنميو، جوين ۾ سڱ جائي
پيڙاپڻي سڱ وري ٿين، آرت ڪرو ڪوئي واڻي.

(سڱن سميت ڄائو، جوانيءَ ۾ سڱ ڪر ٿين، پيريءَ ۾ سڱ وري ٿين، تنهن جو مطلب ٻڌايو.)

---

٨٦٧. چچڙ کي جيئن جيئن هٽائبو، تيئن تيئن وري پيو ايندو آهي.
٨٦٨. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو ننڍڙو کوس.

## چنڊ ۽ تارا

٨٧١. ڪيسر پري پڙهو واڻڪو، ڦولهي پري، پرات
مومل پوڇي مينڌرا، ڪيٽ ڪماڻي رات
آڌي ڪمائي چوواڻي، آڌي ڳانڍيڙي وي هات
تين جيڏين گورڙين سين رميا ساري رات.

(ڪيسر جو وڻ، گلن جو ٿالهه: مومل مينڌري کان پڇي ٿي ته رات ڪٿي وڃائي؛ چيائين: اڌ وڃايم چوواڻي تي ۽ اڌ سرهي جي دڪان تي، ۽ ته جيڏين گورين سان سڄي رات راند ڪئي.)

## چوٽي

٨٧٢. آڌا ڳنڍين سين آندي، هلي شهر بازار
راڻي پوٽي ڳاگهرو، ڪاجل رو سينگار.

(آڌن ڪوٽن تان هيٺ لهي، شهر ۽ بازار ۾ هلي، ڳاڙهي پوٽي جو پڙو ۽ ڪجل جو سينگار.)

## چوڙو

٨٧٣. ڳهي ڳوڙهو، پگ اوجرو، وهي ڏڙيندي سات
پرناري سين نتر لڳو، چڱي نه ڏينهن رات.

(رنگ ڳوڙهو، پير اڇا، هميشه گڏ رهي، پرائي زال سان مڙس لڳو، چڱي نه ڏينهن رات.)

٨٧٤. ڳج ڪارو، ڏنت اجرو، هلي ڳنيهر چال
ساسو وهو، ڏيکري، تنهي جو هڪ ڀرتار.

(هاٿي ڪارو، ڏند اڇو، هلي شينهن جي چال، سس، نُنهن ۽ ڌيء ٽنهي جو هڪڙو مڙس.)

## چوپڙ

٨٧٥. ايڪ ساس، سورهن ٻهوڻان، تين ڀيٽا، ڪهر چار
ٿين پاو رمي جهتي، سرتا ڪرو ويچار.

٨٨٢. ول پٽريل سوا ڳنج ڏَنَدِي، بنا ڪنپار گهٽوِي هَندي
بنا چمائڻ چميو ڏَهِيِ، پُرش جي پيٽ ۾ استري رهِيِ.
( ول پڪڙيل، سوا گـز ڏندي، ڪنپار ڪان سواء ٿانءُ گهڙيو،
بنا چمائڻ چاڙو ڏونرو، مُڙس جي پيٽ ۾ زال رهي.)

## ڏنڌو

٨٨٣. وڏو پکـي اُرڙ، جنهن جـي چُهنب چـُرڙ
جنهن جو مٿو مُردار، ڍُونڍ وڏي خبردار.

٨٨٤. ڏَڙ ڳـجهي، وَج چمڪي، نَر ناريءَ هيـٺ
راڻي چوي راجا کي، هيءَ ڪنهن پَڌِي ٻهيٺ.

٨٨٥. آنـڌـيو ٻـٻـر، مـٿي ويـٺـو هـولـو
اِئي رو آرٽ نہ ڪهي، آوڙهي رو ٻاپ گولو.
(ڏنگي ٻهرتي ڪبوتر ويٺو، جيڪو نہ پڇي تنهن جو پيءُ گولو.)

## خط

٨٨٦. اڇو اڇـو ٻگلو، مٿي ڪـــاري ريٽ
پکان^ پکـيٺو پاوٻهو، ڦـِري ڏيسان^ ڏيس.
(اڇو اڇو ٻگلو جنهن جي مٿي تي ڪارو ريٺو. پکن ڪان سواء
پاريهل جيڪو ديسان ديس گهمي.)

## ڏونهون

٨٨٧. پکان^ پکيٺو، ڏُنـگـر چڙهي.
( پيرن ڪان سواء جبل تـي چڙهي . )

## ڏهل

٨٨٨. ٿوٿو لـٽڪي ٽاٽڪي ـ سارو ڳوٺ ٻاهڪي .
( پورو ڪاٺ وڇي، سڄو ڳوٺ گُونجهي . )

ڌَوَڻ (لوهارڪي ڪم جي)

٨٨٩. ٻن سانڍين سُهڻين، هڪڙي ٻڪري چرين
اوناڙي نو آنري، تو ٻنهي تيئن مرين.

(ٻه ڍاڇيون ڏُڪيون، هڪڙي ٻير تي چرن، جت تو لهي
ته ٻئي ٿيون مرن.)

ڌانئو

٨٩٠. ڪارڙو متارڙو، جهنگ چري گاهڙو
لُڪي نڪو ساهڙو، واهه ڙو واهه ڙو.

ڌانگڙي (الٿ)

٨٩١. گترڍاپڻ ۾ چالٽو، ناريلن ۾ نام
سُرتا هوئي تو سوجهه لو، مارواڙ ۾ آهي گام.

(ٻيريءَ جي ٿيڪ، ناريل ۾ نالو، سمجهو هجين ته ٻڌاءِ جو
انهي نالي سان مارواڙ ۾ ٻه ڳوٺ آهي.)

ڌانوٽي

٨٩٢. ٻوهتتر ٻورڙي، ٻوهتر ڪتتا
ڪئوڻ جاڻي تو پهس را ڏنتا.

(ٻاهتر ڦُلڙيون، ٻاهتر مٽيا، ڪير ڄاڻي ته ڪن جا سونا ڏند.)

ڌوئي

٨٩٣. ڳهاتي جهنگ ۾ ڏنو نيزو، نمزي مان ٿي نار تيار
ٿيپي ٻمي ٿانئو ۾ آڏ پڇڙ ٻتهار.

ڌوڻرو (ڪرڙ جو)

٨٩٤. سانئو جهاڙ، پر ٻنن جو ڏڪار
ڦل آهي سهڻو، جهڙو سوپاريءَ جو پار.

(سانئو وڻ پر منجهس پنن جو ڏڪار، ڦل سهڻو انس، جهڙو
سوپاريءَ جو پاءُ.)

ڏيڍر

٨٩٥. نڪا ڏاڙھي، نڪا مُونڇ ـ ڪڏھان ٻُتو ، ڪڏھان پونڇ.
(نڪا ڏاڙھي، نڪا مُڇ، ڪڏھن بنا پڇ، ڪڏھن پڇ سان.)

٨٩٦. ڪن بغير ڪُوچلو، پُونڇ بغير ٻانڊو
ايئن ئي ھماري وو آرت ڪرو، نہ تہ ڪٽنب آيان رو گانڊو.
(ڪنن کان سواءِ ڪُرو، پڇ کان سواءِ لنڊو، ھن ھيماري‌ءَ جو مطلب ٻڌايو، نہ تہ اوھان جو سڄو ڪٽنب اڻ ڄاڻ آھي.)

٨٩٧. سياري ۾ ڪارو آھي، اونھاري ۾ پيلو جاڻ
چؤماسي ۾ ساڌو رھي، ھي کھڙو جيو سڄاڻ.

ڏيڏي جي وٺ

٨٩٨. ڪري ٿانئيءِ ري ٿانئيلي، نگر ناڻي نار
پتل پھري پدمڻي، سورھن ڪري سڱار
پگ جھڳڪي پولڙي، ھيئين جھڪي ھار
نڪ ري نٿلڙي، ڦُولان ٻارو ٻار.
(سٺي ٿنيي جي ڏُوٺي، سڄي شھر کي وڻندڙ نار، اھا پدمڻي زيور ڍڪي ۽ سورھن سينگار ڪري، سندس پير ۾ مُنڊي ٿي چمڪي، ۽ ڇاتيءَ تي ھار چمڪي ٿو، نڪ ۾ نٿ اٿس ۽ گلن سان جھنجھيل آھي.)

ٻيڙو (سٽ جو)

٨٩٩. اڏو اڏو گنڌيو، جبل کان ٻہ وڏو.
(ھيڏي ھيڏي ڳنڍڙي، جبل کان بہ وڏي.)

رات

٩٠٠. پتڙي پڙي پڳي نہ، تڪرا ٿيا ٻہ چار
بنا پنکي اڏ گئي، سُرتا ڪرو وچار.
(پوندي پوندي پڳي نہ، رڳو ٻہ چار ٽڪر ٿيا، بنان کنڀن اُڏامي وئي، ڏاھا ويچار ڪريو.)

## رپيو

٩٠١. چار ڀيڻيان^ چاڳليين^، سورهن ڀائي سڃا
هلڻن^ چلهڻن^ بازار ۾، ٺهڻ ريڻس جڻيرا ٻچا.

(چار ڀيڻون چاڳليون، سورهن ڀائر سڃا، هلن چلن بازار ۾، ٺهه جنهن جا ٻچا.)

٩٠٢. پير ڪونهي پر هلي گهڻو، مُنهن ڪونهي پر ٻولي جهڻيڻو
آڏائي تُسو چيز ني نر ناري چاهي گهڻو.

(پير ڪونهن پر هلي گهڻو، وات ڪونهي پر ڳالهائي جهڻيڻو، آڏائي تُسو ماپ واري شيءِ ڪي هرڪ مرد توڙي عورت گهڻو گهري.)

## رستو

٩٠٣. لانٻو لانٻو لانٻڙو ـ لُو^هي نڪو چانٻڙو.
(ڊگهو ڊگهو ڊگهڙو، رت نڪو چمڙو.)

## روهيڙو

٩٠٤. تر چابو، تر آپنو، تر ۾ وڏا ڪوٽ
ڦيريو ساريو سنڌڙي، ڦيريو عمر ڪوٽ
وَنگي جي بازار ۾، چيهڻي ڏني چوٽ.

## ريل گاڏي

٩٠٥. ڪارو بانو ڪير ڪير يارو راتو بانو راڻو
نيڻڙسين تونڌڙي چُتي، سامل گهوڙا پاڻو.

(ڪارو بانئو آواز ڪندڙ، ڳاڙهو بانئو راڻو، نيڻر وڏل آٺ هلي، سائس گهوڙا پُجايو.)

---

٩٠٤. وڻ جو قسم، جنهن جي ڪاٺي نهايت مضبوط ۽ ساڳ جهڙي ٿيندي آهي.

ٽي موسمون، سيارو، اونهارو ۽ برسات، ٽي سؤ سٺ رهڻيا = سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن، ۽ ٻارهن ٽنپ = ٻارهن مهينا.)

## ساهمي

٩١٠. هڪ ناري، ٻه گهاگهرا، چئڪي ناڙا ڇهه
ڪرڪ متي پڇڙي، اُن جو آرٽ ڇئو.

(هڪ عورت کي ٻه پتڙا، ڇهه اڳٽ ۽ پُٺن متي پُڇ آهي. اُن جو مطلب ٻڌاءِ.)

## سج

٩١١. وَتو ڏَهو رنگ پيريو، آيهي مين تو جائهي
راجا پُڇهي رائي نان، ڪهو جناوَر جائهي.

(ڳاڙهو ڏهو ونگ پيريل، آيو ۽ پيو وڃي، راجا رائيءَ کان پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

٩١٢. لالان ليو تو ڏَس ڏيان، موتي ڏيان ڏس بيس
اِي تو ڪڙج ۾ ايڪ وَسهي، ڪانڪر ڪران بخشيش.

(لعلون وَٽ ته ڏهه ڏيان ۽ موتي ڏهه ويهه ڏيان، پر اهو ته گهيرائي ۾ هڪ ئي آهي، سو ڪيئن بخش ڪريان!)

٩١٣. پَتگ پاگوڙي، ڏَڙ ڪوتڙي، پانڌهي پاهڙ ميرَ
ڪيڻمل ريڻ ڪهجڙيڻ، پالهي وي پاڪيڙ.

(پير پاڳوڙي ۾، ڏڙ ڪوتلي ۾ ۽ پانڌهون پاهيڙ مير ۾، وڻن ڏاران ٻه ٽئو ميدان ۽ پکيڙ کان سواءِ ٻه پالهي.)

## سرهيدائي ۽ سرهو

٩١٤. ڏڙ سينگي، ڪتڙ پاتيري، ڪُڪڙ ڪنڌي نار
ناري نر ڦيڻڪيو تو سمُونڊران پيلي پار.

(ڏڙ سڱن وارو، پيٽ ويڪرو، ڪُڪڙ جهڙي ڪِچي، زال، مڙس کي آڇليو ته وڃي سمنڊ کان پار پيو.)

٩١٥. چوٿائيءَ ۾ چار ڪٺ، ڏم ڏيئي پيسا
ٻارهن مهنا چُوڻ ڪري، اجان نه ڪُتا.
(چوٿائي ۾ چار داڻا زور سان پيئا، ٻارهن مهينا چُوڻ ڪيم
پر اجا نه ڪُتا.)

سڱر

٩١٦. ٻاڙ ٻتيري، جتر آونڏو، مٿي لاٺيا جهوڙا ڪيس
اهڙي ڀلي سوکڙي، سيڻان^ ناں^ موڪليان پيٽ.
(ٻاڙ سنهي، ٻاٽي اونهو، مٿي ڏڳها وار، اهڙي ڀلي سوکڙي،
سيڻن کي سوغات ڪري موڪليان.)

سڱري (ڪڻبيءَ جي)

٩١٧. پيتري ۽ ڏگهي، ڪاڏي ۾ ميڻي
هيٺان بيٺوڙي، آونچي ڏٺي.
(سنهي ۽ ڏگهي، ڪاڏي ۾ ميڻي، هيٺ لڙڪيل پر مٿي ڏسجي.)

سوپاري

٩١٨. ڊيبلو واٺيو، ڊيبلو پيٽ ـ جڻو ڪُٺائي پٿر هيٺ.
(بندرو واٺيو، ٿلهو پيٽ، پٿر هيٺ جسم پڃائي.)

٩١٩. ننگر ۾ ناگيي ڦري، ٻن ۾ ٻهري چير
تنهن جا ڦتل آنجو، سڀي نٺان جا وير.
(شهر ۾ آگهاڙي هلي ۽ جهنگ ۾ ڪپڙا پائي، تنهن جا ڦتل آنج،
سڀي نٺان جا ٻاءُ. يعني زال، مڙس کي سوپاري آڻي لاءِ چيو.)

طوطو

٩٢٠. پڙهي ٿو پڻ پنڊت ناهي، پُوريو پڻ نا چور
چتر هجو ته چئي ڏيو، متڙو پڻ نا مور.

٩٢٠. مڏرو = سيڻو، سهڻو.

### قلم، پنو ۽ اکر

٩٢١. هٿ هٿ ونا، پُونهه پٽيري، هاري ڇٽر سڄاڻ
سُکان موتي نپيچين^، نيٺين کيڍيا لپڏان.
(هر آلو، زمين برابر ٿي، هاري سياڻو سڄاڻ، وات سان
موتي آڇجن، اکين سان ڳُنڍ کيجي.)

### ڪاغذ، خط

٩٢٢. آڪڙڪٽن ڪتڙڪتڙ ٻيڙي، جنهن ۾ رهي ڪاري ڪُپڙي
ڏيس ڦري ڏيساور ڦري، راجا سان ڳنڍ ڳالهيون ڪري.

### ڪپهه

٩٢٣. سُوپٽڙ ڪنو رُوپيو، وهي ٽُورا ٽُور
مُوهر لڳتين^ ڪنڪڙين، پڇاڙي لڳو ٻور.
(ڇڇ جهڙو رپيو هڪ تور ڪان ٻئي تور ٽائين هلي، جنهن ۾
ڦرين ٿيون ڪنڪڙيون ۽ پوءِ ٿيو ٻُور.)

### ڪڙڇي (ڏوئي)

٩٢٤. ايتلي او ڀيتلي، ٿون پٽداري ري ڏيءَ
ڪائين پيئين سيڪي، ڳرڻين پوءِ ٿون ڪيئن؟

### ڪڪر

٩٢٥. ڦٽي ڦٽي ڇيٽر گهٽي ــ ڪوڏ پٽڪيٽي، ڇانهم گهٽي.
(ڦٽي جنهن ۾ ڇيٽ گهڻا، تڙ ڪان سواءِ ڇانءَ گهٽي.)

### ڪلف ڪنجي

٩٢٦. نپاليي ۾ نپاليو، ننهن ۾ ڪلنگي گهوڙو
ڇوڙيو نه ڇوڙيو، نه ته بيٺو ڪري ڦوڙو.

### ڪيلو

٩٢٧. مٺ جيڏو مانٽيرو ــ سؤ ڳانڍين^ سيڪڙي.
(مٺ جيترو ماڻهو، سؤ ڳنڍون سميٽي.)

### ڪڪ

۹۲۸. آنـــر ري ڏيـمـاري، ڏکـڻ تـي جـاڻئـون^
ڪانهان مـنهيلي ڪانڀڙي، لُڙڪ لوڏا ڪاڻون^.
(آنر جي ڏيڻڙي، ڏکڻ ڏي وڃان: سنهي لڪڻ جهڙي ٻيڻي لوڏا ڪان.)

### ڪوس

۹۲۹. ڪارو ڪارو گهيٽو، لاڙهان^ ۽ تـو لـنـڌي
پڳ سين پڙهو ڪران^ تو درياهه ۽ تو ٻڌي.
(ڪارو ڪارو گهيٽو لڙهن ۽ تو لنڌي، پيرن سان پري ڪريان ته درياهه ۾ تو ٻڌي.)

### ڪوڪڙي (سـٽ جي)

۹۳۰. اِڏي هـڏي، ڏونگر سان وڏي.
(ايڏڙي هڏي، جبل کان وڏي.)

### ڪونڊيڙ

۹۳۱. اِتڪي ڏٻلي ـ ڏوڙ ۾ گـٽـڪـي
(هيڏڙي ڏٻلي، ڏُوڙ ۾ پوريل)

### ڪارو ڙُو ڳوٺ

۹۳۲. آمرڪوٽ ڪي اوڏڙو، نـر نامـيڏي نـام
ڪارونجهر جي ڪـور تـي ڳولي ونـو گام.
(عمرڪوٽ کي ويجهو، مرداڻي نالي سان مشهور، ڪارونجهر جبل جي ڪناري تي ڳوٺ آهي، آهو ڳولي ٻڌايو.)

### ڪاهي (ڏاس جي)

۹۳۳. ڪارو ڪارو گهيٽيو، اونهي مٿي ليٽيو.
(ڪارو ڪارو گهيٽو، اڱڻ تي ليٽيو.)

---

۹۲۹. ڪوهه سان پاڻي ڪڍڻ جو وڏو بوڪو.
۹۳۲. ڪاروڙو ڳوٺ، عمرڪوٽ کان ٽي ميل آتر طرف آهي.

٩٣٤. هيٺان مٿان رونچ وَري، ڪوران^ رَهيين ڪَچيين
هڪ جاڻو ڳَچي ڳيو، ٻه چڻا پيا نچين^.
(هيٺان مٿان پچندو ويو، ڪناريون ڪچيون رهيون؛ هڪ چڻو ڳچي ويو، ٻه چڻا پيا نچن.)

### ڪنولو

٩٣٥. چار پادي چوڪا، جڳت ڪري بيٺا.
هيڪو ڪي ري ڪوني ۽ ٻه ٻه تي بيٺا.
(چار پاءُ چڱا، صلاح ڪري ويٺا، هڪڙي ڪوني ۽ ٻه ٻه چڻا تي ويٺا.)

### ڪنيي

٩٣٦. ٻالاپڻ ۾ ڌورا ڪپڙا، ڳيروارپڻ ۾ لال
ٻيج بنا ايڪ چيج ڏني، مرتا ڪرو ويچار.
(ننڍ پڻ ۾ آڇا ڪپڙا، پيريءَ ۾ ڳاڙها، ٻج بنا هڪ شيءِ ڏنم، جنهن جو ڏاها ڪريو ويچار.)

### ڪنوڻ

٩٣٧. جهڙپ ڏيئي جمنا پائي جهٽڪ هلي وڃي
جنهن جي مٿان پوي تنهن کي ڀسم ڪندي وڃي.
٩٣٨. ڏکهي نٿ ري ڪونجهڙي، وياڻي ٻيڪانير
ٻچا ڇڏيا ڪوٽڙي، پنڪي جيسلمير.
(ڏکهي ڳچيءَ واري ڪونجڙي ٻيڪانير ۾ وياڻي، ٻچا ڇڏيائين ڪوٽڙي تي، ۽ پاڻ وڃي جيسلمير ۾ پهتي.)
٩٣٩. اڏڪي ڏيڪي، رم جهم ڪري
رَتڙي ري گوچار ۾ ڪِلي، ڪاوڙ ڪري
ٽري م ٿٿوڙو، ٿري نه ٿلو
آڻ وَنا ميهولا، لاڪيڻو ملڪ.

(سچ لتو، انب پوکيو، آڏيءَ رات جو آپڙيو، پرهه ڦٽيءَ جو سيوو ڇٽيو، اهو انب آڇي ذات وارو آهي.)

کيڙ، ڏونرو ۽ مکڻ

٩٤٥. باپ کنا پيٽو پٽلو، ڄيرو پونڙو سردار
تيهي رات جنميا، سُرتا کرو ويچار.
(پيءُ کان پٽ پلو، جنهن جو پوٽو سردار، تيئي هڪڙيءَ رات ڄايا، هاڻي ڏاها کريو ويچار.)

گدرو

٩٤٦. آڏي چيران، آپي چيران، چيران ٿاري پٽي
اِئي هيماري رو آرٿ کهو، نه تہ ايها پترهو آئي.
(آڏي چيريان، آپو چيريان چيريان تنهنجي پٽي، هي پرولي ٻجهي ٻڌاءِ، نہ تہ هتان آئي پري ٿي.)

گڏي

٩٤٧. نگري نگري نار وٽي، کپڙا پهريو ستو کري سينگار
نکي ڏمر ڏيل ۾، نکي لڳيس گار.

گرانهہ

٩٤٨. پنجن چٽن راند کئي، رينگ رينگان ۾
ڏي گڙيدان ۾، گار ناهي گوئيو آهي.
(پنجن چٽن راند کئي چيچاڻن ۾، وڏاڻون وات ۾، گار ناهي پر چرچو آهي. پنج چٽا = هٿ جون آڱريون. راند کئي = گرانهہ ناهياڻون. رينگ رينگان = ڏندن سان چٻاڙڻ جو آواز گڙيدان ۾ = پيٽ ۾.)

٩٤٩. پنجن چٽن گيند آپاڙيو، ڏي ڏلتهر منجهہ
مٿان تي ڙرينڊان، ڏي گيڙينڊان منجهہ.
(پنجن چٽن ڏڙهو کنيو، کڏ ۾ کٽي وڏاڻون، مٿان چيچاٽ تيا، پوءِ وڏاڻون پيٽ ۾.)

گيڏگهو (جيت)
٩٥٠. ڪارو، ڳاڳن گوپارو – پيرن مٿي اوپارو.
٩٥١. ڪارڪي گڏهه، ڪاريا ٽڙها –
هل ڙي مولهي، ايهيچ مڙها.
(ڪاري گڏهه، ڪارا سنج، هل ڙي آٿ، اِجهي مڙها.)
گهڙيو (نڌيو جنب)
٩٥٢. هيڪل سينڱو هرڻيو، چوهه ۾ تو جائي.
(هڪڙي سڱ وارو هرڻ، تکو پيو وڃي.)
لڙڪ
٩٥٣. ڪارا ڏونگر، نتدي جهري، ندي آڇو نير
ٽيسيو پاڻي نه پيئي، گوتي ليئو پاوڻ وير.
(ڪارا جبل، ندي وهي، نديءَ جو آڇو پاڻي، آڇايل پاڻي نه پيئي، اها پرولي ڏاها ڳولي وٺن.)
لونگ
٩٥٤. رينڱ رينڱو، چار سينڱو، آپ ڪارو، ماس ڪارو.
(چئن سڱن وارو جهڙو رڙهندڙ جيت، پاڻ ڪارو، ماهه ڪارو.)
لوڻ
٩٥٥. سياري اونهاري نيپجي، وڃي چوماسي جتڙ
سپ ورڻ تنهن کي کائي، نه پن نه ٽڙ.
(سياري توڙي اونهاري ۾ پيدا ٿئي، مينهوڳي ۾ پاڙ کان وڃي، هرڪو ان کي کائي، پر آن کي نه پن ٿئي ۽ نه ٽڙ ٿئي.)
٩٥٦. ندي ڪناري نيپجي، جهرو سرو نه ساڻو هوئي
مين گهر آيا پرامڻا، تين گهر هوءَ تو جوئي.
(ندي جي ڪناري تي پيدا ٿئي، جنهن ۾ نه پن ٿئي نه سنگ ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي نه پڏاءِ.)

هڪڙي عورت پاڇي رڌڻ مهل ڏنو ته اوڻ آهيئي ڪونه، تڏهن پاڙي واريءَ کي اها پرولي موڪليائين جنهن کيس اوڻ ڏياري موڪليو.)

ماڪ

٩٥٧. برسات پڙي، پنيو سپ وڏراهه
رُونڪا پاڻي چڙهه گيو، گج گج گهوڙا نهاه
کهڙو تو ڀُوڏي نهين، پکي ترسيا جاء.

(برسات پئي سپ وڏڪار پسي وڏي، ڀُوڻن تي پاڻي وري ويو، هاٿي گهوڙا وَهنجي ويا، پر دلو به ڀڏي نتو ۽ پکي پڻ اُڃيا وڃن.)

ماڪوڙي

٩٥٨. گهڙي گوهر گوبرن نهين، ڀڳي ڏنگ^ چار
اِئي هيماري رو آرت ڪهي، گهڙو اتاري نار.
مطلب ٻڌائي، پوء عورت دلو متي تان لاهي.)

مادارو (ماکيءَ جو)

٩٥٩. هيڪ هيڏورو، ستهس گهران^ رو، گهر گهر جُوئان ٻار
اِئي هيماري رو آرت ڪهي، پاڇي گهڙلو اتاري نار.
(هڪڙو پينگهو، جنهن ۾ سوين گهر، گهر گهر ۾ ٻار ڏسان، هن پروليءَ جو مطلب ٻڌائي، پوء عورت گهڙو متي تان لاهي.)

٩٦٠. ستوَ مندر ستوَ ماڙهيا، ستوَ گهڙي ري پڻهيار
ٻنان اگني پوچن ٻچي، سُرتا ڪرو ويچار.
(سؤ ڏهر، سؤ مڙهيا، سؤ گهڙن واري پاڻياري، ٻنان باهه جي ڪاڏو رجهي، سگهڙ ڪريو ويچار)

ماچر

٩٦١. ڪارو ماري ڪوڪرو، ڏونرو ماري هنس
ماري ميلهئو آڳڻي، لوهي نڪو مانس.

(ڪارو ماري ڪوڪرو، اڇو ماري هنجهه، سونڪي اڳي ني گڏيو، جنهن ۾ رت نڪو ماس.)

## مرت

۹۶۲ درياهه جي تون دادلي، پيلهي جي تون ڀائيي
سرس جي تون سڱيڻي، چانپي توکي چائيي
تر ۾ سنهنجا ٽانئا، تون هتي ڪيئن آئيي؟

۹۶۳. ڪاڻيي ڪُونڱريـاري، وڏي مـانَ واري
ڇـپـر ۾ ڇپران^ لايي، پٽج ۾ پتوَن ڪري
سند ۾ ساسان چڙدي، منُڏيهه چڙهي مُلهه ڪري.

(ڪاني ڪنگرين واري، وڏي مان واري، جبل ۾ ڇيرون ڏئي، پٽج ۾ پچڻ ڪري، سند ۾ ساسان چڙدي، منهنجي ملڪ ۾ اڇي قيمت واري ٿئي.)

## مرچ

۹۶۴. اڏِڪـِي^ سيـڪي، راجا نان^ روڏاڙي.
(هيڏڙي چوڪري، راجا کي روڏاڙي.)

۹۶۵. ندي ڪناري رُونڱڙو، پتيـنسان سينگو هـوء
مين گهر آيا پـرامڻا، تين^ گهر هوء ته جوء.

(نديءَ جـي ڪناري تي ٻوٽو، جنهن ۾ سينهن جـي سگ وانگر ورپل ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي ته ڏاهه. هڪ عورت پاڇي رڌيندي ڏٺو ته مرچ آهن ئي ڪين، تڏهن هن پاڙي واري کي اهو ڳُوڙهو ڏياري موڪليو، جنهن کيس مرچ ڏياري موڪليا.)

## مرلي

۹۶۶. آلو ٻ‌َلو، ٻام ٻُلهو، ڪتن پريل، پٽي ڏلهو.

۹۶۲. ڳاهه جو هڪ قسم.

### مڪائي جو سنگ

۹٦٧. هيڪالي هٿڙي، ٻالي ٻولي ـ ٻچڙي ٻهري سائي چولي.
(اڪيلي ٻالي ٻولي هئي، ٻوهه سائو چولو ڍڪيائين.)

۹٦٨. سائي چولي اوڙ ٽوڙ ـ مٿو وڏو آوڏي ٽوڙ.
(سائي چولي هيٺ مٿي، مٿو وڏو ۽ ان جي ٽوڙهه ٻئي ڏسجي.)

۹٦٩. سائي سانڍ سٿ، جيڪي ري پهنڊي سٿي ڄمٽ
لاڏو ڳهڻو ٽي ٿنڙو، عقل ڏسيا پٽ.
(سائي ڏاچي سهڻي، جنهن جي مٿر تي وار، گهوٽ گهڻوئي
سهڻو پر ڏسڻ ۾ عقل جو گهٽ.)

### مڪ

۹۷۰. اڏڪي منڪي، راجا ٻيهڙي روٽي ڪائي.
(اڏڙي چهڪرڙي، راجا سان گڏ ماني کائي.)

۹۷۱. هاڻ گهوڙو، مُک ٻڪرو، نيڻن چڱي نار
ٻوڇن ٻيهڙو برڪيو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هلڻ گهوڙي جهڙو، منهن ٻڪر جو، ۽ نيڻ چڱي نار،
ڪاڏي ۾ گڏ وڌي، ڏاها ڪريو ويچار.)

### مکڻ ۽ لسي

۹۷۲. هُيڙڪ لڪيڙي، هُيڙڪ هُوئا
هٿ گهٽي جُوئان، تو نر مادي جُوئا.
(ڳُڙ ڳُڙ ڪاني، ڳُڙ ڳُڙ ٿئي، هٿ وجهي ڏسان ته نر ۽
مادي جدا جدا.)

### مگ

۹۷۳. هيماري هيڪ ڏيان^، سڻ سورا ٻيرا
ٻيجا سڀهي سڪي گيا، آ ويري را ٻيرا.
(هڪڙي پرولي ڏيان، سڻ منهنجا ياهه، ٻيا سڀ سڪي ويا
پر هو ساوڙي ساوا.)

**مگهٽ (گهوٽ جو موڙ)**

٩٧٤. چار پٽلا چُنڙڪيي را، آنگوڇڙي ري ڄاري
اٿي پرولي رو ارٿ نہ کهاسي، سو لُگائي رو هاري.

(چار پلاند چُنيءَ جا، انگوڇي جي ڄاري، هيءَ پرولي جو نہ ڄڃندو، سو زال جو هاري.)

**مور**

٩٧٥. مُنک مُرلي، تن سانورو-رهي گيرَ وٽ بانورو.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن سانورو، رهي جبل وٽ البيلو.)

**مهري (اُن ڇڙٽ جي)**

٩٧٦. رَن بَن سُهن مرد آيو، نہ مردانہ ري لڇڪڙي
ڇُوڙاريِ تو چوٽانہ ڪري، ساري دنيا ڏيکڙي.

(رڻ پٽ مان هڪ مرد آيو، پر مرد جهڙو ناهي، ڇُوڙيليون تنهن سان ڏڪ هڻن، سڄي دنيا ڏسي.)

**نار هرلو**

٩٧٧. سترهن ڪوهہ، سترهن ڪ ڇڻون وهن هڪ لٺ
آنڊو چڙهيو گادي تي، ڪري پُڇ هٺ
لڪن هٿي هڪڙي ڪي، اڪيون ڪنن رت.

**ناريل**

٩٧٨. پيٽ پيٽ ۾ پاڻي-پيئي راجا جي راڻي.
(پيٽ جي اندران پيٽ، تنهن ۾ پاڻي، راجا جي راڻي پيئي.)

٩٧٩. ڪڪو پاڏو، پاڏي پورا وار
پاڏو هٿيو پٽر نانہ، پاڏو گيو مري
ڪاڏو پاڻيڻ واڻي، ڪاڏو لوڪ سنسار.

(ڪڪو پاڏو، جنهن جا وار پُورا، اهو پٽر سان هنيم نہ پاڏو مري پيو، اهو نہ رڳو پاڻيڻ ۽ واڻي ڪاڏو پر سڄي لوڪ ڪاڏو.)

٩٨٠. سُوڪ سَرووَر، آڏَرَجَرَ، جَناوري نهين جاڻيو
رسيا اوهيي رس لاٿو، جو مَڇيئڙي نه ماڻيو.
(سڪل تلاءُ مٿي پاڻي، جيڪو جانورن نه ڏٺو، آهو پاڻي
آڻيو جو مڇين نه پيتو آهي.)

ناڙي (هر جي)

٩٨١. آپ ٻُڪيي، جڳت ڍاپاڙيي، موريي لڳي جائيي
ٺان گوڊي هوئي تو ڏيو، مانڙو ڪتنت ڪوٺيي ٺاٺيي.
(پاڻ ٻُڪي، دنيا کي ڍائي، ڪسي پٺي وهي، توهان وٽ
هجي ته ڏيو جو منهنجو مڙس ڪوٺي ٿو ٺئي.)

ناڻڳ

٩٨٢. مُڪ مُرلي، تن ساڻورو، رهيي سدا بتن مانهه
ڪهڙي شيءِ سنسار ۾، ڪرشن ڪهو ٺان نانهه.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن ڪارو، سدائين جهنگ ۾ رهي،
اها دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ آهي، جو ڪرشن به ناهي.)

٩٨٣. ڪاغذ جيِين ڪڙڪا ڪري، مٽ جيِين جهولا کائي
رائي پڇيي راجا نان، ڪِهو جناور جائي؟

نٽ

٩٨٤. آٺ ڪتڙن جي وينجهٽيي، نتوَ ڪتڙن جي ڏور
چڪور چاليا ساهري، ڪُونڻ آڏٽي مور.
(اٺن ڪڙن جي ونجهٽي، نوَن ڪڙن جي ڏور، چڪور
ساهري گهر هليو، هاٿي ڪير آڏائي مورا)

نڌي

٩٨٥. هَر هَروٺا، پوَنه پتري، گانٺين ڳوڏا پيٽ
هاري هجا پسي، پتوڙارڻ پکيي ڪهيٽ.

---

٩٨٤. اٺن ڪڙن جي وينجهٽي = نٽ جو گهاڙيٽو.
نو ڪڙن جي ڏور = نٽ لٽڪائڻ وارو ڏاڳو.

(هر آلو، زمين سنهي، ڏڳيون ۽ ڏڳا پيٽ ۾، هاري جنهن کي محبت مان ڏسن، سا کيت ۾ ٻڃي)

**نيپوري (ڳهه)**

٩٨٦. آساڙ مهيني اپجي، اس نام وٺي نام
سچاڻ ڳماڻي سنڌري، ليهيجو ميرا سام.

(آکاڙ مهيني ۾ پيدا ٿئي، آها نالي واري مشهور آهي، اي پيارا سون سيج تي وڄائي آهي، اها ڳولي وڪڄ.)

**وات**

٩٨٧. ڏيوجي رو ٿانُ، ٻتيهه ڪُپڙين هيڪ ٻن.
(ديوتا جو آستان، ٻتيهه ڪُپڙيون هڪ ٻن.)

**واڏڻ**

٩٨٨. ڪارو ماريو ڪانءَ، نيرو ماريو هنس
آڇي اڇليو اگڻ ۾، رت نڪو ماس
ونن واڻيا برهمڻ، ونن ارڙهن ماس.

**وڃڻي**

٩٨٩. سُرمائي ڪنچري، ساوا پيلا پَن
مچڪي سين ميچي پيٺي، موتيارن سين من.

(سُرمائي رنگ جي چولي، ساوا پيلا پنيون، نخري سان کٽ تي ويٺي، جو جوانن سان دل اٽس.)

**وڇون**

٩٩٠ آنٽڪي لٽڪڙي ڏمڪ دايا
هٿ لائون ته اوئي ڙي پايا.

(ڏنگي ڪاني چمڪندڙ، هٿ لڳايان ته هاء ڙي پائو!)

### ويڍو (ڳهہ)

٩٩١. هٿ لال، پڳ لال، پڳ ري ڀڇار لال
چٽلا وڻٽي چاردار، ڪنگڻي ڪروڙ دار
هيرا لڳا هزار، لعل موتي ڏيڍ سؤ.

(هٿ ڳاڙها، پير ڳاڙها، پيرن جي چُتي ڳاڙهي، اُن جا چٽلا ڪنڊيدار ۽ ڪنگڻي سٺي، جنهن تي هيرا هزار لڳا ۽ لعلون موتي ڏيڍ سؤ لڳا.)

### هٿ جي ٽري

٩٩٢. چيڊي ترائي، چيڊي ٻار – پاڻي رهي نہ پسي پار.
(ٽانگهي ترائي، ٽانگهو کوهہ، نڪي منجهس پاڻي رهي سگهي، نہ کوهہ تي سگهي.)

### هرلو

٩٩٣. آٽ ڪرنگهو، پاساڙا ڦينچا.
(ڪرنگهو آٽ جهڙو، پاسريون آڏيون آهيون.)

### هرڻ

٩٩٤. آڪ پٽوڪي، لونڊان جهڙوڪي، ٽُريان آڳر جائي
راجا پُڇي راڻي نان، ڪيهو جناور جائي.
(اڪ جهڙي، لُونڊان هٿي، کهوڙين کان تکو وڃي، راجا پڇي راڻيءَ کان تہ ڪهڙو جانور پيو وڃي؟)

### هڏاڏو (چانهين)

٩٩٥. رنڍو رونو، کيهہ کهٹو، سڃين آڙد ري دال
سالڪ هوئي تو جيمر لي، مورک ڪري بچار.
(اٺيي ماني، کيهہ کهٹو، آڙد جي سنهي دال، سمجهو آهي تہ کائي وٺي، بيعقل ويچار ڪري.)

## ھنڌاڙو ۽ ھنڌاڙي جي ول

٩٩٦. ٻُورو جوڳي جتل ڀِريو، جتل ڀُوري راءِ پيٽ
ناري ٻلتي نَر ڌَريو، ناري نَر راءِ پيٽ.

( ٻورو جوڳي پاڻيءَ سان ڀريل، پاڻي ٻوري جي پيٽ ۾، زال پڪڙي، مڙس ٿيو، زال مڙس جي پيٽ ۾.)

٩٩٧. ٿُڙ ٿورو، ٻستر گھڻي، ڏارِي ڏارِي وَنڪ
ھي ڀرولي ڀرڪي، ڪوھ ڪڍي ڪنٽ.

(ٿاڙ ٿوري، ڀڪڙيل گھڻي، ٿاريءَ ۾ رنگ، جھڪو ھي ڀرولي ڀڄي سوئي ھن مڙس کي ڪڍي.)

٩٩٨. ندي ڪناري رُنڪڙو، سارڻ ڀِھينڌا چار
ناري سينچي، نر ڀيڻي، سُرتا ڪرو ويچار.

(ندي جي ڪناري تي ٻوٽو، تنھن ۾ چار ڦل، زال چڪي، نر ڀڻي، ڏاھا ڪريو ويچارا!)

## ھوا ۽ واچوڙو

٩٩٩. نانءِ ڪنڊي ھٿڙي ناناڻي، آنءِ لاڏي ڪپاس
ھڪ پڳ پاڪوڙي، ٻيجو پڳ آڪاس.

(ناني ويٺي ھٿي ناناڻي، آنداڻين ڪپاھ، ھڪڙو پير ھٿس زمين تي تہ ٻيو پير آسمان تي.)

## ھيرڻ

١٠٠٠. ڪوڏ جنھن جو ڪُرنڊيارو، ٻن جنھن جو ٻاڻي
آڏي منھنجي لاڪيڻي، سالڪ ڏيکاري سائي.

(ٿُڙ جنھن جو ڪنڊين وارو ۽ ٻن ويڪرو، آڏاوت جنھن جي سھڻي، سالڪ ڏسي سائي.)

(ب) ڳوڙھا

برسات

١٠٠١. نڳيِي مَنڊَنُ، تاسَ رِپَ، بَهُوت اَلتيِي آھ
بَن سُت کا پَمرا آڏاھ، گر ديپڪ جڳاءِ.

(نڳي منڊڻ =رات جو سينگار (ڪنوڻ). تاس رپ =اونداھي رات جي دشمن (ڪنوڻ). بَن سُت = وڻ جو پٽ يعني ڪٺواو. ديپڪ = ڏيو. يعني ڪنوڻ ڪنيو بيٺي آھي (۽ برسات اچڻ واري آھي) تنھنڪري ڪٺولو ڪٺي اندر ڪر ۽ ڏيو ٻار.)

تلوار

١٠٠٢. پَٿر سُت ڪيِي پُتليِي، وڻ سُت ڪيِي واس
آجيا سُت ڪو اوڍنو، رھي پرش ڪي پاس.

(پٿر جو پٽ = لوھ. وڻ جو پٽ = ڪاٺ. ٻڪريءَ جو پٽ =ڇيلو. لوھ جي پتلي، ڪاٺ جي ڪوٺي ۾، ۽ مٿان ڇيلي جي کل جو پوش (مياڻ)، آھا نہ 'تلوار'.)

چنڊ

١٠٠٣. دُڌ سُت ڪي ليوڪي، وَسي نو مَندر ڪي بيچ
سانگي راڌ برڌ سين، سام ڪرو بخشيش.

(دُڌ سُت =سمنڊ جو پٽ يعني موتي. موتين جھڙن ڪرڻن سان ٽو ن مندر ۾ روشني ڪرين ٿو، ۽ ٽوڪي جوان توڙي پوڙھو چاھي ٿو تہ شيري ڪرشن، مونکي ڏيکار.)

ڏينھو

١٠٠٤. ھيم وَرنَ، پيچي لڙڻ، ڇھہ پير، پَنکيون چار
ڳُوڙھو راجا ڀوج رو، سُرتا ڪرو ويچار.

(ھيم ورڻ = سون جھڙو رنگ. پيچي لڙڻ = پيچ سان وڙھڻ. يعني سونھري رنگ وارو جو پيچ سان وڙھي، ۽ جنھن کي

# باب ستون

## ڏٺ ـــ پروليون

[ ڪا وٿ (شيءِ) يا ڪو واقعو ڏسي ان بابت ڪا پروڙ ڏجي ته اهڙي پروليءَ کي ”ڏٺ-پرولي“ چئجي ٿو. هن باب هيٺ انهي قسم جون عام فهم ”ڏٺ-پروليون“ شامل ڪيون ويون آهن.

ڪن سگهڙن پنهنجن ’ڏٺ-پرولين‘ کي ’پرولي‘ ڪري ڇاڻايو آهي، مثلاً:

- اها پرولي پڌري، پڇندا ڄام چوي ڄاموٽ
- پڇ پرولي ”پٽيءَ“ جي، وهلو ڪري ويچار
- اهـا پـرولي پـڌري، سالڪ تـون سڄاڻ

پر سنڌ جي لحاظ سان اهي سڀئي ’ڏٺ-پروليون‘ آهن.]

### آڳ گاڏي

۱۰۰۹. سـائين سنڌي سڌر ۾، پـيـدا ٿـي هـڪ نـار
گهمي سٺ سهيلي سـان، سـرس ڪري سينگار
هڪڙا مـان لئي مشتاق، ٻيا پڇي ٿـيـن بيزار
هڪڙا دربان درن تي، ٻيا ڇوڪري لـک هـزار
ڪيئي ڪنوايـائين ڪيترا، جـو ليکي ناهه شمار
جنهن جوڏيهن۾ ڏهڪار، ساسمجهي ڏيو ”سچو“ چوي.

### اڪ جي انبڙي ۽ ان جي ٻشم

۱۰۱۰. نر مـان نر پيدا ٿيا، تنهن نـر مـان لک هزار
روح بـنا ”رمضان“ چئي، آڏامـيـو ڪن الغار
جن ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار، سي سينهن وسندي مريو پون.

---

۱۰۱۰. ڇيل فقير رمضان پٽ شهمير،شهميراڻي لاکو واڍي جي،پنجموري تعلقي هالا جو رهاڪو هو. ۱۳۳۰ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

### پنڀوري

١٠١١. قد ڪوتاهه، پڇ ڊگهي، نالي چڱي نار
هر ڪنهن پکيءَ پٽر ٽي، هن پکيءَ پٽر چار
ڪنهين ته رت نه نڪري، جنهن جو ماس ناهي درڪار
جڏهن چڙهي شوق شڪار، ته نر ماري ٿي نار.

### ٺهڪڻ (نار جي)

١٠١٢. وير ٻيهاريو وات تي، چاري مٿي چور
ويڙهي پيو ويرين جان، زابر رکي زور
مون ڀانيو چور، پر هو ساڌ آ ”سيد“ چئي.

### پڃڻ ۽ ڪپاهه

١٠١٣. ڏوري ڏوري ڏٺو مون، هڪ آيو نر نڪاهه
ڪامل ڪنڍي نڪ سان، هيو سانئڻ آهي سپاهه
جوان چڙهي ٿو جنگ تي، هو حاضر ڪيو همراهه
نرمل ناريءَ تي ڪري، ڪست منجهارئون ڪاهه
هن جا عضوا پٽيو ڇڏي، خوب وڏي مون ڪاهه
جڏهن ماري مات ڪياهه، تڏهن پيٽ ڪنيو وڃن ماڪ تي.
(نر = پڃڻ (اوزار). همراهه = سڀ اوزار. ناري = ڪپهه)

### پڃال

١٠١٤. منهن ٻڌي مائيءَ جو، نر ٿي چاڙهيائون نار
سا ٺهڪڻ ۽ ٺڪڻ لڳي، جو پيٽ ۾ هنس هار
منهن ڪوليندي نار، سڀئي سڳيائي ٿيئي.

---

١٠١٢. چيل روشن علي شاه. ٻي روايت ۾ هيءَ ڏٺ ”سومري“ نالي ڪنهن سگهڙ ڏانهن منسوب آهي ته:

ماڻهن ليکي مور، پر ساڌ آهي ”سومرو“ چوي.

١٠١٣. چيل سگهڙ الله بخش لغاري، ويٺل ڳوٺ جعفرخان لغاري تعلقو سنجهورو.

## جتي

۱۰۱۵. نکا ضرورت زوج کي، نکي گهٽن گهوٽ
مٽڻن مزا سپ چڏيا، ويئي پساهه جي پالوٽ
ور ڏين ويچارين کي، اِها چمارن جي چوٽ
سيڪو پنهنجي سڪ لاءِ، نائو ڏئي تہ و نوٽ
هو هر هر ڏين حاضري، آهن ڪانڌ پنهنجي ٽان ڪوٽ
وڃيو سامهيون تين سيلهن کي، اهڙيون آهن انموٽ
اها پرولي پڌري، پيچندا "جام" چوي چاموٽ.

## جڪب

۱۰۱۶. ڪارو ڪڪر گوڙ سان، تو ڏهاڙي وسهي
نکا قُڙي آب جي، نکو ريج رسهي
ان جي وس پتسهي، عالم ٿي آباد رهي.

## چڪي (جڪب)

۱۰۱۷. پرولي ڏيانه پٽ جي، نورا! تون نهار
پر پٽڙي ٻکهار جهڙي، نالي چگي نار
پيچ پرولي "پٿيءَ" جي، وهلو ڪري ويچار.

## چلهه

۱۰۱۸. ٻاڪو قاتل ٻائي ڏنم، گهر گهر وسن واري
ٻائي تپائي، تپسيا ڪري، شيوا ڪري ساري
بدن ۾ پيپُوتي ڏاري، چمڪي ٿي چوڏاري
واهه جي جوڳي، بنا پوڳي، مٿن ٿين واري.

---

۱۰۱۵. جام خان پٽ رحيم خان چانڊيو، ڳوٺ ٻڍو خان چانڊيو، لڳ ڪيڏڻ تعلقو بدين. ۹- جون ۱۸۹۱ع ۾ ڄائو ۽ ۲۳- سپٽمبر ۱۹۴۵ع تي وفات ڪيائين.

۱۰۱۷. چيل اميد علي پٿيءَ جي.

ڏيئيو ۽ مانارو

١٠٢٢. ڳاڙهـا ڳانـڍو ٻير، ڏٺـا سـون ڏاريءَ ۾
لڳو واءُ وصال جـو، تڏهـن ڇڻي ٿيا ڍيـر
ساڳيا ڳانڍو ٻير، وري ڏٺاسون ڏاريءَ ۾.

(ڳاڙها ڳانڊو ٻير= ڏيئيو، ڏاري= ٽاري ون جي، واءُ= اتر جو واءُ، جنهن تي ڏيئيو مانارو ڇڏي وڃن ۽ وري جڏهن سيءُ کُهتجي تڏهن ڏيئيو وري اچي ماناري ۾ ويهن.)

رڇيو

١٠٢٣. سورهـن آنـا سقرا، نـر مـان ٿيا نـروار
ٻئيه، ٻچا تنهن جا، چوهٽ هلن هٽ بازار
”چتو“چئي ”سوڻڇار“، سون ڏنو، آئين ورسهو.

سال

١٠٢٤. هڪ هرڻ، ٻارهن ٻير، ٽي سؤ سٺ سڱن
هڪڙي هڪڙي سڱ ۾، پنج پنج گل ڇڄن
اهڙا ملوڪ هجن، جي ڏاها ڳولين ڏٺ کي.

(ٻير = مهينا. سڱ =ڏينهن. گل =نماز جا وقت.)

سپ

١٠٢٥. گهمندي ڦرندي ڏيهه ۾، ڏٺيون سين ٻه ٻايون
مڙس هنن جو کونه ڪو، رب ڪيون سايون
ٻئي جو ويايون، ته ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

١٠٢٣. شاعر چتو سوڻڇار بلوچ، ميرپور ساڪري طرف جو ويٺل هو. اندازاً سنه ١٨٨٧ع ڌاري گذاري ويو.

١٠٢٥. ٻي روايت: جان وڃان واٽ وٺيو، ڏٺم ٻه ٻايون
اسر ٽيو الله جو، تيون ٻئي سايون
گهراڇي ويايون، ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

١٠٢٦. ڪئين سال ڪنوار ڪي، ڏيا جاليندي جتر ۾
تہ ٻہ ٻيڪي ھئي سيڪ "علي" چوي، ٻاڻي جي ٻتر ۾
جڏھن ڏري وڃي تتر ۾، تڏھن سرس ٿي سون ڪان.

## سڄ

١٠٢٧. ھميشه ھسوار، ساعت صبر نہ سوار ڪي
فتح ڪري في الحال ۾ مانجھي مُلڪ ھزار
ڪر ناظر ٻار نھار، تہ منھن مقابل ميڏوو.

## سراڻ

١٠٢٨. ڪوجھيءَ مان "ڪريم بخش" چوي ٿيون ٻريون لک ھزار
مرن انھي سھل پيون، ڪرن نہ ديہر مدار
ڏس آگي جا اسرار، جو لاش نہ لڌو تن جو.
(ڪوجھي= سيراڻ. ٻريون =چڻنگون، جيڪي اتي ڏي وسامي
ويندڀون آھن.)

## ڪانءُ

١٠٢٩. چار ڪري ٿو چُست مان، ڪري ٿو ٻہ ٻہ ٻاجھارا
ڪڏھن ڪڏھن ڏن جا وچائي وارا
سالڪ سوپارا، ڳوليو انھي ڳالھہ ڪي.
(ڪانءُ ڪڏھن چار، ڪڏھن ٽي ۽ ڪڏھن ٻہ ٻچا ڪري )

## ڪوڙڪي

١٠٣٠. جيئرو ڪٺي وٺو، مُئيءَ ڪي وڃي ٻورياڻين
ٻيو جيئرو آيو، مُئيءَ جو اچي مال ڪسياڻين
مئو جو آئيو تہ ڪٺي جيئري ڪي ورتائين.
(جيئرو =ماڻھو. مُئي= ڪوڙڪي. ٻيو جيئرو =پکي. مال =
انّ جا داڻا.)

---

١٠٢٦. چيل "علي" جي.
١٠٢٧. چيل احمد ميمڻ، سجاول، ضلعو ٺٽو.
١٠٢٨. ڪريم بخش لاڙڪ، ويٺل ضلعو خيرپور.

روزي رازق تنهن کي ڏي، آئيو منجهه اندر
مون ڏٺو اهڙيءَ پر، ڪو مالڪ ڳالهه، سهي ڪري.

(کهوکهيتڙو هڪ قسم جو جيت آهي، جو کلرائي يا وارياسي زمين ۾ ٻِر ٺاهي ويهندو آهي، کٿلين تي سندس گذران آهي.)

## ماچيس

۱۰۳۵. ويندي جان واٽ ۾، ڏٺو ڏٺم هڪ لَڙُ
مڙد ڪي ساري آئيا، هُن هلي ڪيو هنر
هن پنهنجا پَر هوا ڪيا، چُنڊو سو چوڪر
ٿر ڇٽيون ٿينگريون، سي سارياڻون تان سَنتر
سيڪنهن جي سيءَ تي ويٺو نانگ آ ويسَر
آهو ڏمرائين ته ڏنگ هڻي، وٺن نيساڻو ٿر
ويرڪري وِيچَر، اَن جي ڏج ماهيت "مِٺي" کي.

(مِٺي نالي سگهڙ واٽ تان ويندي هڪڙو پَرتو ماچيس لڌو، جنهن ۾ ڪَٺيائين ته ستر تيليون هيون. ان تي ڏٺ جوڙي پِن ڪي پچڻ لاءِ ڏنائين.)

۱۰۳۶. جان وڃان بازار، ڏٺم هڪ ڪاٺ جو مندر
چاليهه چيليون چاهه مان، رهن تنهن اندر
هلن متي پير، ڪم ڏين ڪيترا.

## ماڪوڙيون

۱۰۳۷. سيءَ ۾ اچي سوڙهيون ٿيون، ٿاريون هڪڙي ويس
نڪو اوڍين ڪپڙو، نڪو متي تي ڪيس
سگهڙ ڏٺيون سهيليون، سي آهن ڏيسان ڏيس.

## ماکيءَ جو مانارو

۱۰۳۸. قادر جي قدرت جو، هڪڙو شهر ڏٺم شاهي
ماڙي ماڙيءَ پرسان، آ جاءِ الهيءَ جائي

---

۱۰۳۵. مِٺو شيخ، لس ٻيلي جو ويٺل هو.
۱۰۳۸. چيل روشن شاهه جي.

١٠٤٩. ٽڙ ٻڙيءَ ۾ ٽڙڪو ٽيو، ٻڏو ٻن ڄڻن
جن ٻڏو تن نہ ڏٺو، ڏٺو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڏٺو سي لہ ويا، ڪيو پنڌ ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ويا تن نہ ڪنيو، ڪنيو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڪنيو تن ٻہ نہ ڪاڙو، ڪاڙو ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ماريا سي نہ رڌا، رڌو ٻين ٻن ڄڻن.

(انب ڪرڻ جو ڪڙڪو، جو ڪنن ٻڌو، اکين انب ڏٺو، پيرن پنڌ ڪيو، هٿن انب ڪنيو، ڇپن ڪاڙو، ڪڻيا ڪَلَ، ۽ رڌو اکين، ڇوڪر انب ڪٺي ڪاڙو، جنهن تي ٻاغائيءَ ڪيس ڇماٽون هنيون.)

---

١٤٠٩. ٻي روايت: انبُ ڪريو وڻ مان، ڏٺو ٻن ڄڻن
پکا پيا ۽ ڄڻا، تہ ڪنيو ٽيئن ٻن ڄڻن
ڪاڙو چوٽين ڄڻي تہ مار جهلي ٻن ڄڻن
ڏسي حال اهو، رُلو ٻهرين ٻن ڄڻن.

# باب اٺون

## روايتي ڏٺون

[هن باب ۾ آهي ڏٺ-پروليون شامل ڪيون ويون آهن، جي ڪن عام روايتي ڪردارن ڏانهن منسوب آهن. جيئن ته (١) دارو ۽ خفيف، (٢) انڌو ۽ سڄو، (٣) مامو ۽ ڀاڻيجو، (٤) ماڪن شاهه جي وسينءَ جو نابين سگهڙ ابراهيم، (٥) پارو ۽ سگهڙ، (٦) ولو ۽ جعفر، (٧) ولو ۽ دلشاد، (٨) جتوئس ۽ ڪامل، (٩) بادشاهه ۽ وزير، ۽ (١٠) شهزادي ۽ ٻڪرار.

مٿين ڪردارن مان هرهڪ جوڙي جي نالي سان هڪ ڳان وڌيڪ ڪيتريون ئي ڏٺون سڄيءَ سنڌ ۾ مختلف روايتن سان هلندڙ آهن. غالباً پارُو، ولُو ۽ جعفر، يا ولُو ۽ دلشاد، جتوئس (يونس) ۽ ڪامل، ڪي نالي وارا سگهڙ هئا، جن بابت اهي روايتون مشهور ٿيون.

روايتي ڏٺن جي سٽاءُ هن طرح آهي ته: هڪڙو سگهڙ ڪنهن ڏٺل واقعي تي بيت يا مصرع ۾ ڏِٺ جوڙي ٻئي سگهڙ کي ڏئي، ۽ اهو وري بيت ۾ ئي ان جو جواب ڏئي.

روايتي ڏٺن سان منسوب ڪردار پڻ جدا جدا خاصيتن جا مالڪ آهن. مثلاً پهرين چئن عنوانن ("دارو ۽ خفيف"، "انڌو ۽ سڄو"، "مامو ۽ ڀاڻيجو" ۽ "ماڪن شاهه جي وسينءَ وارو سگهڙ") وارن ڪردارن مان هڪڙو انڌو ۽ ٻيو سڄو آهي، جنهنڪري ڪن ڪن هنڌن انهن ڪردارن ڏانهن منسوب ڏٺون "انڌي ۽ سڄي" جي نالي سان پڻ رائج آهن.]

[١٠٥٠] داري جي ڏيءَ جو نالو ”ڪنوار“ هو، تنهن ڪپڙا ڌوئي سُڪل ڍنگرن تي پٽي وڌا. پري کان اهي ڍنگر سهڻا ڏسجڻ لڳا. تنهن تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، وڻ جي سُڪي ڀاڙ
وڻ ائين ڦُلڦليو، جيئن گل بهار.

---

خفيف: متان مُنڊ بهاران ڍنگران، هَنهي مٿئي ڪنوار.
(يعني، متان گنوار، ڍنگهرن تي ڪپڙا سڪائڻ لاءِ پئي وجهي.)

[١٠٥١] دارو جهنگ ۾ ويو. هڪڙو توبچي ڏٺائين، جنهن گوڏو ڪوڙي، هڪڙي اک ٻوري، مرون پئي ماريا. ان تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، منڍا ڪاڻا ٿا ديوَ مارين.

---

خفيف: متان توبچي پيا مِرون مارين؟

[١٠٥٢] داري هڪ هنڌ ڦَلا پُڃندي ڏٺا. ان تي ٻرولي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مُٺا ٿا کِلن.

---

خفيف: متان تشيءَ ۾ ڦلا پيا پُڃن.

[١٠٥٣] داري، درياءَ جي ڪپ تي ڏٺو ته، هڪڙو ماڻهو سيٺه، پيو ڦُوڪي. اهو ڏسي اچي خفيف کي ٻرولي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مونکي عجب لڳو آ
مُو ورهيه جي مُردي ۾ ساهه، پيو آ.

---

خفيف: ادا! عجب نه ڪاهه، اها سيٺه، ڦُوڪي آ.

[١٠٥٤] داري، سج آيرئي ۽ سج لٿي مهل آسمان ۾ ڪاڙهاڻ ڏسي، ان تي خفيف کي ٻرولي ڏني ته:

داروِ: دارو چئي خفيف کي، آپ ۾ لڳي باهه.

---

خفيف: ادا! ائين تہ ٿيندو آهي سنجهه صباح.

[١٠٥٥] داري جهنگ ۾ هڪڙي هند چاهو، نانگ سان وڙهندو ڏٺو. ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي ڏنائين ته:

داروِ: دارو چئي خفيف کي، ڪينهڪو رَسا سَپن
ڪنيو ڍنگهر پٺيءَ تي وڙهندا واه وتن.

---

خفيف: سڙڪا ڏسي سَپن جا، ستان پاپيها ڀَهڪن.

[١٠٥٦] ڍڪيءَ جي ڪچيءَ ۾ پيل چڙي ۾ لار وچندي ڏسي، ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي چيائين ته:

داروِ: دارو چئي خفيف کي، نر ۾ وچي نار.

---

خفيف: ستان ڏٺي چڙي ۾ وچندي لارا

[١٠٥٧] داري هڪ ماڻهوءَ کي متي مان جڙون ڪيائيندي ڏٺيون، سو پاڻ ۽ متو ڪنهن لڳو ۽ خفيف کي چيائين ته:

داروِ: جهنگ ڏلم مٿ جيترو، جنهن ۾ مرون لک هزار.

---

خفيف: ڪنيو هلين مٿي تي، ٿيندي نٿو بار.

[١٠٥٨] داري هڪڙو جوڳي ڏٺو، جنهن مرلي پئي وڄائي ۽ ان جي آواز تي نانگ ڦڻ ڪڍي پئي نچيو. ان تي ٻرولي ٿاهي خفيف کي ڏنائين:

١٠٥٥. پاپيهو=چاهو.

دارو: ڪدو وڏائين وات ۾، آندي ڪيس آ ڙ.

—

خفيف: مٿرلي وڏائين وات ۾، ڪنهو ڪاريهر ڪر.

[۱۰۵۹] دارو هڪڙي هنڌ ڏسي ته ٻهڻ جي مٿان پوڻٽر پيو لامارا ڏئي. اهو ڏسي خفيف کي چيائين ته:

دارو: ادا! هيمن ته، هيئن، هيئن ته، هيئن.

—

خفيف: واهڙ تو ورهڪڙي، ٻهڻ ڀڄي ڀڃڪي
ڀوڻر پيو پيرڪي، مٿان هيئن ته هيئن!

## انڌو ۽ سچو

[۱۰۶۰] هڪڙو سگهڙ گهمندي ڦرندي ڪنهن ڳار تي آيو. ڪنهن فقير کي به آچ لڳي، سو به اتي آيو ڳار ۾ ٻڏل ڪينگريءَ جي تري ۾ سوراخ هو، جنهن مان پاڻي پئي وهيو. ڳار گيڙڻ جي فقير ۾ طاقت ڪانه هئي، سو آن ڦينڊي تي وات رکي پاڻي پيڻ لڳو. اهو ڏسي سگهڙ موٽي آيو ۽ اچي پنهنجي آنڌي سگهڙ دوست کي چيائين ته:

شهر فقير جي وات ۾، پرا شهر فقير جي وات ۾.

تڏهن انڌي سگهڙ جواب ڏنو ته:

واتئون ڏاڍي هرڪو، هيئنئون ڏاڍي فقير
چاڙي دستگير ته شهر* فقير جي وات ۾.

## مامو ۽ ڀاڻيجو

[مامي ۽ ڀاڻيجي جي ڳرولين جون روايتون سڄيءَ سنڌ ۾ هلنديون آهن. جدا جدا هنڌن تي مختلف روايتون هلنديون آهن، جن ۾ مامي ۽ ڀاڻيجي جي بدران ٻيا نالا پڻ آيل آهن. مثلاً "انڌو ۽ سچو". اهي روايتون هيٺين طور بيان ڪيون وڃن ٿيون-

---

* شهر = ڪنگري.

[۱۰۷۹] هڪڙو ماري شڪار جي سانگي بندوق کڻي، جهنگ ۾ هڪڙي تلاء جي ڪپ تي، وڻ جي آڏ ڏيئي، لڪي ويٺو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو هرڻ تلاء تي آيو. اڃان پاڻيءَ ۾ پوت وڌائين مس ته هڪڙي مڇي پاڻيءَ مان ٽپ ڪڍي، هرڻ جي سڱ ۾ وڃي ڦاٿي. هڪڙي پکيءَ وري مڇيءَ تي لامارو ڏنو، ان مهل هرڻ ڪنڌ جي ڌوڻ ڪئي ته پکي وڃي پئي سڱ جي ڇهنب ۾ ڦاٿو. ماري وري هرڻ کي ٺڪاءُ ڪئي بندوق. مچاڻ کو نانگ ماريءَ جي پيان ويٺو هو، سو ماري جيئن پوئتي هٽيو، تيئن نانگ ٺڪاءُ ڪيس چڪ. ماري ته وڃي ڪِريو، پر هٿ مان بندوق ڇڏائي ويس ۽ اها وڃي نانگ تي ڪري ته اهو به اتي جو اتي مري پيو. اهڙيءَ طرح مڇي، پکي، هرڻ، ماري ۽ نانگ، پنجئي جو موت هڪڙي ئي هنڌ ٿيو. بادشاه به اتان اچي لنگهيو، تنهن اهو لقاءُ ڏٺو، پنهنجي وزير کي چيو ته: وزيرا!

پنجئي تيت مٿا، پنجئي تيت مٿا.

وزير جواب ڏنو ته:

جر مڇي، جهنگ مرون، پکيڙو آنڪاس
ماري ۽ ناڳاس، پنجئي تيت مٿا.

---

۱۰۷۹. ٻيون روايتون:

۱. پنجئي پاهه، پنجئي پاهه

جر مڇي، ٿر هرڻ، مٿان لغڙ ڏنو لاهه،
ماري ۽ ناهه، پنجئي پاهه
۲. پنجئي موت گڏ، پنجئي موت گڏ

هڪ مرلدي پر مٿا، ٻن مرندي تي
ٽڙڪ چوٿون پنجين تي، اهي پنجئي موت گڏ.

# باب نائون

## معمائون

"معما" معنيٰ جي لحاظ سان 'ڏٺ-ڀرولي' توڙي 'ڏٺ' کان ڳوڙهي آهي. ڏٺ ڀرولي يا ڏٺ لازمي طور ڪنهن ڏٺل شيءِ يا واقعي تي ٻڌل هوندي آهي يا معنيٰ جي لحاظ سان ٻڻ سولي سوڌي هوندي آهي. معما ڪنهن ڏٺل شيءِ توڙي ڪنهن حقيقت (جا هتي ڏسي نه سگهجي، مثلاً "اسرافيل جي صور") بابت ٿي سگهي ٿي، ۽ معنيٰ ۾ اڪثر اها زياده ڳري ڳوڙهي هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٿي ان کي 'مام' يعني 'معما' سڏيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ڪن سچاڻ سگهڙن، ڪن شين، واقعن يا حقيقتن تي معمائون ٻڌيون، يا هڏڪيءَ کي سڻڻ لاءِ ڏنيون، انهن مان ڪي چونڊ ۽ مشهور معمائون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

### [١٠٨٣] انسان جو جسم

شاعر وريو ڳڀرو لس ٻيلي جو ويٺل هو. هن انسان جي جسم، عضون، حواسن، خيالن وغيره جو بيان هيٺين معما ۾ سٽيو آهي:

ڪٻي قابل ڪم جو، رازو آهي رنگدار
تنهن ۾ انجو ڪاڏيون آتهين، آهي ڪل جوڙي ڪمدار
تنهن ۾ ڪيئي سئون سڦريون، وڏيون تنهن وينجهار
آب آتش ان ۾، آهي جريدي جروار
ڪيئي ڪامورا ڪيترا، آهنس اسر منجهه اهار
مي پرياڻو، پريت سين، ٿا جهلين جوٺجهار

هٿ جا اڱر "هوت خان" چئي، مون ڪان وٺ
سڀن جون صحيون
هاڻي چاڙي(١) چغلي، چوري، ڪلفت، ڀيون
ڪوڙيون وڻن ڪهيون
ڪلا، غيبت، ڪار ڪهٽي، ڪري راڄ رهيون
اوءِ تڏهن حياتي هٿيون، ڪو هٿن جانب جوءِ ۾.

## [١٠٩٩] رهٽيو

سگهڙ طاهر ڀٽ رتو، ذات ڀڙ (عمر ٥٠ ورهيه) پهريائين ڳوٺ ڪولي ٻڙ جو ويٺل هو، جتان پوءِ لڏي اچي شهر ٽنڊي الهيار ۾ ويٺو. سن ١٩٦٢ع کان اڳ ۾ هلندڙ رهٽي جي وڇور جا اهڃاڻ هن طرح ڏنا اٿس، سفيد رنگ وارا پکي = رهٽ ۾ ڪنيڙانئيون = رهٽي ۾ آڏيا. چار ڀير = پائليون. سورهن آنا = آنڪون. ڀنيهه، نر = ٽڪا. چوهٽ = پشا. ٽي ٽي = هڪ هڪ پشي ۾ پايون. هڪ سئو پيانوي = رهٽي ۾ پايون. اهو بيت هيٺين طرح آهي:

خاوند پکي خلقيا، سفيد رنگ سندن
۾ ڪنيڙانئيون ڪنين تي، چئن پيرن چلن
صاف آنا جنهن جا، سورهن ٽي سرجن
ڀنيهه، نر وڏا هشا، چوهٽ ٽيو چڱن
هڪ هڪ جي پيٽ مان، ٽي ٽي ٽي ٽلن
سي هڪ سئو پيانوي ٽيا، ڪهٽ وڏ ڪين چون
اچن وڃن سيڪنهن وٽ، ديسان ديس ڪهن
"طاهر" چئي تن، مهايو آهي ملڪ کي.

## [١١٠٠] سال، ورهيه

هن عنوان تي ٻن سگهڙن جون ٿاهيل معمائون مليون آهن. پهر ٻن معما "پراد" اس پيلي جي مشهور سگهڙ شاعر جي چيل

(١) چاڙي = چاڻي.

٢. وهندو ڏنم ويو متي، هڪ سنگ ۾ ساميڙن
چڪر چمڙا چيله، تي، ڳنتا ماڻ ڳلن
نانگا پنهنجي ناني کي، پيا سارو ڏينهن سجدا ڪن
پريا پرپور ٿيو، هيڪاندا هلن
هند سپني جو هيڪڙو، جت لاهوتي ليئن
ان جي پاجھ، ٻين تي، ڪئي ڏاتر ڏيھ. ڏٺين
چڱا ڪي چئجن، جي ڏاها لهن هن ڏور کي.

## [١١١٠] ڪڪڙ جا آنا ۽ ٻچا

سگھڙ روشن شاھ، هڪڙي ڏينهن مادي ڪڪڙ کي آري تي ويٺل ڏٺو، جنهن آنا ڇهي ڦوڙيا. ڪجھ ديرکان پوءِ ٻچا آنن مان نڪري آئي هلڻ لڳا. تڏهن انهيءَ نظاري تي هيٺين معما ڏنائين:

مارن جا ملير ۾، گھر ڏنم گھاٽا
نڪا ڳلي ڳوٺ کي، نڪا وڃڻ جي واٽا
سنڌ وهي محلات ۾، مٽ پڳا ماٽا
پوءِ ڳاٽ ڪٽي ڳاٽا، رڙ هيا "روشن شاھ" چئي.

## [١١١١] ڪنديءَ جي ٽڙ ۾ ٿوهر جو وڻ

سگھڙ جوسب مولدري، هڪ دفعي ڪنڊيءَ جي ٽڙ ۾ ٿوهر جو وڻ بيٺل ڏٺو، جيڪو مڙس جي قد کان به مٿي مورجي نڪتو هو. ان واقعي تي هيءَ معما ٺاهيائين:

ٻٽ ڏنام ٻه چٽا، ڪي جوڙي جا ڳھ تي
هڪ ٻئي مان اظهار ٿيا، امر آڪي جي
نر منجهان نر پيدا ٿيو، صحي ڏٺام سي
مي پيا گڏ گذارين پاڻ ۾ حال مڙني هڪڙي
تن جو اسم جدا، جسم جدا، جدا جاتيون "جوسب" چئي.

کامڻ هڪڙي قدرت سين، خاوند خلقي آهه،
تنهن ڀوريا ٿي پيٽ ۾، پنهنجا ٻار ٻچا
آئي مان اُت هيڪڙي، ڪنهن ورنهه، ڇٽيو وياهه
قوت تنهن جو ڪڙو، پيا هٿا مٿا ماڪي ماءَ
عجب جهڙي آهه، ڏيج ان سهڻي جي سڏ "سائينداد" ڪي.

مٿي اها معما هن طرح سلي:

ڪوڙيون، ڪرٽ، گدرا، ڇيڙ ٻوج سيڻن (۱).

## [۱۱۱۴] گگرين جا ست وڻ

لس ٻيلي جو هڪ سگهڙ ولي محمد ٻرو هڪڙي ڏينهن ڪنهن باغ وٽان اچي لنگهيو ته باغ ۾ گگرين جا ست وڻ گڏ بيٺل ڏٺائين. جن مان هڪ ۾ گگر زياده هو ۽ باقي ٻين ۾ ٿورو هو. ان تان معما ٺاهي اچي پنهنجي دوستن کي ڏنائين ته:

ست ڏٺيونسين ساهيڙيون، جن سيني هڪ صلاح
تن جو پاڙو هئو ٻاڻ ۾، هي نه تن کي ماهه
سي اڻ ٺريون آهيون، نڪو پيو هون نڪاح
ڀٽيءَ هيون پيٽ سيڻ، وڏيءَ ٿيو وياهه
هاڻي اچي ڪالهه اها، ڪوساڪ سلهي ڏي.

## [۱۱۱۵] ماڪ

ڪنهن سگهڙ 'ماڪ' تي معما جوڙي، ماڪ بابت هي ٺاٺا نروار ڪيائين: سوين ٻڪي=وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا. سمنڊ=ماڪ. ٻسائي هليا پر=ماڪ جا ڦڙا وڻن جي پنن تي پيا هئا. ڪيترا ٻکي وڻ تي اچي ويٺا، ۽ ماڪ ۾ وهنجي ويا، پر اتان ٻاٽي پيي نه سگهيا. اها معما هيٺ ڏجي ٿي:

---

(۱) اسان کي هن بيت جي فقط هڪ مصرع ملي آهي.

سوين هڪي سمنڊ سان، ڀُنسائي هليا ڀر
منجهه هيڙا ڪيترا، تاسيا رهيا تتر
توڙي رهيا منجهه جر، ڇڪو نه مليو تن کي.

## [١١١٦] ماکي جون مکيون

ماکيءَ جون مکيون گلن جو رس چوسي وڃي مانارين ۾ گڏ ڪن. پوءِ ماڻهو ماکي لاهي ان مان فائدو وٺن. انهي مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٻڌي:

مينهون آيون ملير ڌهون، ڇپڪ ڇڻائون
سوپاري تنهن تڙ جو، پاڻي پتائون
جڏهن ڏُڌائون، ته عالم آسودا ٿيا.

## [١١١٧] ماهه جي ٽيج

ماهه جي ٽيج جو تلاءُ يا تڙ ڪونه ٿئي. گهڻو ڪري هرڪو ساهوارو ماهه جي ٽيج تي پلجي، پر رکيو ڪي آهن جيڪي ماهه جي ٽيج کوله پين. انهيءَ بيان تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٺاهي:

نه آهي تڙ، ڪنهن ماڪ تلاءُ
ميرون مانگر سپ پين، ٿي پاتشاهه
پر انهيءَ تڙ مٿاهه، ڪين پيتوئي ڪينڪي.

## [١١١٨] مڇر

سگهڙ مٺي شيخ (لس ٻيلي جو)، مڇر تي معما چئي، جنهن ۾ هن مڇر جي انهيءَ خاصيت جو خاص طرح اهڃاڻ ڏنو آهي ته مڇر اچي چڪ هڻندو، ۽ جي نه هڪلبس ته ايترو رت پيئندو جو اٽيئي ڪري پوندو ۽ مري ويندو. مٺي جي اها معما هن ريت آهي.

جيوت هڪڙو جهان ۾، خاوند خلقيو آهه
سو چلي وتي چوغان ۾، لنگهڻ ويو ليلاءِ

ڏيکيم ڪنهن ديدار سين، ڪو نديءَ پاسي نر
پيو جو نرنانهه نالي تنهن نر مان، آيري ٿيو ازڪر
سو بنان ڦول فڪر جي، ڦٽيو جهلي ڦر
ٿي تنهن جي نسبان نروار، اچي ڪامڻ ڪڍيو ڪر
تنهن جو ميوو موچارو گهڻو، جنهن ۾ حڪمت ۽ هنر
سا پڌمٿي پيدا ٿي، جنهن ۾ ڪونهي زور زهر
ڪو هوءِ عاقل اڪابر، ته ڪري نهار آن جي "نر" ڇٿي.

تڏهن سگهڙ حيدر به آن معما جو جواب ڏياري موڪليو ته:

پوٽندي باغات ۾، جي ٽو ٽول ڏٺا ٿيٺي
ندي، نيان نڪونج جي، ٿي وهندي تهان ويٺي
تيتي نيڻ ڪيا ٽو نيم ڇٿي، پاڇهه منجهان پيٺي
پيڙ جو پيدا ٿيو، تنهن مان تيتي ٿي
سو ٽڙي نڳيو ٽانڪ مان، ڪار ڪري ڪيهي
ٿي پري تنهن جي پرمان، جا ننڍڙي نڪيٺي
ما گيدوڙي ڪنهن گت مين، پڌري ٿي پيٺي
آهن ٽول اهي ٿيٺي، ڪي اچان پچايانس پيچرو؟

سا ميڙي سهڻين جهاي آهي، هوءِ تنتي لوهڻون تيتهي
متان تيلانه تي ڪٿيون ڪٿهي؟

١٢- متان ٻديعل تي ٻناهه ڪري، تنهن سيفل ڪارڻ سيڪهي
سو سعد وزير ساڻ ڪٿي، لوڪئون ٻيو ليڪهي
سو تخت هزاري ترڪ ڪري، چهر ڏي ٻيو چيڪهي
سو ساڻ ٻتوڙي پرزا ڪيو ڏوم مچايو ڏڪهي
سو لڳو پهه ٻرين جي ڪنهن هاءِ هار ميٿهي
متان تيلانه تي ڪٿيون ڪٿهي؟

١٣- جيرو وجهي جنگ ڪائين، ڪانڌ ڪارڻ سٿهي
سا سٿي هلي سٿون ڏيئي، ور ڳوليندي وتهي
سا ستياوان، سيل سنڀالي، ساول ڪارڻ سيڪهي
سنهيءَ ڳهنيءَ ست ڏنائين، ڏسي ڪاري ڪٿهي
سچو نانهه ڏٺيءَ جو سچ، ٻيڳي ٻرولي هتهي
متان تيلانه تي ڪٿيون ڪٿهي؟

## روايت ٢-

ويٺي ڪٿيون ڪٿهي، سا اڄان ڪٿيون ڪٿهي

---

١- ڳاج ڳڏهه ڳاڏري، چري هيرري چٿهي
ميون، تاريون، مڙس ڏٺي، ان ڏهاڙي ڪٿهي
آيس واڻيو اوچتو، سو ويٺو وهي هٿهي
ساري ڪٿي سؤ ٻڌائين، چانشٽ مٿي چٿهي
هو نيڻ نمايو ناز مان، ويٺي روئي ٻٿهي
متان اها تي ڪٿيون ڪٿهي؟

٢- ٻج ٻرائي ٻنيءَ ۾، ڪنهن چاهل وڏو چٿهي
هارپ ٻوڙو آڏ اتي، ڦلهار جو ٿو ڦٿهي
متان اها تي ڪٿيون ڪٿهي؟

---

روايت ٢: ماهنامو "نئين زندگي" فيبروري، ١٩٥٥ع تان ورتل.

٣- مٺهن ڄرائي مارڪي، ٺار ٻيٺي لڄي
مڙس تنهن جو ٻاهر هو، تنهن اچي ڏلي تيٺي(١)
مائهن جي ملاحظي کان، هو ڄَرَ ۽ ٻيٺو ڀڄي
سڏي نيٺي گهر ڏنائين ڏوڪ ڏٻر ڏَڃي
هُوء ليٺ ٺمايو ٺاز مان، ويٺي روئي ٻيٺي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٤- چوري ٺي چڱي جي، جنهن کي لوفر ويا لٽي
مونجهاري ۾ مٺکي سو وڏو غريب گهٽي
ڏيو اوچنگارون آزي ڪري، ٿو پنهنجو ڪرم ڪٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٥- ٻال سَموڙي، ٻَٺهَن چوڙي، ٻَن مهيندي دي ڪَڪي
ٻانهن الا ري، چوڙا چاڙهي، ٺَٽ هزارڻ گهٽي
ٺاندي دا ٻهانا ڪيتي، ٻار ڳوليندي وٺي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٦- چپ چٽي، چٺله ٺَٽي، لوٺي لڄي، منهن چڙهي مٺيا
مڙس آيس مؤٺو ڪٺي، تنهن وڏس مٿو ڦٽي
سا موچڙن جي مار کان هٿ ويٺي ڪرم ڪٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٧- زال مڙس جي محبت گهٽي، ٻر ڪال وڏا ڪٽي
وڃن مي وليٺ تي، اڃن مٺڪائون سيٺي
ڪَن عرض الله کي ته من ڪو امان کي ٻڃي
لوڙهه، تن کي لوهه ڪيو، پنهنجي لاءِ ٻڃي
ازل آيو اوچتو، جو مڙس کي ويو مٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٨- ٺوئي جيڏو جٺگ ٻچائي، چاڙو مکڻ وٺي
موڙهي گهٽي سهريان جي، ڪاري جهليس ڪٽي

---

(١) ٻي روايت: ڪانڌ ٻه آيس ڪم تان، وڏ ٺيٺس د ٻڙ دمي.

سا ڏڙ ھِڪ ٽنگون ٿي، وٽو هٿ سان چئي
متان اها ٿي ڪئنيون ڪئي؟

## روايت -۳

اجهان ڪئنيون ٿي ڪئي، ويٺي ڪئنيون ڪئي.

---

۱- ساز سڳرندا سر ڪري، ڳڙهه جي ٻاهي ڪٽي
وڏي سر راوَ ڏياچ جو، چانڊڪ سٿي چئي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪئي!

۲- موسل ڳوٺ جو مينڊرو، ويو محبت مٿي
راڻو ريڏو رَءِ سان، جو رنگ محل ۾ رچي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪئي!

۳- ليلا خاطر مجنو، تو ٿر ٻر ۾ سڪي
نينڊي نيشڙي ناز ڪري، اندر ۾ تو ٻکي
آيس دايو دِهه ۾، جنهن وڏو ڏمالي ڏکي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪئي!

۴- ساهڙ ڪارڻ سهڻي، واهڙ ترندي وتي
ٻيلو ٻگس ٻر ۾، جا لڙهي لوڪ سٿي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪئي!

۵- پنهل ڪارڻ سسئي ماندي، جبل جهاڳيندي وتي
ساهه ڪيائين صدقو، پنهنجو ڏاگهن ڏيرن تي
هتو ٻه ڇڏي ويس هيڪلو، ڪري چوري چپر آتي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪئي!

۶- رن ڪدلي "ڳاڏ" چئي، جنهن کي ٻار هٿا ٻه-ٽي
چنبو چٽو هٿن کي هئي، ڪنهن گهورئي وڏا گهٽي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪئي!

---

روايت -۳: هيءَ روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

## ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ، ٻڌم ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ

١- مينهون تن ميهارن جون، ٻهَريُون ساجهر سويرا
ٻُرِيُون ٿي ٻيلي ۾، جيت ڪَڇا ڪانهَن هئا
ڏيئي ڦوڪون فرحت جون، آيون منجهه اوڙاهه،
اچي پيون ٻُور ٻالي ۾، آت ڪنهن ڪُنڍيءَ ڪيو ڪُنڪاءُ
متان اهو ٻڌني ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

٢- ڳئون تن ڳنوارن جون، وريون چري ٻَٽ چريا
ساوا گاهه سانوڻ جا، جت مينهن مانڌاٽا ڪيا
آيون پَنّاريون پاڻ تي، جيت هئا دونهان ڏراڙن جا
ڪيڏي ڦَر ڦِيٿا ڪيئون، جي سِڙيا ساٿُن ڪان
ٿيا ٿي آت ٿانءُ ۾، متان کهوکهٽ ڳُوهن جا
متان اهو ٻڌني ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

٣- ٿُورا هشڙا نار کي، جا ڪهڙي کيڙ منجهاءُ
تنهن پير پڇنڊيا ٻانيءَ ۾، ڪنهن ڪڙيءَ ڪيو ڪڙڪاءُ
متان اهو ٻڌني ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

٤- قادر ڪنگ اُپائيا، رکن چيڙ ساڻ چاءُ
هٿن پَٽن پَڙڪا ڪريو، ڪين ڪُرڙن کي ڪستاءُ
متان اهو ٻڌني ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

٥- چلم چگيري چس سان، هٿي اميرن اڳياءُ
ڪين ڦوڪ فڪر جي، هُو ٻئي ڪري ٽڙ ٽڙ ٽڪاءُ
متان اهو ٻڌني ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

٦- ڪين چيڙو ٻادو چاڙهيو، ڪيئون گذر غاريبا
پريو ڏني هو پاتين کي، پيالا ٻرت منجهاءُ
تنهن ڏوڻي ڏيهاڻي ڪيا، ٻئي ڪَني ۾ ڪڙڪاءُ
متان اهو ٻڌني ٻانيءَ ۾ ٻڙلاءُ؟

٧- وَتِي وَنُوڙي هٿ ۾، هڪڙي عجيبن اڪيلا
پاڻي پريئون تي پرت مان، سا چُٽڪي چوھ منجھان
ڪڙڪي ڪنگو تي لڳي، ٻئي ٽڙ ٽڙ ڪري ٽڪاءَ
متان اھو ٻڌئي پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ؟

## روايت -٢

ڪنھن سگھڙ وٽو، مَٽ ۾ وڌو. اتفاق سان وٽو هٿ مان ڇڏائي ويس، ۽ ”ٻڙ ٻڙ“ ڪندو وڃي مٽ جي تري ۾ پيو. ان تي معما جوڙيائين ته: ”پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ، ٻڌم پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ“. ٻئي سگھڙ وري جدا جدا بيت چئي، معما سجي ڪئي. اها روايت هيٺين طور آهي:

پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ، ٻڌم پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ.

---

١- آڌي رات آئي، سا ٽِي مائي ولوڙي سَنڌِي
منڌي ڪري پيئي ڏونري ۾، ڏونري ڪيا ٻڙڪا
تو پانيو پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ!

٢- آئيون ھئيون ڏڙ ٽنبي سان، مٽيو ڀيو متان
نير ھٿا پيرن ۾، ڪڙين مان لڳي ٽيو ٽڪاءَ
تو پانيو پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ!

٣- سينھون هيون ڪُنڊيڙيون، سي ويئيون ٻيٽ متان
شينھن ڪئي گوڙ، سينھون پڳيون، جن جي ڪَنن ڪيا ڪڙڪا
تو پانيو پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ!

٤- پاڻي ڀرڻ هلي پاڻياري، ستون ڏيئي مانڊ هور ۾
پلوڻ ڪري پيو تڙ ۾، ٽنھن تڙ ڪيا ڪڙڪا
تو پانيو پاڻيءَ ۾ ٻڙلاءَ؟

---

روايت -٢: ھي روايت ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند ڪان ملي.

اني هڪ ته هرڻ ڳهٽا هٿا ۽ ٻيو ته شڪار جي لاءِ ويجهو اچي ٿي ٻَل ڏنائون. هرڻ جو اهو لقاءُ ڏسي هن معما ٻڌي، سگهڙ حاصل فقير وسائي ٻوٽي ڀي آئي ڏني ته:

ڳهڻ سي ويجهو، ڇا ڳهڻ سي ويجهو؟

حاصل فقير اها معما هيٺينءَ ريت ٻولي سڄي ڪري ڏني:

١- جبل ڪارونجهر جو ننگر ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٢- تَراءُ پڪي جو وَڇاڻن ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٣- رڻ ڳيراڙي جو آڪرڻ ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٤- وڻ پاڪي جو وڍڻ ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٥- جهنگ جهانگري جو وهڻ ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٦- آڪ ڪنُرڻ جو آڇها ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٧- ٻيرُ، ٻاٺري، ڪيرڙ ڪانڊن جو، چرڻ ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٨- مُرٽ ڳوڙاٽي جو چاٽڻ ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

٩- ٻَهڻ ڪيهڙي[1] جو مقام ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

١٠- ڳاهه، موڙاٽي جو چَرڻ ڪي ويجهو
تڏهن ڳهڻ سي ويجهو؟

---

١. موڙاٽي: ڪيهڙي ڪان ۽ ڪوهه اورتي.

١١. لٽنب ليهي جو گاهن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
١٢. کپڙ ڪاڪٿهار جو وهٽن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
١٣. تَڙَ راڏي ٻجهر جو واچائين کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
١٤. مقام جوڳي مڙهي جو وارثن کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
١٥. ٻڌوهه مڻهن تار جو واڙين کي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟
١٦. مٿان هرڻ هيڪل ڪوريءَ جا گهمن سي ويجهو
تڏهن گهمن سي ويجهو؟

## [١١٣٢] ڪُوهه مٿي تي ڪَڙن ڪَڙن، ڪُوهه مٿي تي ڪَڙن ڪَڙن

هڪ دفعي ڪو سگهڙ ٻنڀرن جي محل هڪڙي کوهه وٽان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته هڪڙي زال ڏلو کڻي کوهه تي آئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، ڏلو ڀري ويهي رهي. ڪجهه دير کان پوءِ وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڏلو هاري ٻيو دفعو ڀريائين. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڀيرا ڏلو ڀري وري هاريائين. آخر ٿلهو ڏلو کڻي مٿي تي رکي آئي ٻاهر، ۽ وري به هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڏلو کڻي پٽ سان هنيائين، ۽

---

١١. ليبو: ڪاڪٿهار کان هڪ کوهه پريان. ١٢. ڪاڪٿهار: حاصل فقير جو ڳوٺ. ١٤. جوڳي جي مڙهي: ڳوٺ، جتي ٻهڻن جي ٿهيل جوڳي جي مڙهي. ١٥. منهن تار: ڳوٺ.

١١٣٢. هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقو عمرڪوٽ) مان محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي کان ملي.

سگھڙ اهو ذڪر ٻڌي ڪوٽ ٻڌو ته ان بيان تي معما ٺاهيائين ته :

روئي لڙڪ لوئي، لڙڪن سان مٿن ڌوئي ڙي!
لڙڪن سان مٿن ڌوئي ڙي!

---

۱- ماروئيءَ جي ملير ۾، هئي ڳالهه گهٽي
قضا قلم وهائيو، هيءَ واحد ڳالهه وٺي
آندي سڌر سومري، مٿان ڪوهه ڪٽي
قابو ڪيائين ڪوٽ ۾، هئي هڪ چٽي
هزارين حيلا ڪيائين، پر بازي ڪين ٻٽي
هوءَ ماندي هئي محلن ۾، اندر آگ آٽي
محبت ماروئڙن جي، پوهي ڪيس ڦٽي
ڏنائين پڻ ڏيهه ڏي، هئيس حب گهٽي
سوگهي هيس سري ۾، فراقن ڦٽي
پڪاريائين پهه ڪري، ته ڌڻ سان ميل ڏٽي
ويس چوهه چٽي، هئي راتو ڏينهن راڙهي ۾
سا راتو ڏينهن راڙهي ۾، تي زارو زار روئي
روئي لڙڪ لوئي، مٿان آئي تي منهن ڌوئي؟

۲- ليلان ٻٽي لاڏلي، پر هائي ٻنيو هار
مٿي تي موهه ڪري تي خطا ڪائي خوار
لڇي پيئي لوهه ۾، ڪونروءَ مليو قرار
دل ڪٽي ويو داسڙو، پڇي سن پتار
اڙيءَ ڪي هو آسرو ته مهر ڪندو موچار
پر چنيسر ويو چاهه ڪٽي، ٻورو ٿيو ٻيار
پوءِ ڪامڻ هئي ڪوڪون ڪيون ته ماري ويو مٺار
چڏي ويو چيهه ڪري، آجهو ۽ آذار
ڏيئي ويو ڏکن جو ميهڻو مٺيادار
پوءِ روئي زارو زار، ليلان هئي ليلائيو

ليلان ٻئي ليلائيو ته ڪو چنيسر کي چوئي
چوٿهي لٽڙڪ لوٿهي، متان آئي ٿي مُنهن ڏوٿهي؟

٣- مُومل جي محلات جو، هو ٻري پسارو
شاهن اچي شوق ٿيو، اندر آمارو
آيا ڪيئي آڪير مان ٿهي، لَر هٽيو لارو
پهنديئي پائي ٿيا، ناتر لظارو
ڪي ڪُسي ويا ڪاڪ تي، ڪن واپس ڪيو وارو
راڻو به اچي رَسيو، سوڍو سوپارو
مومل ماڻي مرد ويو، ٿيو هرهنڌ هاڪارو
سو ايندو هو آڌ رات جو، هو مڙس موچارو
قضا ڪم ڪري وئي، پيو مومل تي مارو
سُتل ڏسي سُومل کي، هو ڪڙهي ٿيو ڪارو
پوءِ مُور نه آيو ميندرو، هُو ويو ٻيجي وارو
مومل هلي ميڙ ڪري، سات چڏي سارو
پوءِ راڻو ريڏو ڪينڪي، هو رهيو ريسارو
پوءِ ڪامڻ ڊڪي ڪارو، رُني ٻئي راڻهي اکيان
رُني ٻئي راڻي اکيان، من ترس تنهين کي ٻوٿهي
ٻوٿهي لٽڙڪ لوٿهي، متان آئي ٿي مُنهن ڏوٿهي؟

٤- سَهٽي کهڙي سير ۾ ڪري الله تُهار
ڪَچو ڪٽي ڪڇ ۾، ملڻ لئي ميهار
تي رواني راهه تي، وَهم چڏي ويچار
ويٺي ٻُهي وير ۾، لڳيءَ جي لاچار
آئي قضا ڪريم جي، تنهن دلو هٽي ڪيو ڏار
لُڙهي هلي لهرين ۾ درياءَ جي دڪار
واڪون ويڙهي آئيا، مانگرمڇ هزار
لُڏڙا، ڪَچون، ڪُميون، سَوين پيا سينسار
مارا تي مڙيا اچي، چڪ هٽي چوڏار

ٽيا آرَ آجل جا، ويچاريءَ تي وار
ويو مَٽ سرير مان، نيڻن وهيا نار
ٻُڪاريائين پريت مان آندر انڌوڪار
ته ميهر ڪري ميهار، ساڻي ٽجان سير ۾
ساڻي ٽجان سير ۾، سيءَ وڏو سوٽهي
سوٽهي لُڙڪ لوٽي، متان آٽي ٿي مُنهن ڏوٽهي؟

٥- آيا ڏير ڏَمرجي، ٻڪڙي پنهون نياڻون
سسئي ڪين سمجهيو، جا ڪيرت ڪيائون
چڙي نماڻي ننڊ ۾، چوهٿون چڪيائون
مُنهن ڪري مڪران ڏي، ڪرها ڪاهيائون
سَسُئي کي مُڇو ڪري، رڻ ۾ راهيائون
ڪيا هين ڪٿين ڪُوڪرا، ٻر سڌ نه سڻائون
ويون ويچائون، ولهيءَ جون وڪار ۾
ولهيءَ ڪئي وڪار ۾، ووءِ ڙي ووءِ
ووءِ لُڙڪ لوٽي، متان آٽي ٿي مُنهن ڏوٽهي؟

٦- صابر سَنڀي سيگهه مان، هو هوڪاري هليو
وٺي وات واريءَ جي، تنهن هيڪڙون هوڪاريو
مودري جي ملڪ ۾، تنهن عجب رنگ ڏٺو
پري هئي پيهي مٿي، جنهن ٿي جهارڪي جهڪيو
نُوريءَ سين نيڻ مليا، صابر صبر ويو
ٻوءِ ته اچي ٻريت جو، ماڪَهين مينهن وٺو
ٽيون روح رهاٽيون، ويچو سڀ ويو
عشق لڳيو ڪينڪي، ٻڏرو ٿي ٻيو
روڪڻ وارن روڪ ڪئي، ٻر ٻره نه ٻيٺو
آخر انهين عاشق وٽ مصحف ٻيڙ مڪو
ته وري نه اچج ويڙهه ۾، آٿي سڌهن اهو
صابر ويو سيڙيءَ ڏي، سو وري ڪين وريو

ٻوران ٿور وٺو، ساريندي صابر ڪي
ساري ٿي صابر ڪي، آها نير نچوئي
نچوئي لڙڪ لوئي، متان آئي ٿي منهن ڏوئي؟

## [۱۳۴] وڃو ڏونهان جهٽي، چاچا، وڃو ڏونهان جهٽي؟

دلشاد هڪ دفعي گهمندي گهمندي هڪ شخص ڏٺو، جنهن ماني پئي پچائي. مينهن جي موسم هئڻ سبب ڪاٺيون ٻسيون هيون، سو رکو ڏونهون پئي ڪيائون. اهو حال ڏسي اچي وَلوءَ کي ٻڌائين ته:

وڃو ڏونهان جهٽي، چاچا، وڃو ڏونهان جهٽي؟

وَلوءَ اها معما هن طرح ڀڳي ته:

۱- زال ٻرٽيو زور ڏيئي، پنهنجا ٻراوا پٽي
سا مسڪين مري ويئي، ٻار چڏي ٻٽي
غربت ۾ اڪثر غرق هو، متان لاچار ڪيو لٽي
ويتر ڪڪن ڪيون ڪيهون، جي ميءَ وڏا سٽي
اوچڻ جي آڻ هوند کان، ڪاٺيون آيو ڪٽي
متان مچ ڪرڻ لاءِ مرد سو، وڃو ڏونهان جهٽي؟

۲- عورت ٻڌيو آڻ پلي، سا چرِي ڪئي چٽي
سا ڪايو سپ ڪپايو چڏي، جيڪي خان ڪٽي
هاڻ داڻو ناهه دلي ۾، چٽي وڏا آهن چٽي
ٻچا وڃا ٻاڪارين، ڏو گيرهه جڏهن گهٽي
ويتر وڏواند ما، ويئي مرڙس ڪان منهن مٽي
متان انهيءَ اٻڻت کان، وڃو ڏونهان جهٽي؟

۳- مرض ۾ مبتلا، سا ڪنوار ڪيئن ڪٽي
هي ٻڻ حڪيمن لاءِ، ٻيو پٽي سٽي
ڪمائي وڃي قوت ۾، لاڙي وڏو لٽي

---

۱۳۴. "نئين زندگي" فيبروري ۱۹۵۵ع تان ورتل.

علم ٻنهان آڏين سو، عاجز ڪيو آهي
ٻنهي مان پوري ڪا نه ٿي، اُنهن ٻنا ۾ ڇني ويا ٻنهي
متان انهيءَ اوسيڙي ۾، ويٺو دونهان جهٽي؟

٤- اُستاد سُٺي آفيسرن جو، ڏُڪار وڏو ڏَٺي
آکهه وڏي، آنءُ مهانگو، پيٽ وڏو پَٺي
پَسو ناهه، پوشاڪ جي جهوريءَ وڏو جهَٺي
پگهار ٿورو پورت ناهه، قرض وڏو ڪَٺي
بدلي ڏور، پاڙو وڏو، قافن ۾ ڪيئن ڪَٺي
متان مسافريءَ ۾ ماستر، سو ويٺو دونهان جهَٺي!

# باب ٻارهون

## گرُوُ چيلو

[ ’گرو چيلي جا سوال جواب‘ ٻهراڙيءَ جي سگهڙن وٽ عام مقبول آهن. ڪچهريءَ ۾ هڪ سگهڙ ’گروءَ جو سوال‘ پيش ڪندو ۽ ٻيا ان کي ويچار ڏيندا ۽ ان جو جواب ڳوليندا.]

هنن ٻولين مان هرهڪ جون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جن کي پڙهي ۽ سڌوڌي سنواري متن ۾ رکيو ويو آهي، ۽ مکيه اختلافي روايتون هيٺ حاشيه ۾ ڏنيون ويون آهن. باقي ٻيون روايتون، جن ۾ جزوي يا محض ٻولي يا لفظن جو فرق هو، آهي نه ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ ته سنئين واري روايت انهن جو ڄڻ جامع عڪس آهي.

هنن ٻولين ۾ ”گرو“ جي سوال واري ٻي ست جدا جدا نمونن سان ملي آهي، مثلاً:

ڪهه چيلا ڪيس ٻاء

—

ڪهه چيلا ڪيس بات

—

ڪهه چيلا ڪيس ٿاهه

—

ڪهه چيلا ڪين ٿاهه

—

ڪهه چيلا ڪيس ٻهر

—

هن باب ۾ اول گُرو چيلي جي سوال جواب واريون آکاڻيون عام مروج روايتون ۽ ان کان پوءِ شاعرن جون ساکيءَ طرز تي جوڙيل پروليون ڏنيون ويون آهن.]

## (الف) گرو چيلي جون روايتي پروليون

[١١٣٥]

گرو: ڇرکي ڇڪر لائيا، ڀؤن اُڀيڙا ڪاءِ
وهنو ويچاري ڦيري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروُجي آٽ نهين.

(جنڊ جي سڪڙيءَ ۾ آٽ (لوهي چلو) پيل ناهي ان ڪري رينگٽ پيو ڪري؛ ڀؤن ۾ ، آٽ (تيل جو ٻڙو) پيل ناهي تنهنڪري چيچاٽ ٿي ڪري) ۽ زال به هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦيري، جو کيس آٽ (جهل پل) ڪانهي.)

[١١٣٦]

گرو: اوٻاسي آنٽ گهٽي، پيڻي سڪي جاءِ
تيل چڙهي ڪامڻي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي آيا نهين.

(اوٻاسيون گهٽيون آهن، جو آمل آيو ناهي؛ رجيل زمين به سڪي پئي، جو هرن ڪاهڻ لاءِ هاري آيو ناهي) ۽ ڪنوار (ڪامڻي) به ونواهه ۾ ويٺي آهي، جو گهوٽ اڃان آيو ناهي.)

[١١٣٧]

گرو: گجڻا نه وسڻا، ڦوڪڻا سپ نه ڪاءِ
عاشق سڃي رات پيڻا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

---

[١١٣٦] ٻي روايت: ڪهو چيلا ڪيس ڀاهه؟
[١١٣٧] ٻي روايت:
جهڙ گجدا وسدا نهين، عاشق معشوق سلدا نهين
نانگ پيران وچ ڦردا ڏنگدا نهين، ڪهه چيلا ڪسي بات؟

چيلو: گروجي امر نهين.

(ڪجي ٿو هر وسي نٿو، جو خدا جو امر ناهي؛ ڦلوڪون ڏينڌڙ نانک به، چڪي لٿو، جو ان ڪي امر ناهي؛ ۽ عاشق به، سڄي رات معشوق جي انتظار ۾ ويٺو رهيو، جو ڪين مليو جو امر نه هو.)

[۱۱۳۸]

گرو: ٻيڙي پار نه آڪري، جنهن رکيو جاءِ
عورت ميٺ نه مليا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي اولا نهين.

(ٻيڙي پار نٿي اڪري، جو اولو (ڪڻ) ڪونهي؛ جنهن اٿو نٿو ٻيهي، جو هوا ڪان اولو ڪونهي؛ ۽ عورت به ميٺ نٿي ملهي، جو وهنجڻ لاءِ اولو ڪونهي.)

[۱۱۳۹]

گرو: ڏکي ڦيردي رهه ڪٿي، واهي وهي جاءِ
راڄ رُلندا رهه ڪيا، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهه؟

چيلو: گروجي ٻڌي نهين.

(ڏکي رُلندي رهي، جو ڪنهن ٻڌي ناهي، واهي وهندي رهي، جو ڪنهن ٻڌي ناهي ۽ راڄ به رُلو رهيو، جو راڄ ۾ ٻڌي ناهي.)

---

[۱۱۳۸] ٻيون روايتون:

۱. مهري وهنجدي نهين، سالي پڪدي لهين
معشوق مليا نهين، ڪهه چيلا ڪس بات؟

—

۲. چڪي والي غم ڪيتا، پارا بهت پولدا
ڪشتي پار لم چلشا، ڪهه چيلا ڪيا بات؟

—

۳. باهه سهاءِ نه ڏئي، جنهن آئو نه ڏئي
سنڌ درياءَ لم آپي، ڪهه چيلا ڪس بات؟

[١١٤٠]

گرو: ڏٺي ٻڪري نہ سڃاڻي، اَٽ ڪِپڙ نہ کاءِ
هاري جهار نہ هڪلي، ڪَهو چيلا ڪس ڀاءِ

چيلو: گروجي ڀُوري نهين.

(ٻڪرار ٻڪري نٿو سڃاڻي جو ڀُورِي (ٻڪري جو قسم) ناهي، يعني ٻئي رنگ جي آهي؛ ڪَڻڪ جي ٻه جهار نٿو هڪلي جو ٻوک ڀُوري (سنگن پچڻ وقت، مٿان ٻوري يا ڀُرڀُر) نہ آهي؛ ۽ ڪِپڙ ڪي ٻہ ڀُورِي (ڀُور) ڪانهي، تڏهن اَٽ نٿو کائي.)

[١١٤١]

گرو: جَت اَٽ تي نهين چڙهدا، ٻڪا سر تي نهين ڏهدا
پادشاهہ فرياد نهين سڻدا، ڪهو چيلا ڪس ٻات؟

چيلو: گروجي ٻيٺا نهين.

(اَٽ تي جت نٿو چڙهي جو اَٽ ويٺو ناهي؛ ٻڪو ٻہ سِر تي نٿو ڏهي جو ٻوريءَ طرح ويٺو ناهي؛ پادشاهہ ٻہ فرياد نٿو ٻڌي جو اجهان تخت تي ويٺو ناهي.)

[١١٤٢]

گرو: ڪونهي چڙهي ڪاٺي، ٻُون-هَت ساٺ چڙهيا
ياگيا اول نہ ڏيوِي، ڪهو چيلا ڪس ياءِ؟

چيلو: گروجي پيؤ نهين.

(زال ڪنڌ تي چڙهي بيٺي آهي جو مڙس جو ڏپ ڪونهيس قافلي ٻرهت واري سڃڀي واٽ ورتي آهي جو ٿورن جو ڏپ ڪونهي؛ ۽ سال وارو ياگيو واڙ ڪي لوڙهي جي ٻناهہ نٿو ڏئي چاڪاڻ تہ چورن جو ڏپ ڪونهيس.)

---

[١١٤٢] ٻي روايت:

ڪونهي چڙهي ڪامني، ٻُولپت چڙهيا ساٿ
ياگيا آڙلي نہ ڏيوي، ڪهہ چيلا ڪس ٻات؟

[١١٤٣]

گرو: سات سويلا آئيا، ڪاهي انهن نه پاڻ
ٻڌون ٻولي هسٽنيءَ، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي پڙ نهين.

(قافلو جلدي آيو آهي جو واٽ تي ٻُر جو پڙ نه هوس، ڪاهي ۾ آن لٿو هوي جو ڪاهي پرجي وئي آهي ۽ وڏيڪ جاءِ ناهيس، ۽ عورت ۾ گهٽو تي ڳالهائي جو سڙمن جو پڙ ناهيس.)

[١١٤٤]

گرو: پيڙي چر ۾ نه هلي، گاڏي چلي نه جاءِ
دوست محبت نه ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي تار نهين.

(پيڙي نٿي هلي جو پاٹي تار نه آهي، ريل گاڏي ۾ نٿي هلي جو پيءِ اسٽيشن تان تار نه پهتي آهي، ۽ معشوق ڪي ۾ دوست نٿو ملي جو عشق جي تار ناهيس.)

[١١٤٥]

گرو: چلم رسيلي نه رهي، تُري ٽپ نه ڪاءِ
ڪُتا هرڻين نه پڄي، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي تازي نهين.

(چلم رسيلي ناهي جو پاڻي وجهي تازي ڪيل ناهي، گهوڙي ۾ ٽپ نٿي ڏئي جو تازي ناهي، ۽ ڪُتو ۾ هرڻ کي نٿو پڄي جو تازي ناهي.)

[١١٤٦]

گرو: ريل گاڏي بند رهي، چور نه چوري جاءِ
ڪدڙي راڳ نه راسيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاڻ؟

چيلو: گروجي ناڙي نهين.

(ڪاڏي کي تاڙي ڪانهي تڏهن بند رهي؛ چور چوري نٿو ڪري، جو تاڙي (جاچي) ڪانهيس؛ ۽ ڪڏڙي جو راڳ ۾ رس نٿو ڪري، جو سائس تاڙي وڄائڻ وارو ڪونهي.)

[1147]

گرو: واڍا نار نه چاڙهي، مهمان ڀيٽا نه، جاءِ
دشمن هر هر آوي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڏڏا نهين.

(واڍو لار نٿو چاڙهي جو ڏڏو (ڪوهاڏو، ڀڙاڏو) ڪونهي؛ مهمان ويهي نٿو، جو ڏڏو ڪونهي؛ دشمن ۾ وري وري ٿو هلان ڪري، جو ڏڏيل (همٿايل) ڪونهي.)

[1148]

گرو: ڪام ڪوئي نا چڙهي، آٽ نه جت سين جاءِ
نديا پار نه وڃا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڏري نهين.

(گهر تي ڪام نٿي چڙهي، جو ڏري (گهڙيل) ناهي؛ آٽ جت سان نٿو هلي، جو آٽ کي ڏري (نڪ جي سوراخ ۾ ڏاڪو يا ڏل) لڳل ناهي؛ ندي ۾ ڏري نه اٿس، تنهنڪري پار نٿو وڃي.)

[1149]

گرو: ول وڻ تي نه چڙهي، سڄي ڏاڍي جاءِ
بيمار ڀڪيا رهه گيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ٽور نهين.

(ول وڻ تي نٿي چڙهي، جو ول جي موسم ناهي؛ سڄي ۾ گهڻي ناهي، جو ٽور نه ڪيو اٿس؛ ۽ بيمار ۾ ڀڪيو ان ڪري رهيو، جو ٽوري ڀاڃي ناهي، جنهن سان ماني کائي.)

[١١٥٠]

گرو: چرخا چيچ ڪري، لٺ لڙڪا جاءِ
نهه نهه ڪري ڪامٺي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي نوڪيا نهين.

(نار چيچ تو ڪري، جو واڏي نوڪيو ناهي؛ نار جي لٺ ۾ ھٿي لنڌي، جو جگيءَ طرح لوڪيل ناهي؛ ۽ عورت ۾ وڏي آواز سان ٿي ڪيلي جو ان کي مڙس سيکت ۾ ڏلي آهي.)

[١١٥١]

گرو: بڙا موتي مٺاھ ٿورڙا، ڪري ن ڪناري گهاءِ
تلاءُ سڪا رھ گيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي پاڻي نهين.

(موتي وڏو، پر قيمت ٿوري اٿس، جو آبدار (پاڻي وارو) ناهي؛ ڪناري گهاءُ نٿي ڪري، جو ان کي پاڻي آيل ناهي؛ تلاءُ ۾ سڪو پيو آهي، جو ان ۾ پاڻي ناهي.)

[١١٥٢]

گرو: کيرڙ وڻ نه ولهي، اوڏ نه ميٺي چاءِ
بيمار سڻتيي نه ڀيٺي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ڀسي نهين.

---

[١١٥١] ٻيون روايتون:

١. جمل جلدي نه ڪري، ڪاتتا ڪري نه گهاءِ
زمين ڦير ڦير ٿڪا، سبزي نه ديکا ساءِ
کهه چيلا ڪيسي بات؟

٢. موتي بڙا، ملھ ٿورڙا، کنا ڪري نه گهاءِ
رڻ کهڙيا رجپوت لڙيا نهين، کهه چيلا ڪس ناھ؟

(ڪرڙ وڻ نئو وٽي جو منجهس ڦٽيءَ ڪانهي، اوڏ ميٽي نئو ڪٽي، جو ميٽي ڦٽيءَ (ڦنل) ڪانهي، ۽ بيمار سٽي نئو ٻيٺي جا آها ڦٽيءَ ڪانهي.)

[١١٥٣]

گرو: مرد درياهه نه گهڙي، گوري هار نه پاءِ
جهونا راجا راڄ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي ٻوٽيا نهين.

(مرد درياءَ ۾ نئو گهڙي، جو ونس گوڏ ٻڌڻ لاءِ ٻوٽيو (ٻوٽڙو) ناهي، عورت به هار نٿي پائي، جو آهو ٻوٽو ناهي ۽ ٻيرمن راجا اڃان راڄ ٻيو هلائي، جو ڪيس ٻٽ ناهي.)

[١١٥٤]

گرو: ڦٽرس ستونهان نه ڦٽري، اک نه چٽي جاءِ
ڪچهري رس نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي ٻها نهين.

(ڦٽرس سونهين ڪان سواءِ نئو هلي، جو ڦٽهو يعني ٻيڇرو ناهي، اک به نٿي چٽي، جو ڦهو ٻڌل ناهي ۽ ڪچهري به رس نڌهن نٿي ڪري، جو ٻهڙ يعني ارادو يا خيال هڪ جاءِ ناهي.)

[١١٥٥]

گرو: دونهي دونهن نه سينجري، محل نه جهٽي واءِ
مڇهه نه ماري مڇلي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي جاري نهين.

(دونهيءَ مان دونهون لئو نڪري، جو ان کي ڪولي جاري نه ڪيو ويو آهي، محل ۾ به واءُ نئو اچي، جو ڪتان جاري

[١١٥٣] ٻيون روايتون: ١. هندو گنگا نه گهڙي-الخ.
٢. جهونا راجا جڳ ڪري الخ.

[١١٥٥] سينجري = اڪري.

يعني ڪُتي ڪي نہ اٿس، ۽ مهانڻو ٻ، منجهي نٿو ماري جو ونس
چاري ڪانهي.)

[۱۱۵۶]

گرو: راڳ رسيلا نہ رهيا، مُردا مقام نہ، جاءِ
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٿاءِ؟
چيلو: گروجي جوڙي نهين.

(راڳ رس نٿو ڪري، جو جوڙي (ڪانٽي جو جوڙ) ناهي ۽
ميت ٻ، مقام پيڙو نٿو نٿي، جو جوڙي (ڪفن) ناهي ۽
حاڪم عدالت نٿو ڪري، جو ڪورٽ جوري (ويهاري)
نہ اٿس.)

[۱۱۵۷]

گرو: پاري اڪ نہ ساڙيا، ماڻيي نہ، ڪهوڪهاءِ
ڪامڻ گهر پال نہ رويا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي چاوا نهين.

(پارو آڪ نٿو ساڙي جو چانو ناهي، ماڻي ولوڙجي نٿي، جو
کير ٻ، چانو ناهي ۽ گهر مان ٻارڙي جي روئڻ جو آواز
نٿو اچي، جو چانو ناهي.)

[۱۱۵۸]

گرو: عورت اونهي تي چڙهي، چور چوري ڪٿون جاءِ
مرد ميڙي ۾ ٻڪ مري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي روڪ نهين.

(عورت ٿلهي تي چڙهي تي جو ڪيس روڪ (منع) ڪانهي ۽
چور ٻ، چوري پيو ڪري، جو ڪيس روڪ (جهل) ڪانهي ۽
۽ مرد ٻ، ميڙي ۾ ٻڪ پيو مري، جو ونس روڪ (نقد) ناهي.)

[۱۱۵۹]

گرو: پيلي پيو ٻڪ مري، ٻني وني ويو ڪاهہ
لشڪر سپاهہ نہ وڙهي، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟

چيلو: گروجي **ساهي** نهين.

(ميث جت کي پڇ نئو ڏئي، جو ساهي (واند ڪائي) نہ، اٿس، ٻئي ۾ ۽ ۾ گاهہ کھڻو ٿيو آهي جو کيس (آرو) ڏنل ناهي، ۽ لشڪر ۾ دشمن سان نئو وڙهي، جو اُن کي بہ ساهي (موڪل) ڪانہ ملي آهي.)

**[۱۱۶۰]**

گرو: رُنا عاشق آهي ڀرتا، چڪر ڦيري نہ جاءِ
کوري کڻنا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سري** نهين.

(عاشق از خود اچي معشوق سان مليو، جو ان کان سواءِ سري نہ سگهيس، چڪر (نار) بہ ڦيري نئو، جو اُن کي سري (سرائي) ڪانهي، ۽ عورت بہ کهہ لئي ڀائي جو سر (ڏانوٽي) ڪانهيس.)

**[۱۱۶۱]**

گرو: پينس دوها نہ پريا، پورا تئونا جاءِ
ننفر سڌ ديا نهين، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **سوٽا** نهين.

(مهينهن کير سان ساڙهو نئي ڀري، جو سٽونا ناهي، پورو بہ انهيءَ ڪري ڦاٿل آهي، جو سڀ لاءِ سٽونو ڪونهي، ۽ نوڪر بہ سڌ نئو ڏئي، جو سٽو يعني ٻڌو ناهيس.)

---

[۱۱۶۱] ٻيون روايتون:

۱. مينهن ماٿا نہ پري، پاڻهي سڌ نہ آلاءِ
پوري رهہ گئي جاءِ، ڪهہ چيلا ڪس ڀاءِ؟

۲. پينس دوها نہ پري، پوري کٽي جاءِ.

[١١٦٢]

گرو: ڏُونُ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏ ڏ ڪا ڪري نہ درياه
ٻَهرُو ڪاٺِ پاپ هي، ڪهو چيلا ڪِس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي سير نهين.

(ٻِن ڏاندن هوندي بہ هَرَ نٿو هلي، جو ڏِٻن ڪي هلائڻ واري سِير (نوڙي) ناهي؛ درياءَ بہ گاج نٿو ڪري، جو اجان سير نہ ڪئي اٿس؛ ۽ ٻَهرُو ڪاٺِ بہ پاپ آهي، جو سير (تڪبير) پيل ناهي.)

[١١٦٣]

گرو: بِينڪ ٻُوڻڪ بِن نہ رهي، گهوڙا گاهہ نہ ڪاءِ
مرد نہ آوي ٻاڪرينُ، ڪهو چيلا ڪِس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي سينگا نهين.

(ڪتو ٻُونڪ نٿو چڙهي، جو ماڻهو سڃاڻو (واقف) ناهي، گهوڙو گاهہ نٿو کائي، جو سڃاڻو (تازو) ناهي؛ ۽ مرد بہ ڪينڪر ۾ ٻاڪر نٿو پائي، جو سڃاڻو (واقفڪار) ناهي.)

[١١٦٤]

گرو: مُلان نيڪاح نہ پڙهيا، حاڪم عدالت نہ ڪياءِ
چور چوري نہ ڏَسي، ڪهو چيلا ڪِس ڀاهہ؟

چيلو: گروجي شاهد نهين.

(ملان نڪاح نٿو پڙهي، جو شاهد نہ آهن؛ حاڪم بہ عدالت نٿو ڪري، جو شاهد ڪونهن؛ ۽ چور چوري موٽائي نٿو ڏئي، جو ان جا شاهد ناهن.)

---

[١١٦٢] ٻي روايت:
ڏُونُ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏُڏڙ نہ ڪري درياءَ.

چيلو: گروجي **ڪري** نهين.

(دوا فائدو نٿي ڪري جو اُن جي ڪِرِي (پرهيز) ناهي؛ ماني ٻ نٿي پچي جو ڪِرِ (ڦلهيار) ناهي؛ ۽ ڪجور ٻ ڪائي نٿي سکهجي جو وڻ مان ڪِرِي ناهي.)

[۱۱۶۸]

گرو: ٻر ٻ ٻيل سينگاريا، ري آرلپڻ سال جاءِ
تَهه تَهه ڪري ڪاٽي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڪوڏر** (ڪو + ڏر) نهين.

(ٻر ٻ ڏاند سينگاريو پيو گهمي جو ڪوٻ ڏر (ڀؤ، ڊپ) ناهي؛ مال کي ٻ بند ڪرڻ لاءِ آرليون (ڪاٺيون) ڏنل ناهن جو ڪوٻ ڏر ناهي؛ ۽ عورت ٻ زور مان ٿي ڪلهي جو ڪيس ڪوٻ ڏر (ڊپ) ڪونهي.)

[۱۱۶۹]

گرو: ڪَٽ تي رَلي نہ نهي، ٻٺارا مٺي نہ چاءِ
نينگرگهر وچ رو رَهي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **گڏي** نهين.

(ڪَٽ تي پهل رَليءَ تي گُڏِي (ٽُڪَ) ڪانهي ان ڪري سونهي ٿي؛ ٻٺارو مِٺي نٿو ڪٽي جو هُن گُڏِي (ڪُڻي) ڪانهي؛ ۽ ڇوڪر کي ٻ گُڏِي (رانديڪو) ڪانهي جا ڏسي ماٺ ڪري.)

[۱۱۷۰]

گرو: مهمان ماني نہ ملي، جوان جڻيي نا ڀاءِ
آسڻي هاٿي نا ڀري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

---

[۱۱۶۹] ٻي روايت:

ڇوڪري بس ڪريندي نهين، اوڏ ميٺي چائيندا لهين
رليي ڪَٽ تي نهدي نهين، ڪهو چيلا ڪس ٻات؟

چيلو: گروجي **گهڙي** نهين.

(مهمان کي ماني نٿي ملي جو ماني گهٽ ڙي (ٿاهي) ناهي؛ جوان به جُٽيي نٿو پائي جو جُٽيي اجان گهٽ ڙي (لهي) ناهي؛ ۽ عورت به پاڻي نٿي پري جو اُن وٽ گهٽ ڙي (دلي) ڪانهي.)

[۱۱۷۱]

گرو: ڪولهي چڙهي ڪاٺي، پيڙي ڪنوها نه چاءِ
هوندي ثمر هٿي، ڪهو چيلا ڪس ٿاهه؟

چيلو: گروجي **لاجو** نهين.

(عورت جاءِ تي چڙهي ٿي جو ڪيس لج ناهي؛ پيڙي جو کوهو به نٿو ڪجي جو لاڄو (سڙهه) پدل ناهي؛ ثمر هوندي پيئي ٿو جو ڪيس لج ڪانهي.)

[۱۱۷۲]

گرو: عاشق معشوق نه مليا، قاصد ڪڙا آناءِ
واٽيا پٽهي وهيي ڪون، ڪهوچيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **لکيا** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو سندن لکيو نه هو؛ قاصد لاءِ به خط لکيو ناهي جو ڪٿي وڃي؛ ۽ واٽيو منجهي پيو آهي جو وٽس لکيو (حساب) ڪونهي.)

[۱۱۷۳]

گرو: برجلوٽ باز نه ماري، پڙڪا ڪري نه پاهه
معشوق منهن موڙ کيا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **لڳي** نهين.

(برجلوٽ بندوق باز کي نٿي ماري جو لڳيي (چٽي) ناهي؛ پاهه به پڙڪو نٿي ڪري جو اها به لڳيي (دُکي) ناهي؛ ۽ معشوق مُنهن موڙي ويو جو ان جي دل لڳيي ناهي.)

[۱۱۷۴]

گرو: ڏکيي ڏُڪيي نہ رهي، عاشق ڪري نہ آهہ
آگ آلا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڻاهہ؟

چيلو: گروجي لڳيي نهين.

(ڏکي ڏُکيي نہ آهي، جو لڳي ناهي؛ عاشق معشوق ٻہ ڀاڻ ۾ ڻٿا ملن، جو دل لڳيي ناهي ۽ ٻاهہ آلا ڻٿي ڪري، جو پوريءَ طرح دُکبي ناهي.)

[۱۱۷۵]

گرو: آڌوتي آس مري، ڍولڪ ڪري نہ ڻاهہ
ٻانهي ٻهُون حاج ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٻاء؟

چيلو: گروجي مڙهيي نهين.

(ٻانو آس ۾ ٻيو مري، جو ڪيس رهڻ لاءِ مڙهيي ڪانهي؛ ڍولڪ ٻہ پوريءَ طرح آواز ڻٿي ڪري، جو مڙهيل ناهي؛ ٻانهي ٻہ گهڻو ڪم ني ڪري، جو مڙهيي (پوڙهي) ناهي يعني جوان آهي.)

[۱۱۷٦]

گرو: آٽ ورڪ نہ ڪائيهي، مرد آيا نہ ڪچهري جاءِ
سيهري نٿ نہ ٻاوي، ڪهو چيلا ڪيس ٻاء؟

چيلو: گروجي ٥ور نهين.

---

[۱۱۷٦] ٻيون روايتون:

۱. آهُو وڻ لهين چرندا، مرد ڪچهري نهين ٻهندا
سيهري نٿ نهين ياوندي، ڪهو چيلا ڪيا بات؟

۲. آٽ گاهہ نہ چري، سهاڳڻ زال نٿ نہ ڪري
نانگ گهر ۾ هر هر گهڙي، ڪهو چيلا ڪهڙي بات؟

(آڪ گاهه نٿو کائي، جو گاهه ۾ مور (ڪُونچ) ڪانهي ۽ مرد به ڪچهريءَ ۾ نه آيو، جو ڪچهريءَ جي ويهڻ جو ڍانءُ ڪونهيس ۽ عورت به نٿ نٿي پائي، جو نٿ ۾ مورُ (چٽ) ڪونهيس.)

[١١٧٧]

گرو: مڙهي آڏي ڍينگهري، ڳوڏا نا ڍاڪي جاءِ
ڳوري مٽڪ سُونهي نهين، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ناٿ** نهين.

(مڙهي جي دروازي کي ڍنگري آيل يعني دروازو ٻوريل آهي، جو مڙهي ۾ ناٿ (فقير) ڪونهي ۽ ڍڳو ٻڌو وڃي، جو نڪ ۾ نٿ لڳل ڪانهيس، عورت جو مُنهن به سهڻو نٿو لڳي ۽ جو نٿ پيل ڪانهيس.)

[١١٧٨]

گرو: ٻڙ سوناسي ڏنگا، مٽا مڻ ورجاءِ
لکيا خط پڇي ولهي، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **وانچيا** نهين.

(ٻڙ جو وڻ ڏنگو آهي، جو ڪنهن سنڀال نه لڌي، مڻ به نانگ جي ڏنگ تي نٿي لڳي، جو گوگڙي ڇهواڻ جي واڇا (قسم) پيل ناهي ۽ خط موٽيو اچي، جو ڪنهن پڙهيو ناهي.)

[١١٧٩]

گرو: مرد کٿولي نه پيٺا، کٿوها ٻڪ ڪيرڪير جاءِ
هٽي سودا نه ميلي، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **واٽيا** نهين.

---

[١١٧٨] ٻي روايت: ٻڙ موتا ڏنگا ڪڙا، سَپ ڏنگيا جاءِ
پيڇيا خط وليا نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

(مرد ڪنوار تي نہ ويٺو، جو واڻيل ڪونهي؛ کوهہ جي ٻڪ هر هر ڍهي ٿي پوي، جو واڻيل (لٺي جي ورن سان ٻڌل) ناهي ۽ هٿ تان سوڙ و نٿو ملي، جو واڻيو ڪونهي.)

[١١٨٠]

گرو: ڪنڌي وات رنڌي، سيهہ تپينڪا ڪاء
حاڪم عدالت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟
چيلو: گروجي **وڍي** نهين.

(ڪنڌيءَ جو وڻ وات ٿو رنڌي، جو وڍيل ناهي؛ ڏال ٻٺي لچڪا کائي، جو ڄم جي وڍي يعني (ڪشو) پيل نہ اٿس ۽ حاڪم بہ غور نٿو ڪري، جو وڍي يعني (رشوت) نہ ملي اٿس.)

[١١٨١]

گرو: پانڊيڙو پند نہ اچهي، گهايل ڪري نہ گهاء
واڻيا هٿي مونجهہ رهيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟
چيلو: گروجي **وهي** نهين.

(پانڊيڙي جي وهي يعني جواني ناهي، جو پند ڪري سگهي؛ گهايل بہ گهاءُ نٿي ڪري، جو اڄان وهي يعني اڙهي ناهي ۽ واڻيو بہ هٿ تي منجهيو ويٺو آهي، جو وهي يعني ٻنڌي هٿ نٿي اچيس.)

[١١٨٢]

گرو: سٺي وچ سگا نہ ٻيا، چنڊ نہ ڪيتا شعاع
مهمان گهر نہ ٽڪيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

---

[١١٨٠] ٻي روايت:
کلهي ڏال نہ اٿڪي، ڪنڌي ڏني نہ باهہ
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

چيلو: ڳروجي لٺ هئي.

(سٺيءَ ۾ سڳو پيو، جو اکين ۾ ڏنڊ آهي؛ چنب به سٺائو نٿو ڪري، جو آسمان ۾ لٺ (ڏنڊ) آهي ۽ مهمان به گهر ۾ نه ٽِڪيو جو گهر ۾ لٺ (جهيڙو) آهي.)

[١١٨٣]

ڳرو: سٺيءَ ۾ ڌاڳو پوي ڇو نه،
طعام ۾ پاڻي وجهي ڇو نه،
مرد گهر ۾ رهي ڇو نه؟

چيلو: ڳروجي لٺ آهي.

(سٺيءَ ۾ ڌاڳو نٿو پوي، جو اکين ۾ لٺ آهي، تنهنڪري نظر نٿو اچي؛ پاڻي به طعام ۾ نٿو وجهجي، جو لٺائيل آهي؛ ۽ مرد به گهر ۾ نٿو ويهي، جو گهر ۾ به لٺ (جهيڙو) آهي.)

## (ب) شاعرن جون جوڙيل ٻروليون

### ١. رمضان واڍي جون چيل ٻروليون

[١١٨٤]

ترڪاري پاڻي نه وهي، پاڻي جهنگل جاهه
ڪاٺي پچي پاهه، ڪان، رُپي لُسري ناهه
"رمضان واڍا" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: ٻاري ناهي.

(پاڻي نٿو اچي، جو ٻارا ٻڌل ناهن؛ پاڻي به جهنگل ۾ وهيو وڃي، جو ان کي ٻنو ٻڌل ڪونهي؛ ڪاٺي ٻرڻ ڪان بچي وئي آهي، جو ٻاري ڪانهي ۽ رُپو (چاندي) به اڃان لُسري نه ٿيو آهي، جو ان کي رجايو ناهي.)

[۱۱۸۵]

مالڪيٽ مڇي نه ڏُڪي، دوا سَنڌ سُڪاءِ
زال مڙس تي قابو آهي، چور چوري ڪاءِ
"رمضان وادي" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: **ماري** ناهي.

(مڇي مارڪيٽ ۾ نئي اچي، جو ماري ناهي؛ دوا ۾ ڪائن مان سَنڌ سُڪائي وڌا آهن، جو پوريءَ طرح ماريل ڪانهي؛ زال **مڙس** تي قابض آهي، جو ماريل ڪانهي ۽ چور به چوري ڪايو وڃي، جو اُن تي مار ڪانهي.)

[۱۱۸۶]

ڳنڊي وَڏائي ناهي، مڇي ٻلي اغيار
جنگ وارن خوشي منهن ۾، پوک ڪائي ٿي جهار
"رمضان وادا" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: **هاري** ناهي.

(ڳنڊي ٻريل آهي، جو اُن مان اَن ڪڍيو ناهي؛ مڇي خريدار نه ورتي، جو اُن جي به هاري ناهي؛ جنگ وارا خوش آهن، جو جنگ هاري نه اٿن ۽ پوک کي جهار ڪائي ٿي وڃي، جو هاري ڪونهي.)

---

[۱۱۸۵] ٻيون روايتون:

۱. مڇي مالڪيٽ نه اچي، عورت اجايو ڳالهاءِ
دوا فرق نه ڪري، ڇو چيلا کهڙي بات؟

۲. تيلي آگ نه لائي، زال ٿي مڙس کي دٻائي
مرون پوک تو ڪائي، ڪهه چيلا ڪيس بات؟

[۱۱۸٦] وَڏائڻ = هارڻ، خالي ڪرڻ. مڇي ٻلي = موتائي.

## ٢. چاڪر خان جون ٻروليون

[١١٨٧]

راڳي راڳ نه ڳائي ٿو
ٻيڙو پار نه جائي ٿو
شرم ڪنان ڪنڌ جائي ٿو
چئي ٻرولي "چاڪر خان"
ٻلي ٻجي ڪو سگهڙ سجان؟

جواب: تار ناهي.

(راڳي راڳ نٿو ڳائي جو ڪتاري ۾ تارَ نه اٿس، ٻيڙو نه پتڻ پار نٿو وڃي جو پاڻي تار ناهي، ڪنڌ ڪٽڻ کي ۽ شرم هوندي به ڪنڌ ڪنيو هلي، جو شرم (گهٽو) تار ناهيس.)

[١١٨٨]

ماڻهو واهڙ مان اچن وڃن ٿا
ساز سگهڙ ندا ڪين وڃن ٿا
عاشق معشوق ڪين ميلن ٿا
چوي ٻرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سگهڙ سجان؟

جواب: تار ناهي.

(ماڻهو واهڙ مان پيا اچن وڃن جو پاڻي تار ناهي، ساز سگهڙ ندا به نٿا وڃن جو انهن ۾ وچت جي تارَ پهل ناهي، ۽ عاشق معشوق به پاڻ ۾ نٿا مان جو عشق جي تارَ نه اٿن.)

[١١٨٩]

١. قدر لڱنگيءَ جو ڪين ڌري ٿو
ڪام صفي تي ڪين چڙهي ٿو
گهوڙو ميدان تي ڪين هلي ٿو

زخم ڇُرِيءَ جو ڪين ڇٽي ٿو
واهي ڪُوڙِي سان ڪين هلي ٿو
چئي ڀرولي "چاڪر خان"
ويهي ڀڄي ڪو سُرت سجاڻ؟

جواب: ڀِٽ ناهي.

(لونگيءَ جو قدر نٿو ٿئي جو ڀِٽ يعني ريشم ناهي، صفي تي ٻه ڪام نٿي چڙهي جو ان کي ڀِٽ يعني ڳنڍ لڳل ناهي؛ يعني ننڍي آهي، گهوڙي کي ٻه ڀِٽ (هلڻ لاءِ) ڪونهي؛ تڏهن ميدان نٿو هلي؛ زخم نٿو ڇٽي جو ڀِٽي ٻڌل ناهي؛ ۽ ڪُوڙي سان واهي نٿو هلي جو تاجي ڀِٽي ڀِٽ يعني سچو ناهي.)

٢. واهي وسوڙو ٿيو وڃي ٿو
قدر لنگيءَ جو ڪين ڪري ٿو
گهوڙو ڏاڍيان ڪين ڀڄي ٿو
ڪاٺ جاءِ تي ڪين ٺهي ٿو
آزار ڇُريءَ جو ڪين لهي ٿو
چئي ڀرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سُرت سجاڻ؟

جواب: ڀِٽ ناهي.

(واهي وسوڙو ٿو وڃي جو ڀاڻ سان ڀِٽ (ڀتو) نه ڪنيو اٿس، لونگيءَ جو قدر نٿو ٿئي جو ڀِٽ جي ناهي؛ گهوڙو ڊوڙي نٿو جو ڀِٽ (ميدان) ڪونهي؛ ڪاٺ ٻه جاءِ تي نٿو چڙهي جو ننڍو آهي ۽ ڀِٽ لڳل ڪونهيس، ڇُريءَ جو آزار نٿو لهي جو ڦٽ تي ڀِٽي ٻڌل ناهي.)

[۱۱۹۰]

روز وڙهن ٿا ٻيءُ ڀٽ ڀاڻ
گهوڙا ٻڪ ۾ هڪڙي ٿاڻ
تڙ تي آچيا ڀانيءَ ڪاڻ
ڇني ڀرولي ”چاڪر خان“
ٻلي ٻچي کو سُرت سڄان؟

جواب: **رس** ناهي.

(ٻيءُ ڀٽ ڀاڻ ۾ روز وڙهن ٿا جو رَسُ (صلح) نہ اٿن ۽ گهوڙا ۾ هڪڙي ٿاڻ تي ٻڪ ٻيا سڙن جو رَسُ (ڪاڏو) ڪونہ اٿن ۽ تڙ تي مسافر آچ ٻيا مرن جو رَسو نہ اٿن جو تڙ مان پاڻي ڪڍن.)

[۱۱۹۱]

توف لشڪر مان ڪين وڙهي ٿو
آتڻ جت سان ڪين ميڙي ٿو

---

[۱۱۹۰] ٻيون روايتون:

۱. ٻيءُ ڀٽ پاڻ ۾ جهيڙو لايو
ماڻهو تڙ تان اچن دلا موٽايو
گهوڙن ڪي وچي ٻيو گابو ڏايو
کهو چيلا ڪس بات؟
گروجي **رس** لهين.

۲. ٻيءُ ڀٽ روز وڙهن ٿا، مزمان کوھ تي آچ مرن ٿا
گهوڙا ڪاٺا ڪين چرن ٿا، ڪهہ چيلا ڪس بات؟
گروجي **رس** نهين.

[۱۱۹۱] ٻي روايت: بندوق هرڻ نہ ماري، بادامي بازار ۾ وڪامي
ڪورٽ الصاف ۾ ڪراوي؟

حاڪم ڪورٽ ڪِين ڪري ٿو
ڇٽي ڀرولي "چاڪر خان"
ويهي ٻڇي ڪو سُرت سجان؟

جواب: **گورو ناهي.**

(توف لشڪر سان نٿي وڙهي جو توف ۾ گورو يعني گولو ناهي، آئن ۽ نٿي مڙي جو گوڙو ناهي؛ حاڪم ۽ انصاف نٿو ڪري جو گورو يعني انگريز ڪونهي.)

[١١٩٢]

ڀولي سنڌي سمجهي ڪو نه،
جت لبڙي ڪي لڌي ڇو نه،
هيرو هندوءَ جو ٻاٽي پيو نه،
ڇٽي ڀرولي "چاڪر خان"
ٻلي ٻڇي ڪو سُرت سڄان؟

جواب: **گورو آهي.**

(سنڌي نٿو سمجهي جو گورو (انگريز) آهي، جت ۽ اٺ تي ٻار نٿو لڌي جو اڃان گورو آهي؛ ۽ هندوءَ جون هڏيون ٻاٽيءَ ۾ ته پيون آهن، جو اڃان گورو (هڏ) آهي، يعني مڙي رک نه ٿيو آهي.)

٣. لعلڻ خان جون چيل پروليون

[١١٩٣]

گرو: عاشق معشوق نه مليو، ٻازي چڙهي نه جاءِ
روٽي پڪي نه رهي، ڪهه چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي **آگ** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو دل ۾ محبت جي آگ لڳي نه اٿن، راند ۾ زور لڳي وٺي جو اڃان آگ (جوش) پيدا نه ٿي آهي؛

۽ ماني ٻـ نٿي پچي جـو دانـگيءَ هيئان ڀـوري طـرح آگ ٻـَري نہ آهي.)

[1194]

گرو: ڍنڍ ڀيلا ڏ پوڙيا، ملي نہ سردار سودا
روٽي نہ ڪري ڏاهہ، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي آٽلي نهين.

(ڍنڍ ڀيلو نہ پوڙيو آهي جو آٽلي ناهيءَ سوداگر کي بہ سودو نٿو ملي جو ڪنهن سان آٽـل يعني ڏيتي ليتي ڪانهيس؛ ۽ دانـگيءَ تي ماني لٿي پچي جو آٽلي ڪانهي.)

[1195]

گرو: ڌرتي ڌوڙ نہ چوڙي، ڪامڻ ڪم نہ لاهہ
توڏي رنگي رات ڪون، ڪهوچيلاڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي آئي نهين.

(زمين ڌسڙ واري آهي، جو آئي (برسات) ڪانهي؛ ڪامڻ ڪم نہ لاٿو آهي جو اجان آئي (آئي) ڪانهي؛ ۽ توڏي بہ پئي رنگي جو آئي (آئڻ) ڪانهي.)

[1196]

گرو: ليڪا مور نہ منجهيا، فقـير نہ پڙهي گهر
ڪتابي خوش رهيا، ڪهہ چيلا ڪيس پر؟

چيلو: گروجي پولو نهين.

(ليڪو منجهي نٿو جو پولو ناهيءَ فقير بہ پڙهي نٿو جو وٽس پولو (پولڙو) ناهي؛ ۽ ڪتابي بہ خوش رهيو جو پڙهڻ ۾ پولو نہ پيو اٿس.)

[١١٩٧]

گرو: ٻڪري ٻڪي رهي، ڪاٺي ڪري نہ ناهہ
چور چوري ڪر گيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ڀوري نهين.

(ٻڪري ٻڪندي رهي ٿي جو واڙ ۾ ڀوري ناهي؛ ڪاٺي بہ ٺهي نٿي جو ڀوري (برابر) ناهي؛ ۽ چور بہ چوري ڪري ويو جو ڀاڳئي ڪڙهہ ڀوري نہ ڏني آهي.)

[١١٩٨]

گرو: ستري سونهن نہ ڪري، ٻيٽ نہ ڪري درياءِ
عورت سر اگهاڙي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ڀهريا نهين.

(ستري (ڳهہ) بہ سونهن نٿي ڪري جو اجان ڀاتي ناهي؛ درياءَ بہ ٻيٽ نٿو ڪري جو اجان ڀاتو نہ اٿس؛ ۽ عورت جو بہ مٿو اگهاڙو آهي جو اجان ڪپڙو ڀهريو نہ اٿس.)

[١١٩٩]

گرو: ميهن ماڻا نہ پري، سهري مٿهن نہ وڪاءِ
روٽي ناهہ نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي چري نهين.

(ميهن ڪير جو ماڻو نٿي پري جو جهنگ چري ناهي؛ سهري بہ مٿهن نٿي ڏيکاري جو چري ڪانهي؛ ۽ ماني بہ رڌي ناهي جو چري يعني چر نہ ٺهي آهي.)

[١٢٠٠]

گرو: مردا مسڻ ۾ رهيا، ٻنيءِ ٻج نہ لاهہ
ڪپڙا تن تن هو رهيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ڏوپ نهين.

(مرد و مسان ۾ رکيو آهي ۽ ساڙيو ناهي، جو اچان ڏُوپ يعني واس نه ٿيو آهي) ٻيو ته، کاڻ ٿي بچي، جو ڏُوپ (آس) کانهي ۽ ڪهڙو ته، جيتن کائي ٽُڪي چڏيو آهي، جو ڏُوپ ڏيڻي نه رکيل آهي.)

[١٢٠١]

گرو: ڪوئي چڙهي کاميٽي، ڪوتڻ، ٿيا ڪهڙا نانڪ نه چڙهي ڪٿهين، ڪهو چيلا ڪيس بات؟

چيلو: گروجي ڏر نهين.

(کامٽي به ڪنڊ تي چڙهي آهي، جو ڊپ ڪونهيس ڪهڙو ته، چونو ٿي پيو آهي، جو بورو ڏر ڪونهي ۽ نانڪ به لڪي نٿو، جو زمين ۾ ڏر ڪونهي.)

[١٢٠٢]

گرو: چوپڻ چاهه نه ڪري، هاري هَر نه چلا جاءِ
ٻنـي ٻـج نـه لاهيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي رُتي نهين.

(چوپڻ راند ۾ چاهه نٿو ٿئي، جو ڪا ساري رُتي (رَڃي) ڪانهي؛ هاري به هر نٿو ٻڌي جو رُت (موسم) ڪانهي ۽ ٻني به ٻج پيا اڻ نٿي ڪري جو رُتي (هڪي) ٿي ڪانهي.)

[١٢٠٣]

گرو: راڳ نه رس و ڳائيا، واٽيا ڪرني لگا ويچار
ڪنير ڪرڻ راس ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڪٽ نهين.

(راڳ رس نٿو ڪري، جو ڳائڻي کي ڳائڻ جي ڪَٽ ناهي؛ واٽيو به ويچار ۾ ويٺو آهي، جو آڳڙيل رقم بنديءَ مان ڪ

ڪٽني اٿس ۽ ڪٽهپر ۾ ڪم جلدي پورو لٿو ڪري، جو ڏانون جي ڪَٽ يعني گهاڙيٽو ڏانهه نہ آيو اٿس.)

[١٢٠٤]

گرو: ڏرتي آوہر ڏُپ پڙي، ڪانٽا ڪري گهاء
پاڪيا پٺل رهيا، ڪهو چيلا ڪِس پاء؟

چيلو: گروجي ڪکر نهين.

(ڏرتيءَ تي آس آهي، جو سج کي ڪَڪَر ڪونهي؛ ڪانٽو يعني هٿيار ۾ تيکو ٿو وهي، جو ڪکر پيل نہ اٿس ۽ پاڪيو ہ پلجي پيو، جو مال کي سچائپ جو ڪکر ڪونهي.)

[١٢٠٥]

گرو: سوداگر سودا نہ ميلي، ٽُوٽي جهلي نہ بار
بٽئي زميندار نہ ڪري، ڪهہ چيلا ڪِس بات؟

چيلو: گروجي ڪوڙي نهين.

(سوداگر کي سؤدو نٿو ملي، جو مال جي ڪوڙي ناهي؛ ٽوٽي ۾ بار نٿي جهلي جو ڪوڙي (زمين ۾) ناهي ۽ زميندار ۾ بَٽئي نٿو ڪري، جو انّ جي ڪوڙي ٽيل ناهي.)

[١٢٠٦]

گرو: پاٽي پٽ آيا ميا، عاشق آداس رهيا
گهوڙا پار نہ چليا، ڪهو چيلا ڪِس پاء؟

چيلو: گروجي گهٽي نهين.

(پاٽي ميدان ۾ پلٽجي پيو آهي، جو وهڻ جي گهٽيي ناهي؛ عاشق ۾ آداس رهيو، جو محبوب سان ملڻ جي ڪا گهٽيي ڪانہ اٿس ۽ گهوڙو ۾ پار نٿو وڃي، جو وڃڻ جو گهٽ ناهي.)

[١٢٠٧]

گرو: ڪوهه پاڻي نه ڏي‌وي، عاشق معشوق نه وسريا
دور ڪري درياهه، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي لٿا نهين.

(ڪوهه پاڻي نٿو ڏئي، جو ڏلو ڪوهه ۾ پاڻيءَ تائين لٿو ناهي؛ عاشق کي به معشوق نه وسريو آهي، جو دل تان لٿو نه اٿس؛ ۽ درياهه به پيو دور ڪري، جو لٿو ناهي.)

[١٢٠٨]

گرو: ٻڪري ڦَر نه ڏيوي، روٽي پڪي نه جاءِ
ٻني ٻج نه لاهي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي لڳي نهين.

(ٻڪري ڦر نٿي ڏي، جو لڳي ناهي؛ مائي به نٿي پچي، جو تئي تي لڳي ناهي ۽ ٻني به ٻج نٿي ڏئي، جو چڱيءَ طرح لڳي ناهي.)

[١٢٠٩]

گرو: سالڪ راڳ نه سمجهي، 'سهٽي' پتي نه ماهه
ڪاني ڪيئون بيڪار هي، ڪهو چيلا ڪيس ڳاهه؟

چيلو: گروجي ماتار نهين.

(راڳ سمجهه ۾ نٿو اچي، جو ڪچهريءَ ۾ ماتار ناهي، گوڙ آهي؛ 'سهٽي' به ماهي نٿي پتي، جو پاڻيءَ ۾ ماتار ڪانهي ۽ ڪاني به سڻي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، جو ڪانيءَ کي ماتار (رندو) آيل ناهي.)

[١٢١٠]

گرو: روٽي رُوکيي رَهه گئي، جٽي ڪري نه ڳاهه
بندوق مار نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو، گروجي مڪ نهين.

(ماني رُڪي آهي، جو گيهه جو مـَڪ نه آيو اٿس، جنهنجي ٻ، ٻئر ۾ نٿي لهي، جو تيل جو مـَڪ ناهيس ۽ بندوق ٻـ، مار نٿي ڪري، جو نشان ولـن لاءِ بندوق جي لـاليءَ تـي مـڪـِ ڪاٺهي.)

# باب ٻارهون

## سگهڙپائيءَ جا ٻول

[هن باب هيٺ آيل مواد معنوي لحاظ سان ڇڪ "سوال جواب" واري سٽاءَ ۾ سمايل آهي. شروعاتي ٻول ڇڪ هڪ سوال آهي. مثلاً:

- ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو

—

- چارئي اڇڻ چٽ، چارئي اڇڻ چٽ

—

- پنجئي ايا ڳ، پنجئي ايا ڳ

يعني ته ڪهڙين ٽن شين مان هميشه نقصان آهي؟ ڪهڙا چار اڇڻ خراب آهن؟ ۽ ڪهڙيون پنج شيون لياڳ جون نشانيون آهن؟

شروع ۾ هڪ سگهڙ ان قسم جا سوال پڇيا ۽ پئي ان جا جواب ڏنا، پر پوءِ سگهڙپائيءَ جي ٻولن جي هيءَ جنس عام ٿي ويئي ۽ ساڳئي سگهڙ شروعاتي سوال توڙي جواب وارا ٻول جوڙيا. اهي سوال جواب عموماً ماڻهن ۽ سندن اڇڻن، شين ۽ انهن جي خاصيتن، خوبين ۽ خامين جي بيان ۾ آهن.

هن باب جي سٽاءَ عددن جي ڳاڻيٽي موجب هڪ کان ڏهن تائين سلسليوار رکي وئي آهي، ان بعد ٻارهن ۽ ويهن عددن جا ٻول ڏنا ويا آهن. هرهڪ ٻول جون سڀيءَ سٽ مان اڪثر هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جي پيشي، درست ڪري، متن ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

## هڪ جو عدد

[۱۲۱۱] هڪ چٽي ڪي ننڍ پياري، هڪ چٽي ڪي ننڍ پياري.
نڪو گهر نڪو ترڙ، نڪا گهر واري
هڪ چٽي ڪي ننڍ پياري.

(جنهن کي گهر ۽ ترڙ ۽ نڪا زال، اهو اڪيلو مڙس پلي تي پيو ننڊون ڪري.)

## ٻن جو عدد

[۱۲۱۲] ٻئي نه ٿين، ٻئي نه ٿين.
ٻُرو پيلو نه ٿئي، ڪولو پيلاڙو
گڏهه گهوڙو نه ٿئي، ڪري ڳنگا جهيلاڙو
اهي ٻئي نه ٿين.

(غلام ۽ پيلي قوم جي ماڻهن مان ڪڏهن به چڱائي نه ٿيندي ۽ نه وري خراب، سٺو ٿيندو، گڏهه ڪڏهن به گهوڙو نه ٿيندو، توڙي ڪٿي ڳنگا نديءَ ۾ وهنجي.)

[۱۲۱۳] ٻئي نه هوءِ، ٻئي نه هوءِ.
چنل جٺي پير ۾، گهٽر جهٽر ڪئي جوءِ
اهي ٻئي نه هوءِ.

(چنل جٺي ۽ زال جي گهٽرگهٽر، اهي ٻئي نه هجن ته چڱو آهي.)

[۱۲۱۴] ٻئي وڃوائد، ٻئي وڃوائد.
ڏُٻرو ڏاند، ٻوڪ جو پاند، اهي ٻئي وڃوائد.

(اڀرو ڏڳو ۽ ٻوڪ جو پاڇاٽو حصو، اهي ٻئي هاريءَ لاءِ آزار.)

[۱۲۱۵] ٻئي هڪ آچار، ٻئي هڪ آچار.
۱. ٻاڪرو ڦر ۽ چورو ٻار، ٻئي هڪ آچار.

---

۲. انڌو ۽ اٺ سٿونهون، ٻئي هڪ آچار.

## ڏن جو عدد

[١٢١٦] تيئي رکجين؟ جونا، تيئي رکجين؟ جونا،
(ٽيئي رکجن جدا، ٽيئي رکجن جدا).
ٻلو نه ڀائيجو، ٻيڙي نه رکجي ٻوڻا
استري نون آنٽ نه ڏيجي، تيئي رکجين جونا.
(نکي ڀائيجو گڏ چگو آهي، نکي ٻڪيءَ کي ڀاڻ سان گڏ رهائجي، ۽ نکي وري زال کي پنهنجو منجهه ڏجي، انهن کي ڀاڻ کان جدا رکجي.)

[١٢١٧] تيئي روڳ ري ماسيي، تيئي روڳ ري ماسيي.
(ٽيئي مرض جون ماسيون، ٽيئي مرض جون ماسيون)
اونگهه، آرس، اوٻاسيي، تيئي روڳ ري ماسي.
(ننڊ، سستي ۽ اوٻاسي، اهي ٽيئي مرض جون ماسيون آهن.)

[١٢١٨] ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو.

١. وڙهڻ ويريءَ سان، ڪٿي آڪ سوڙنو
عورت ماماڻل کي، ور ڏيڻ چوٽو
ڏيئي رقم ٿورڙي، ڪنهه ڪنهن ڪوٽو
"احمد" اکيي هوءَ اٽو، ٽنهي مان ٽوٽو. *

---

٢. سمند گهوڙو، شيرو ماڻهو ۽ ڪمذات
ٽنهي مان ٽوٽو

[١٢١٩] ٽيئي ٽول ڏکيا، ٽيئي ٽول ڏکيا.
ڏيڻ، روئڻ، ڏيهه چڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا
سي قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هٿ رکيا.

---

[١٢١٨] چيل احمد مري
* ٻي روايت: واٽي جي هٿ تي هجي وٽ ڪوٽو.

[١٢٢٠] ٽيڻي ٻيٽ ٻارا، ٽيڻي ٻيٽ ٻارا.
ڏند ڀڳا، ڏاڙهي اڇي، وَهن ڳِڳن ٽارا
اهي ٽيڻي ٻيٽ ٻارا.

[١٢٢١] ٽيڻي سي ٽَرڙيون، ٽيڻي سي ٽَرڙيون.
لُوڏي ڀانهن لاڏ سان، هلي ٿي هَرڙيون
مڙس ڇڏي، ميڙي تي سڏي ماهوڙيون سَرڙيون
ڳهڻو ڳالهائي ڳهوٽ سان ڀرين رات پرٽيڻون
ٽيڻي سي ٽرڙيون.

[١٢٢٢] ٽيڻي ڳهٽ نہ چاڻ، ٽيڻي ڳهٽ نہ چاڻ.
حاڪم، ٻاهہ ۽ پاڻي، اهي ٽيڻي ڳهٽ نہ چاڻ،

[١٢٢٣] ٽيڻي ليکيانُ لاهہ، ٽيڻي ليکيانُ لاهہ.
ٽَري چلندي آڪَڙي، ٽيڪر لَڪيءُ ڪاهہ
سِهري ڀَرگهر هَنڊُٽيي، اهي ٽيڻي ليکيانُ لاهہ.

(ڳهوڙي هلندي ٽاپوڪائي، ڪتو ٽانءُ لَڪي، ۽ ٻرائي گهر گهاريندڙ عورت، اهي ٽيڻي ليکي تان لٿا، يعني ڪم جا نہ آهن.)

## چئن جو عدد

[١٢٢٤] چارئي ٻوڙين، چارئي ٻوڙين.
ميڪوماٺو، گونگو مينهن، بيٺل پاڻي، جهَڙ جو ڏينهن
اهي چارئي ٻوڙين.

[١٢٢٥] چارئي تباهہ، چارئي تباهہ.
گهر نينگر ٻوجهہ گهڻو، ڪچي قُلِي ڏُونو واهُ
پائيان وڇوڙو ماهپلي، ميڻهانُ آڳتيو واهُ.

---

[١٢٢٠] چيل خليفو حاجي شيرمحمد، ويٺل خليفن واري ميني، تعلقو ٽنڊو باگو، عمر اٽڪل ٥٠ ورهيہ.

[١٢٢٤] ميڪو = اندر ڪوٺو.

(گهر ذاتي ۽ آن تي ٻار گهڻو، ڪجهه ٻوڪ ۽ خراب واٽ، پيٽ کي پائرن جو وڇوڙو ۽ سيڻهن سان ڪڏ هوا، اهي چارئي چڱ ته تباهه ٿيا.)

[١٢٢٦] چارئي چٽ، چارئي چٽ.

عورت ڇڏي گهر کي، جيڪا گهٽمي گهٽ
راس ٻنان، روڪڙ سوا، جيڪو ڪولي هٽ
ٽيون ڪارو ڪوهه ۽ ڇوٽون ڪوٽو وٽ
اهي چارئي چٽ.

[١٢٢٧] چارئي ڏهنت، چارئي ڏهنت.

آڏ ميڪي و ديا ڏهي، ڏهي ڪنهڏي وير
ڪٽل هيڻ ڪامڻي ڏهي، چنتا ڏهي سريرَ.

(اٺوري سيکيا، بيعقلائي، دشمني، خراب گهر جي عورت ۽ جسم لاءِ گهٽتي، اهي چارئي خراب آهن.)

[١٢٢٨] چارئي ڏڪ، چارئي ڏڪ.

ڪنوٽا ڏاکڻ ڏاکڻو، ڪپيٽرُ ڏاکڻ واڙ
ٻاپ ڏاکڻ ٻهنڙو، گهر ڏاکڻ نار.

(ڪٺن جو بچاءُ مٿان ڏکڻ، ٻنيءَ جو ڏڪ واڙ، پيءُ جو ڏڪ پٽ ۽ گهر جو ڏڪ زال، اهي چارئي ڏڪ آهن.)

[١٢٢٩] چارئي ساکي، چارئي ساکي.
(چارئي شاهد، چارئي شاهد)

ميڻهانُ ساکي مارگنو، سيڻانُ ساکي اڪ
ڏاتار ساکي منگتا، سٿوران ساکي ڏڪ.

(ميڻهن جا ساکي يا شاهد واٽهڙو، سيءَ جا شاهد سڙيل آڪ، سخيءَ جا شاهد منگتا ۽ سٿورن جا شاهد ڏڪ.)

[١٢٣٠] چارئي سڌارين، چارئي سڌارين.

ميينھن سڌاري ٻجلين، سر رو سڌارو پار
پيئو سڌاري ٻاپ تان، گهر سڌاري نار.

(مينھن کي مچائي کينوڻ ۽ تلاءَ کي پري ننڍن، پٽ اوجاري پيءُ کي ۽ گهر اوجاري زال.)

[١٢٣١] چارئي سک، چارئي سک.

پهلا سک نيروگي ڪايا، دوسرا سک گهر ۾ مايا
تيسرا سک سپوتر ناري، چوٿا سک پوتر آگيا ڪاري.

(تندرست جسم، گهر ۾ دولت، سگهڙ عورت ۽ چيوان پٽ، اهي چارئي سک.)

[١٢٣٢] چارئي عقلان ڇور، چارئي عقلان ڇور.

سرمنڊل جي ساز جو، ساندي کهڙو سور
راڳي جي راڳ تي، رڍ نه ريجهي مور
کهڙو قدر ڪافر کي، سندو نبيءَ نور
چٽ نه چائي ڳالهه کي، هر ٿوڪي رڪندو ڏور
اهي چارئي ڇور، عقل کان "علي بخش" چئي.

[١٢٣٣] چارئي اڇن چٽ، چارئي اڇن چٽ.

رن ڪنٽي آگلي، جنهن جو ڪنهي متي ڪٿ
ڪٽا ڪتي ۾ ٿورڙا، لٽي ڏني مت
ڪار نه ڪري گهر جي، اولاٽيو چڏي آرٽ
چنگلايون ڪري چکھ مان، ٻيهي متي هٿ
اهي چارئي اڇن چٽ.

[١٢٣٤] چارئي ٻ وِسهاءُ، چارئي ٻ وِسهاءُ.

وِيچا روڳيي، پنڊا جوڳيي، سورهيان پٽي گهاءُ
ذات ماري ٻيکيا مانگيي، اهي چارئي ٻ وِسهاءُ.

[۱۲۴۰] ڇٽني ڪجي جتن، ڇٽني ڪجي جتن.
ڪاچَ ڪٽورو، ڪيھہ، ڳھڙو، موتي ۽ مَن
يڳا وري نہ ٿھن، تن جو ڪجي جتن.

(شيشي جو پيالو، گيھہ، جو ڳھڙو، موتي ۽ من، اھي چارئي يڳا ته وري سجا نہ ٿيندا، تنھنڪري انھن جي سنڀال ڪجي.)

[۱۲۴۱] ڇٽني وڃي ھاڻ، ڇٽني وڃي ھاڻ.
ڪوري، ڪنڀر، ڪٽڪڙ ۽ ڪاڻ
اٿي ميسڻ، ڇٽني جو وڃي ھاڻ.

[۱۲۴۲] نرڪ نشانيون چار، نرڪ نشانيون چار.
رُڪا پوچن، پٿونءَ ھوڏڻ، ڪرھ ڪميٽي نار
ڇوٽا ميلا ڪپڙي، نرڪ نشانيون چار.

(اٽپو ڪاڏو، زمين تي سمھڻ، جھيڙاڪ عورت ۽ ميرا ڪپڙا، اھي چارئي نرڪ جون نشانيون.)

## پنجن جو عدد

[۱۲۴۳] پنجن ڏئو نہ ٿئي، پنجن ڏئو نہ ٿئي.
ڪالين کي ٻاھہ مان، ميرُوءَ کي ساھ مان
بخيل کي سال مان، عالم کي علم مان
سائل کي خيرات مان.

[۱۲۴۴] ڀانڃي ڏَھت سرير، ڀانڃي ڏَھت سرير.
(پنجڻي جيءَ ڪپائڻو، پنجڻي جيءَ ڪپائڻو)

---

[۱۲۴۲] ٻي روايت:
موت نشانيون چار، موت نشانيون چار.
ميرا لتا، رَڪا ڪاوَڙ، ٻُنھن سُمھي، تڪ تيڪ ڪري لار
اِھي موت نشانيون چار.

(تلوار ٻراڻي يا کيپ ڪتل ۾، گهوڙي جي واڳ ڇنل، زال ڪي ٻراڻو ڪنجرو، مڙس ڪي ٻراڻي پاڳ ۽ گهر ۾ سوير سانجهڻ نه ڇٺي، اهي پنجئي آياڳ آهن.)

[١٣٤٧] پنجئي بدنام، پنجئي بدنام.

ڪابو ڪپڙ ڇيٺو، نر گهوڙو ڪنگام
ڪتره ڪري ڪامڻي، گهر آئي مزمان
ڪانئر پڇي جنگ ۾، گهر هڻي شغان
راجا جڙوت ٻولڻو، اهي پنجئي بدنام.

(ڪابو ڪپڙو ڪاٺي، ڇڪير يا ويڙهاڪ گهوڙو، گهر ۾ آيل مزمان آڏو جهيڙو ڪندڙ عورت، ڪانئر جيڪو جنگ مان پڇي گهر ۾ اچي لاف هڻي، ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ راجا، اهي پنجئي بدنام.)

[١٣٤٨] پنجئي ٻهي ٻير، پنجئي ٻهي ٻير.

ڪوڙو ڏکو سپرو ساڇو، گهوڙو ٻڻ ڪهه ڪيير
رن ڪميڻي مٺور نه مڙي، توڙي لڱنس تيير
ماڻهن منجهه مڇڙو مڙس، سرن منجهه خنزير
اهي پنجئي ٻهي ٻير.

[١٣٤٩] پنجئي ٻيڪار، پنجئي ٻيڪار.

نيچ ڪنڌيو ٻڙڏيو، اوچ ڪنڌي نار
راهه رڙٿو ڏاگهو، ڪتل زميندار
هيڪل هٿ واڻيو، اهي پنجئي ٻيڪار.

(ڪنڌ هيٺ ڪري هلندڙ ڏگهو، ڳاٽ مٿي ڪري هلندڙ زال،

---

[١٣٤٧] ٻيون روايتون:

١. سپاهي رڻ نه چڙهي، گهر هڻي شغان. شغان = ٻٽاڪ، لاف.

٢. چاڪر رڻ نه چلئا، گهر ڪري ڪلام.

راهه ۾ رڙندڙ آٿ، ڪٽنل زميندار ۽ سَيج ۾ هٿ وارو وانيو، اهي پنجئي ٻيڪار.)

[١٢٥٠] پنجئي ٻي ميار، پنجئي ٻي ميار.

هڪ انڌو، ٻيو پوڙهو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار
پنجون بيمار، اهي پنجئي ٻي ميار.

[١٢٥١] پنجئي ٻڌا چڱا، پنجئي ٻڌا چڱا.

هٿ، چٽ، ڦٽ، سَر، سَوٽر
پنجئي ٻڌا چڱا.

[١٢٥٢] پنجئي ڀڪن، پنجئي ڀڪن.

جوان مڙس، گهٽو حرص، ٻيا چيله، ٽَڪا چيٽڪن
مٽوٺهيون سنگهارن ڪوڙيون، وِچٽَن مينهن وَسن
اهي پنجئي ڀڪن.

[١٢٥٣] پنجئي ياڙي، پنجئي ياڙي.

پاڻ اڇا ڪپڙا ڪري، گهر ۾ جوءِ آڳهاڙي
ڪم پئي هڪل ڪجي، تڏهن ڪنهي ڪياڙي
آڻ ڪوليو آتي وجي، هٿي ڏهل تي تاڙي
عقل جو ايلپهنوار، گهٽي هٿي چاڙي
پنهنجي ڏاهي جهوپڙي، پرائي ڏسي ماڙي
اهي پنجئي ياڙي.

---

[١٢٥١] ٻي روايت: ٽيئي ٻڌا چڱا، ٽيئي ٻڌا چڱا.
چٽ، ڦٽ، وهٽ، ٽيئي ٻڌا چڱا.

[١٢٥٣] ٻيون روايتون:

١- ري سڏيو پرائي دهل تي، نچي ۽ هٿي تاڙي
ڳالهه ڏانءَ لئه اچيس، هٿي سڪڻي چاڙي
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٥٢)

[۱۲۵۸] پنجئي جنگاڻي مرڻا، پنجئي جنگاڻي مرڻا.

دوست دشمن ڪئون نہ پرکڻا
وڏي مرتبي مليئي سنگت نہ سڃاڻڻا
مايا هٿ آئيي، ڏکئي ڏينهن ڀلاوڻا
ڪچهري وچ وڏي ننڍي ڪئون نہ ڏيکڻا
وڏيا پاوڻ سئون، وڏي ڪئون مورک سمجهڻا
اهي پنجئي جنگاڻي مرڻا.

[۱۲۵۹] پنجئي چريا، پنجئي چريا.

هڪ چريا شينهن کهن، ٻيا چريا وَرن واهه
ٽيا چريا جوين ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياء
ڪکر ٻنا مينهن آيو، اهي پنجئي چريا.

[۱۲۶۰] پنجئي ڏمي لُچ، پنجئي ڏمي لُچ.

چَنبو چوڪر، چري جوء، ڏاڙهي هيڙهي ٻُچ
داڻا دلي ۾ ڊيهه گڏئي، مينهن مُور نہ ڪري وچ
اهي پنجئي ڏمي لُچ.

(ٽياکو چوڪر، چري زال، ڏاڙهي هيڙهي (ٻکي) جي ٻُچ جهڙي سنهي ۽ ڊگهي (ٻنجي)، آڻ هوئي ني آکڙ گهڻي ۽ مينهن وچ نہ ڪري، اهي پنجئي ڏمي الدر سڙي.)

[۱۲۶۱] پنجئي ڏک جا ڏار، پنجئي ڏک جا ڏار.

واريء سندو ٻنڌڙو، متي مٽان ٻار
تيرڪريا سجي ٻنڌ ۾، آٿ متي هموار
سڙس هجي پيرمرد، ننڍي هجي نار
ڪيسٽ پُٽرن وارو، تنهن ۾ ٻوڪٽ گوار
اهي پنجئي ڏک جا ڏار.

[۱۲٦۲] پنجئي رهن مٺا، پنجئي رهڻ مٺا.

آمل رَس، ڏاکڻ منڊ، چوري ۽ جوا
پَرگھر هينڊِي ڪامڻي، اهي پنجئي رهن مٺا.

(آمل جو نشو، ڏائڻ جو جادو، چوري ۽ جوا، اهي چارئي مرد کي مارين، ۽ پنجين ٻاهر پيري عورت، اهي پنجئي مٺا پلا.

[۱۲٦۳] پنجئي سرڳ دُوار، پنجئي سرڳ دُوار.

ڪٽ وڃڻ، گھوڙي چڙهڻ، گھر ۾ لَجَوَنتِي نار
ھُراٿي ڪٽڪ، لئون گيهه، پنجئي سرڳ دُوار.

---

[۱۲٦۲] ٻيون روايتون:

۱- تُرڪ تجاري واڻيو، چوري ۽ جوا
پرگھر هنڊڻي ڪامڻي، پنجئي رهن مٺا.

۲- پنجئي مٺا، پنجئي مٺا.

ڪشن ڪمان، پون ضمان، ڪرڻ زنا
تپڻ ڪوها، رهڻ جوا، اهي پنجئي مٺا.

[۱۲٦۳] (بهشت برابر يا سُک ۽ خوشي جون نشانيون.)

ٻيون روايتون:

۱- ڪٽڪ پراڻي، گيهه لوان، تِيي لجاولتي نار
تُري تهاوڻ، سيج لهڻ، پنجئي سرڳ دُوار.

۲- بهشت نشانيون چار، بهشت نشانيون چار.[؟]

اڇا ڪپڙا، تازو گيهه، ڪڻڪ پراڻي، گھر ۾ سُنَڪي نار
اهي بهشت نشانيون چار.

[١٢٦٤] پنجئي سهنج، پنجئي سهنج.

١. گهر ڏيٺو، ٻنڌپ ٻاجهري، گاهه ڪاڻي، گهر گنج
ٻانر، ٻٽ ڇٽي ٻه، اهي پنجئي سهنج.

--

٢. گهر نديءَ ڪناري، ڪاليون سوڙهيءَ سنجهه،
نار سٽالڪٽي گهر ٻه، ٻيٺا هنجنس هنج
تازي هجي ٽڙي، متس سونا سنج
اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] پنجئي ڪنهي ڪن لاهه، پنجئي ڪنهي ڪن لاهه.
پنجئي ڪتيا پلا، جي نه ڪنبا ته وڏاهه(١)
گڏهه، گولو، ڍول، ڪاڪر ۽ ڪپاهه،
اهي پنجئي ڪنهي ڪن لاهه.

---

[١٢٦٤] (١) ٻيون روايتون:

١- اول ندي آب جي، گاهه ڪاڻي، گهر گنج
وٽ ڪيتي، گهر ولوڙو، اهي پنجئي سهنج.

٢- گهر ندي، ٻنيي گاهه، ڪاڻي ڦانگو گنج
سونا مينهن در تي، سندر ناريءَ ٻيٺو هنج
اهي پنجئي سهنج.

٣- در اڳيمنون کيتي، ٻنيي اندر کوهه
ٽري تازي هيٺون، جا ريجهائي روح
گاهه ڪاڻيون گهر گنج، اهي پنجئي سهنج.

٢- ٻي روايت: گهر ندي ڪناري، ڪاني پاڻي گنج
چتيهه لکڻي ڪامني، ٻيٺو سونهس هنج
پلو گهوڙو چڙهيءَ هيٺ، اهي پنجئي سهنج.

[١٢٦٥] ٻي روايت: پنجئي ڪتيا پلا.
گولو ۽ گڏهه، ڪاغذ، مڇ، ڪپاس
تن ۾ کر تپاس، ته اهي پنجئي ڪتيا پلا.

(١) وڏاهه = نقصان. ڍول = ڍ ُهل.

[١٢٦٦] پنجئي ڪئي ٻري، پنجئي ڪئي ٻري.

ڏڏو گھوڙو، ڪنڌ ڏڦجھٹو، ٽيو جو منھن تي ڪوڙ ڪري
چوٿين چنبي رن ڇاڪلي، جا ڏيرھن تال ڪري
پنجون پُرس ملميت، جو ڳانڍو ڳلا ڪري
اھي پنجئي ڪئي ٻري.

[١٢٦٧] پنجئي ڪم ڦوٽَ، پنجئي ڪم ڦوٽَ.

ڪوٺ ٻراٿو، پُٽي ڪيستي، لوھ ڀڃي سالي لت
واريءَ ٻنڌ، ڪُراڙي زال، پنجئي ڪم ڦوٽ.

[١٢٦٨] پنجئي گردن ٻار، پنجئي گردن ٻار.

ٻُچ مروڙيو ڍڳو، ڏُن آکھاڙي نار
چتين چنو موچڙو، مٿي وارو ٻار
واريءَ سندو ھنڌڙو، اھي پنجئي گردن ٻار.

(ڍڳو جيڪو ٻچ مروڙڻ کان سواءِ نہ ھلي، ٻاڻ نہ ڏيکيندڙ عورت، چتين لڳل ۽ چنل جتي، مٿي تي پيري ۽ واريءَ جو ٻنڌ، اھي پنجئي سِر تي ٻار آھن.)

[١٢٦٩] پنجئي گردن ٽوڙ، پنجئي گردن ٽوڙ.

مرد ڪراڙو، عورت جوان، ھي ٻہ نہ جُڙندو جوڙ
ڇيلا ھزارين ڪيا، تہ ٻہ اٿھ جو نہ ڀڏيو ٽوڙ
چوٿون ماني جَوَن جي، ۽ پنجون ٽيلھي مجيءَ ڀوڙ
اھي پنجئي گردن ٽوڙ.

[١٢٧٠] پنجئي ڪِڪِن ڪور، پنجئي ڪِڪِن ڪور.

پٽنگ ۽ ٻروالو، ڪن آگ مٿي اور
جيئن ٻؤنر ڦيري ڪُلل لاءِ، چنڊ آئي چڪور

[١٢٧٠] ڪڳن ڪور = ڪڪر وانگر آزاد ڦرن يا مانوٹ جي منڊ ۾ مست ڦرن.

تاڙو تنواري، تنهن جي تڪ ۾ آهي تـور
اهي پنجئي ڳڪن ڳور.

[١٢٧١] پنجئي ڳيڻوار، پنجئي ڳيڻوار.
چلو ميرون ڏينهن ٻچڙي، ڪُڪڙ سانجهيءَ وار
جوءِ ڀرائپي ڦڪڙيـنِ، مـرد نـہ لهي سار*
پُرس ڀـراوا قـرض ڪٽي، ڪري وڏا آهڪار
جو ويلي مت سمهي رهي، اهي پنجئي ڳيڻوار.
(چلو = هڪ قسم جو جانور. ٻچڙن = ڀرڀرو ٿي گهمڻ.
آهڪار = ٻناڪون. گينوار = مست، چريا.)

[١٢٧٢] پنجئي ڳهنگهر ڳهور، پنجئي ڳهنگهر ڳهور.
ڪنڌ ناهي راڳـب ڪري، مت پڪيڻو چور
ڪائي اک ڪجل پائي، انهي-نڪ ڏني طنبور
ڪيست ٻوڪن ڏور، اهي پنجئي ڳهنگهر ڳهور.

---

[١٢٧١] ٻي روايت:
ڏيهان چلو مرون، راتيـان ڪڪڙ وار
لـار ڀـرائـي ڪاڄ ۾، وڃي ڪُران ڏار
قـرض ڪٽي ڪاوڙ ڪري، ايڏي سان اختيار
ويني مت سمهي رهي، اهي پنجئي گينوار.
*ٻي چوٽي: "ڀراون ڀاڙن ۾، جا نيت نيت وڃي نار."
[١٢٧٢] ٻيون روايتون:
١- ڪنڌ ناهي راڳب ڪري، مت ناهي چـور
ڪائي اک ڪجل پائي، ٻنان نڪ طنبور
ٻُڍي ڏاڙهي هٿ هٽي، ۽ ڏئي مڇ مروڙ.

---

٢- ڪائي اک ڪجل پائي، ٻني-نڪ ات پائي ليور
ڪت ڀاهـران راڳـب ڪري، چت ڀاهران چـور
خُسرو ڏاڙهيءَ هٿ هٽي، شوق واجهيو منجهان شعور.

(ڪنڌ = ڳلو (آواز) - مَت ڦڪيٿو = ٿوري عقل وارو- ڏئي طنبور = چوٽيءَ تي هٿ هڻي)

[١٢٧٣] ٻنجهي ڳهڻوڇائيي، ٻنجهي ڳهڻوڇائيي.

١- ري ڪوڏر ٻنيي وَلهي، ري ڏاڻهي ڳاهيي
ري ٿاٽي شهر ڪهي، ڏئي آڻ ٻجهي اوڳاهيي
ليجي وِهي، آڏچيءَ موٽهي، اهي ٻنجهي ڳهڻوچائي.

---

٢- ٻي ڪَنا راڳ ڪري، ڪاٽي آمل ڏئي اوڳاهيي
اڻ موچيو ڪلام ڪري، مورڪ مت نہ ڪائيي
دشمن کي ڏئي مَنڌ سپڪائيي، اهي ٻنجهي ڳهڻوچائي.

[١٢٧٤] ٻنجهي لَچوَنٽ، ٻنجهي لچوَنت.

ٻهريون ٻاڙو جو رکي، ٻيو ٻَڌي هيٺن سان هٿ
ٽيون سورهيہ سِر جو، چوٿون ٻاري ٻَت
ٻنجون لڙي ڪنڪ، جو ڏي هٿ رعيت
اِهي ٻنجهي لچوَنت.

(ٻهريون جيڪو ٻاڙي جي ٻت رکي ۽ ٻاڙي سان رهائي، ٻيو جيڪو هيٺن جو همراهہ ٿئي، ٽيون سرويچ هجي، چوٿون

---

[١٢٧٣] ٻيون روايتون:

١- ريءَ ڪوڏر ڪاٽي ڪٽي، ريءَ ڏاٽي لائيي
ٻريءَ مٿ سمهي رهي، ڏي اڻ ڏني اوڳاهي
جنهن مڙس جي ڳالهہ نہ ٻري، اهي ٻنجهي ڳهوچائي.

٢- ريءَ ڪوڏر ڪڙمي، ريءَ رَنبي ڳاهيي
جيڪو مٿ ويني سمهي، ڏئي اڻ ڏني اوڳاهي
ٻنجون ليچي وِهي ٻاڻ، ۽ اوچا ڪري راهي
اهي ٻنجهي ڳهوچائي.

جيڪو ڪارڻ رکي، ڀنجون راجا لشڪر ۽ وڏهي ۽
